


جوڳيِ جادوُ لائي ويا

منوهر بيدي

جگديش لچاڻي

جوڳِي جادوُ لائِي ويا

(ٽيلي - سيريل اسڪرپٽ : ١٣ ڪڙيون)

رچناڪار :

منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

پرڪاشڪ :

وديا پبليڪيشن

٨، جي، اپارٽمينٽس، الهاسنگر ٤٢١٠٠٣

ڪتب

JOGI JADU LAE VIYA

(Tele - Serial Script : 13 Episodes)

Authors : Manohar Bedee & Jagdish Lachhani

Publisher : Mayuri Kamlesh Lachhani B. Com

8, Jai Apartments, Ulhasnagar - 421 003

Tel : 70103

Printer : Madhawdas J. Chhatani (Achhra)

Shree Geeta Printing Press,

Ulhasnagar - 421 003 (Phone : 71016)

Sole Agent : Jagdish Book Depot

Ulhasnagar - 421 002

Date of Publication : 20th Nov. 1987

Price : Rs 40/-

مهاڳ

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شخصيت جا انيڪ پهلو هئا ۽ انهن انيڪ پهلن جي مجموعي تصور جو جيڪڏهن هڪڙو نالو منتخب ڪجي ته اهو ٿيندو ”رام پنجواڻي“. انهن مڙني وصفن جو هڪ هنڌ وجود ۾ اچڻ، قدرت جو هڪ انوکو عمل هو ۽ اهو عمل پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي معرفت ئي حقيقي صورت ۾ نمودار ٿيو. ان ڪري پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شخصيت جي جيڪڏهن صحيح ڪٿ ڪرڻي آهي ته هن کي مجموعيت جي نقط نظر سان پرکڻ گهرجي ۽ نه هڪ هڪ وصف جي الڳ جائزي واري طريقي سان. پروفيسر رام پنجواڻي هڪ اهڙي هستي هو، جنهن جي جادوءَ جو مدار ڪنهن به هڪ وصف تي نه هو، بلڪ سڀني وصفن جي مجموعي تاثر تي مبني هو. رام پنجواڻيءَ لاءِ اهو چوڻ ڪافي نه آهي ته هو هڪ اعليٰ درجي جو اديب هو، روشن - دماغ انسان هو، نرالو تعليمدان هو، سر ۽ سنگيت جو سهرات هو، تقرير جي فن جو استاد هو، اسٽيج چاهي فلمن جو اثردار اداڪار هو، ملڪ جي تال جو بي مثل فنڪار هو، نرتيه ۽ لوڪ - ڪلا جو دل لڀائيندڙ ڪلاڪار هو، سنڌيت جي محبت جو مجنو هو، پرماتما جو پورن ڀڳت هو، درد مند دل وارو، دشمن جو به دوست هو، تنگ - دست مسڪينن جو مددگار هو، ٽنيءَ ٽڏيءَ ڪاهي پوڻ وارو ڪرم - يوگي هو ۽ وغيره وغيره - وغيره وغيره! جيتوڻيڪ هر کيتر ۾ رام پنجواڻي پنهنجو ثاني پاڻ هو، پر تڏهن به جيڪو گهرو پرڀاءُ رام پنجواڻيءَ پيدا ڪيو، سو انهن وصفن جي الڳ الڳ عظمت سبب نه، پر سڀني وصفن جي ملئل جهليل مڪمل تاثير سبب. انهيءَ ڪارڻ ئي رام پنجواڻي هڪ علحدي

گيتڪار

جن جا گيت، پڙ، سلوڪ، وايون، ڪافيون، بيت، ڏوهيڙا، وچن وغيره "جوڳي جادو لائي ويا" ۾ ڏنا ويا آهن.

١. شاهه
٢. سچل
٣. سامي
٤. ظفر
٥. نرسي مهتا
٦. نُوري
٧. سانگي
٨. اُميد علي
٩. بهاول
١٠. آغا
١١. سنتا
١٢. نيوند
١٣. چندر
١٤. رانجهن
١٥. دريا خان
١٦. بيوس
١٧. شيخ اياز
١٨. نارائڻ شيام
١٩. دڪايل
٢٠. دلگير
٢١. وفا
٢٢. رام
٢٣. ارجن شاد
٢٤. منوهر بيدي

تصنيف مان ظاهر آهي ته ڪين انهن سڌانتن جي پوري ڄاڻ آهي.
ٽيلي - فلم پروڊڪشن جو علم ۽ آزمود وهن ڪيتري قدر حاصل
ڪيو آهي، تنهن جي مونکي خبر نه آهي. مونکي لڳي ٿو ته
عملي سطح تي ڪٿي ڪٿي نظارن ۽ وارداتن کي ڪجهه تبديل
سان ملائي ڀارڻ جي شايد ضرورت پوي. ٻهرحال، هن جي
لکڻ جي ڍنگ مان هڪ مخصوص فن جون خصوصيتون چٽيءَ
طرح ظاهر ٿي بيٺيون آهن ۽ ائين پيو محسوس ڪجي گويا اسين
جيئري جاڳندي ڪلپنڪ ٽي - وي اکين اڳيان ڏسي رهيا
آهيون. هن ٽي - وي سيريل ۾ ليکڪن جي تحقيقي ڪاوشن
جي به چٽي تصوير ملي ٿي. پنجواڻيءَ جي زندگيءَ ۾ سنڌ کان
وٺي جي جدا جدا واقعا ٽيا آهن، تن جي معلومات هٿ ڪرڻ
۾ هن ڪافي سرجوشي ڪئي ٿي ڏسجي. پنجواڻي صاحب جي
زندگيءَ جي ڪتاب ۾ اڪيچار ورق شامل آهن. انهن جو اڀياس
ڪري تحريري صورت ڏيڻ ۾ جگديش ۽ منوهر جي هيءَ پهرين
قسط سمجهڻ گهرجي. مونکي اميد آهي ته هو اهو سلسلو باقاعدي
قائم رکندا ايندا.

پروفيسر رام پنجواڻي شخصي طور سنڌ توڙي هند ۾
ڪاميابين جي سرفرازين تي پهتو. ٻئي طرف هن صاحب جون
مشغوليون اهڙي قسم جون هيون، جن ذريعي هن جاتيءَ لاءِ
ايترو ڪجهه ڪيو جو انيڪ سنستائون گڏجي به نه ڪري سگهن.
هند ۾ چاليهه سال سانده سنڌيت جي فضا پيدا ڪرڻ ۽ ان
کي لڳاتار قائم رکڻ ڪا رواجي ڳالهه ڪانه آهي. هن اهو ڪم
اڪيلي سر پاڻ تي هموار ڪيو. هو برابر هڪ جوڳي هو، جنهن
پنهنجي آسائش جو خيال ترڪ ڪري، جاتي ۽ قوم جي ترقيءَ
جي ڏس ۾ ڏينهن رات هڪ ڪيو. سنڌي سنسڪرتيءَ جي
حفاظت لاءِ سندس بي مثل امداد ڪي هڪ تواريخي اهميت

قسم جو فرد هجو، جنهن جهڙو سنڌي جاتي نه ڇا ٻالڪ ٻيءَ کنهن جاتيءَ ۾ به ڪونه نظر ايندو!

”جوڳي جادو لائي ويا“ ۾ پروفيسر جگديش لڇاڻي ۽ منوهر ٻيدي ”عاجز“ ٽيلي - سيريل اسڪرپٽ جي ٽيڪنيڪ کي اپنائيندي، هڪ اهڙو ادبي ماحول خلقيو آهي، جو ان ڪتاب کي دلچسپ هڪ طرف ته بڻائي ٿو، ته موضوع جي مطابقت ٻئي طرف ٿو عطا ڪري. سندن لکڻيءَ ۾ صداقت جو جذبو بخوبي عيان آهي ۽ تفصيل جي تصويرڪشي نهايت موثر نوع ۾ پيش ٿيل آهي. ”جوڳي جادو لائي ويا“ ۾ جي جدا جدا درشيه ڏنا ويا آهن، تن مان لاشڪ پنجواڻيءَ جي شخصيت ۽ ڪارگذاريون اجاگر ٿي بيٺيون آهن. پنجواڻي صاحب بنيادي طور هڪ اديب هو ۽ هن جي شخصيت بابت لکڻ لاءِ اديباڻي طرز ٿي موزون آهي. مون سندس ادبي امداد جي باري ۾ کنهن ٻئي هنڌ مضمون لکندي ڄاڻايو آهي ته پنجواڻيءَ جي شخصيت ۾ گوناگونيت هئي، پر ان گوناگونيت اندر هڪ هم - رنگ سوٽر موجود هو ۽ اهو سوٽر هو سندس ادبيات. هو ادب سوچيندو هو، ادب لکندو هو، ادب ڳالهائيندو هو ۽ ادب ڳائيندو هو. ادب هن جي زندگيءَ جو تاڃي پيٽو هو.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شخصيت بابت ڪيترن ئي ليکڪن پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا آهن. پروفيسر جگديش لڇاڻي ۽ منوهر ٻيدي ”عاجز“ جو گڏجي قلمبند ڪيل هي ڪتاب ”جوڳي جادو لائي ويا“ ٽيلي - اسڪرپٽ جي صورت ۾، پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي شخصيت تي هڪ انوکي رچنا آهي. سنڌيءَ ۾ ان قسم جي تخليق پهريون ئي دفعو شايع ٿي آهي ۽ اهڙو تجربو پيش ڪري، هنن ان ۾ هڪ نئين صنف - سخن جو بنياد وڌو آهي. ٽيلي - اسڪرپٽ جي فن جا ڪي خاص اصول ٿين ٿا. سندن

پنهنجي پاران

”جوڳي جادو لائي ويا“ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي تصوير آهي. هن تصوير جون لڪيرون اسان ٻنهي دوستن گڏجي ڪڍيون آهن، تصوير ۾ رنگ به اسان ٻنهي گڏجي ڀريو آهي. ڪيترين ٻين ڪن ۽ ٻڌن جو قول آهي هيءَ رچنا. هيءَ رچنا رام پنجواڻيءَ جي جيوني آهي. سانسڪرتڪ، سنگيتڪ ۽ ساهتڪ. رام مثالي حياتي گذاري. هن چاهيو ٿي ته هو نچندي نچندي هيءَ دنيا ڇڏي ۽ ٿيو به ائين ئي. اسان هنجي چهري تي نه ڪڏهن غصو ڏٺو ۽ نه گهنج. سدائين پيو کلندو ۽ کلائيندو. جنهن محفل يا پروگرام ۾ پنجواڻي هوندو هو، انهي رونق ئي ڪجهه اوُر هوندي هئي. پروگرام ۾ چار چنڊ لڳي ويندا هئا، محفل ٻهڪي اُٿندي هئي. سندس شيرين زبان سڀني تي جادوءَ جهڙو اثر ڪندي هئي. پروگرام هلندي هئن نه صرف عوام درشڪن کي پاڻ سان گڏ نچايو پر وڏن سنڌي - اَسنڌي سياستدانن کي به جهومايو. اهڙي شخصيت وارا شخص ڏاڍو مشڪل سان هن ڌرتيءَ تي پيدا ٿيندا آهن ۽ جاتي اهڙن شخصن تي جيترو ناز ڪري، ٿورو آهي.

هيءَ اسانجي دادا رام پنجواڻيءَ کي گڏيل شرڌانجلي آهي. اسان جي خواهش ته سندس حياتيءَ ۾ ئي، هيءَ شرڌا جا قول سندس چرڻن ۾ رکڻ جي هئي پر چوندا آهن Man proposes God disposes. اُهي شرڌا جا قول هينئر اسين شرڌانجليءَ جي روپ ۾ سندس ٧٦ ين جنم ڏينهن تي پيش ڪري رهيا آهيون.

اسان فيصلو ڪيو آهي ته هر سال هڪ اهڙي سنڌي سڄڻ جي جيوني ۽ ڪارج ٽيلي سيريل اسڪرپٽ جي روپ ۾ پيش ڪنداسين، جنهن اسان سنڌين جي ويچار ۽ وهنوار ۾ هڪ شڀ ۽ منگلمئه ڦيرو آندو هوندو.

آهي. هن جي يُگ کي ”رام ڀڳوانءَ جو يُگ“ چئجي ٿو، ان ۾
وڌاءُ نه ٿيندو. اهڙا عظيم انسان ور ور ڪري پيدا نه ٿيندا
آهن. مان جڳديش ۽ منوهر جي لفظن سان شامل راءِ آهيان، جي
هنن ڪتاب ۾ هڪ سوترڌار جي واتان چوايا آهن: ”پرماتما
ڪن انسانن کي سنسار ۾ ڪنهن خاص ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليندو
آهي. ان ڪري ئي چوندا آهن ته ”ڪري مٿان پر ڪنهن جي
هٿان“ رام به اهڙن انسانن مان هڪ هو. پر پرماتما ڪيس هڪ
نه بلڪ انيڪ ڪمن ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ موڪليو هو. رام ۾ جيڪا
وچتر ۽ اسيم ڪاريه - شڪتي هئي، ان جو ڪارڻ اهو ئي هو.
جسم ڀراهر رام جو هو، پر ان ۾ شڪتي، يوگيتا ۽ پرڀاءُ سدائين
پرماتما پرپندو رهندو هو.“

ارجن شاد

بمبئي - ۱۴ نومبر ۱۹۸۷

۱۰ هرڪا ساجن جي گهر ويندي !

جوڳي جادو لائي ويا - ڪمد ڀريون

اول خبر، جي مالڪ چاهيو ته اسان ايندڙ سال ٢٥ نومبر ١٩٨٨ع تي سنت شروميڻي ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي جيون ۽ ڪاريه تي آڌار رکندڙ اسڪرپٽ شايع ڪنداسين.

ٽيلي سيريل اسڪرپٽ ڇو ؟

هاڻي سوال ٿو اُٿي ته اسان پنهنجي مقصد جي پورائيءَ لاءِ ٽي. وي. ٽيڪنيڪ ڇو اپنائي ؟ ان جو مختصر جواب آهي وقت جي تقاضا. اڄ جو زمانو صرف ڪتابن پڙهڻ يا ريڊيو ۽ ٽيپس ٻڌڻ جو نه آهي. اڄ جو زمانو آهي ڏسڻ - ٻڌڻ جو يعني ٽي. وي. ۽ ويڊيو جو. ٽي. وي. ڪيترو زوردار ذريعو آهي، ان لاءِ ثابتي ڏيڻ يا دليل ڳڻائڻ جي ڪائي ضرورت ڪانهي. اڄ اسان کي پنهنجو پرچار پاڻ ڪرڻو آهي. ٻيو ڪوئي واندو ڪونهي جو اسان سنڌين جي گڻن، ڪلائن ۽ مهان هستين کي ويهي پڌرو ڪرڻ جي تڪليف گوارا ڪري. پنهنجون ڪلائون اسان کي پاڻ دنيا جي اڳيان رکڻيون آهن.

اسان جي خواهش آهي ته سنڌي ڪلائون، سنگيت، گيت، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ پريم ۽ مهان هستين جا جيون ڪاريه دلچسپ نموني عام جنتا اڳيان رکون. ان لاءِ هڪ ئي ماڌيم آهي ٽيلي سيريل. جيڪڏهن ڪي سڄڻ ٽيلي سيريل ناهڻ جو ڪم هٿ ۾ کڻن ته اسان اُنهن سان پورو پورو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. اسان هڪ ٻي ڳالهه به هتي چٽي ڪرڻ ٿا چاهيون ته هن اسڪرپٽ کي اچا به چست ۽ روچڪ بڻائي سگهجي ها پر جيئن ته هيءَ اسڪرپٽ ڇپائڻي هئي، ان ڪري ڪي ڳالهيون ڇڏيون ويون ڇو ته اهي فقط شوٽنگ اسڪرپٽ لاءِ ئي هونديون آهن ۽ ڪي ڳالهيون لکڻيون پيون ڇو ته اسڪرپٽ ڪتابي صورت ۾ شايع ٿي رهي آهي.

پروفيسر جڳديش لڇاڻي

درشيه : ڪشمير کان پوٽان ٽائين ڦهليل، پهاڙن جي قطار طرح طرح جي گلن سان ان طرح سنواري پيئي آهي جو ان کي قدرتي گلدستو چوڻ تي دل پيئي ٿئي. گلن جي ماڪيءَ مان اکيون، سونهن ۽ جوڀن جي مدرا پي رهيون آهن. اوچتو وايو منڊل گيت سان گونجڻ لڳي ٿو.

دور کان پهاڙ، گل ۽ اُفق جا رنگ قدرت جي بيمثال سونهن کي سايا بڻائي رهيا آهن.

گيت: دنيا توسان ڳائي پيئي، تون دنيا سان ڳائين پيو
ڪٿي هٽين پيو هنبو شيشي، ڪٿي ڇير ڇمڪائين پيو

درشيه : ميرانجهري انڌيري ۾ سمنڊ جون لهرون ڇپن سان سر ٽڪرائي رهيون آهن. هرهڪ لهر بيقراريءَ جي تصوير آهي.

گيت : ڏيئي ڏک سڄيءَ ڌرتيءَ کي
ڪيڏانهن هليو وئين او رام!
ڇو هيٺين نٿو ٿئين او رام؟

درشيه : چمڪندڙ ڪاري شيشي جهڙي رستي جي ٻنهي پاسن کان ڊگها ڊگها ۽ گهاٽا گهاٽا وڻ آهن. رستي تي روشني نه جي برابر آهي، پر اکيون ڪائي عجيب چمڪ محسوس ڪري رهيون آهن. جيئن جيئن ياترا اڳتي ۽ اڳتي ٿيندي ٿي وڃي تيئن تيئن اندڪار وڌندو ٿو وڃي.

اوچتو وڻن جون ٽاريون مٿي ان طرح پاڻ ۾ آمهون سامهون ملي ويئون آهن، جڻ هاٿي وڻن جي غفا مان ياترا ٿي رهي آهي. ڪجهه ڪجهه خوف جو احساس ٿي رهيو آهي. اندڪار ۾ پاڻمرادو ڪي اهڙيون شڪليون ٺهي ٿيون وڃن، جيڪي خوف پيدا ڪن ٿيون. اوچتو سامهون هلڪو پرڪاش محسوس ٿئي ٿو. پرڪاش وڌيڪ چمڪدار ٿئي ٿو. اهو وڻن جي غفا جو منهن آهي. منهن کليل ڪونه آهي. اُتي مڪڙيءَ جي جاريءَ

گيت

١. ٻوند وڃي ساگر سان ملي	منوهر ٻيدي
٢. ٽي لهرن ٽي سوار	منوهر ٻيدي
٣. اسان ٻيو ڪنور وڃايو	منوهر ٻيدي
٤. سيوا ڪر سمنڊ جي	شاه
٥. پار پهچائيندو جهولي لال	رام

پاتر :

رام
مانجهي
ڀڳت ۽ سندس ساٿي
درشڪ
سوترڌار.

ڪال نہ ميٺي سگھندو تو جا ڪئي امول ڪمائي
هرڪا ساڄن ...

درشيہ : سيتا سندو پون جي هلڪي جهلڪ اکين جي اڳيان
ڦري ٿي وڃي. هڪ ڪمري ۾ ڪئين سنڌي ساز پيا آهن.
جهولي لال جي وشال مورتي من ۾ آتم وشواس پيري رهي
آهي.

گيت : لال اُڏيري، جوتين واري درياشاه جا پوڄاري
تو اونده سان پريل دلين ۾ جوت اُميدن جي ٻاري
گھرجائن لاه پڳتيون پاتئہ
ڦيريون پائي ڦرنا لاتئہ
جهولي جهولي لال اُڏيرو- گھر گھر سڏ لڳائي
هرڪا ساڄن ...

درشيہ : وايو منڊل ۾ جهولي لال آيو لال جي ڏني گونج لڳي
ٿي. امر لال جي وشال مورتيءَ جي اڳيان رام نچي رهيو آهي.
اُڏيري لال جي مورتيءَ جون ڪروڙامہ اکيون جڻ ڪرپائون
وسائي رهيون آهن.
اَٿاه سمنڊ ڇوليون ماري رهيو آهي.
هڪ ٻيڙي ڏيري ڏيري تري رهي آهي.
ٻيڙيءَ ۾ ويٺل مانجهي ونجهو هلائي رهيو آهي ۽ ڳائي ٻہ
رهيو آهي.

گيت : هئيا هو هئيا
هئيا هو هئيا
ٿي لهرن تي سوار
سيگهہ ۾ پهچ وڃي هن پار!
دولهہ جا او دلبر سوڍل
لري ٻين کي تار

وانگر چمڪيليون تارون نظر اچي رهيون آهن. هڪ پرڪاش-
بندو انهن تارن تي ٽڪي رهيو آهي. ترڪي ترڪي آخر اهو
بندو ڇاري؏ جي وچ ۾ اچي بيهي ٿو رهي. بندو وڏندو وڃي
ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ ڪجهه ڪجهه ڳاڙهو ٿيندو ٿو وڃي.

آڳاه سمنڊ مان لال ٽڙل سورج ٻاهر نڪري رهيو آهي. هاڻي
سورج وشال لاٽ وانگر لڳي رهيو آهي.

گيت : بوند وڃي ساگر سان ملي ۽ جوت ۾ جوت سمائي
هرڪا ساجن جي گهر ويندي جا دنيا ۾ جائي
ري پائي، جا دنيا ۾ جائي.
ساگر جي لهرن کان پڇ يا آسمان جي تارن کان
گلن ڦلن کان پکين پڻن کان پل وٽ حال نظارن کان
سڀني جي هڪ ئي آڪاڻي
سڀني جي آ هڪ ئي واٽي
سمجهائي آ آد جڳاد کان سڀني ڳالهه اِها ئي
هرڪا ساجن ...

درشيہ : آڳاه ساگر جي ڪناري تي دور دور تائين گلن جي
قطار نظر اچي رهي آهي. هوا جي جهوٽن ۾ لهرون ۽ گل من-
موهڪ نرتيہ ڪري رهيا آهن.

روشني ڏنڌلي ٿي رهي آهي. آسمان ڪارسرو ٿيندو ٿو
وڃي. تارا چمڪي رهيا آهن ۽ چوڏس جو چنڊ مرڪي رهيو
آهي. رام منچ تي نچي رهيو آهي. گول ڦري رهيو آهي.

گيت : ڪوئي پيج هو جاڳيو جنهنکان، سنڌڙي؏ کي هي لال مليو
پاڳ ورپا جو اگڙ اسانجي نندن ون جو ڦول کليو
ساه سمائي تنهنجي سنڌڙي
سنڌ کي سمجهيئہ جان ۽ جندڙي

ڀلؤ پائي دولھ تي، لال در ڏيئو جلايو،
اسان اڄ رام وڃايو،
اسان ٻيو ڪنور وڃايو!
(رام لال سائينءَ جي اڳيان جوت جلائي رهيو آهي.)
اڄ رام! تون لهرن ۾ هوندين
اڄ رام، تون تارن ۾ هوندين
(سمنڊ جون لهرون، رات جو انڌيرو، چمڪندڙ تارا)
سڪ وارن ۾ نچندو هوندين
ڳائيندو پيارن ۾ هوندين
رکي اُجلو چواي کي، جنم کي ڪيئن سجايو
اسان اڄ رام وڃايو،
اسان ٻيو ڪنور وڃايو!

درشيہ : ڀڳت ۽ سنڌس ساٿي جهٽ تہ وجد ۾ اچي ٿا وڃن. سازن جي رفتار تيز ٿي وڃي ٿي ۽ ان سان گڏوگڏ ڀڳت ۽ سنڌس ٻانهين جي پيرن جي گتي بہ تيز ۽ تيز تر ٿيندي ٿي وڃي. ڀڳت ڦيريون پائي رهيا آهن. ڌيري ڌيري ڀڳت جي صورت ڌنڌلي ٿيندي ٿي وڃي ۽ هن جي جاءِ تي رام ڦيريون پائي رهيو آهي. ماڻهن جا حشام آنند وٺي رهيا آهن. رام هنبوڇڙي هڻي رهيو آهي.

رام : هنبوڇيڙي هو هو هو
هنبوڇيڙي هو هو هو
هنبوڇيڙي هو هو هو

(منڪي جو سولو پيس سڄي وايو منڊل کي لرزائي ٿو ڇڏي)
(منچ تي منڪو پيو آهي. اڪيلو اُداس)

سوترڌار : ٻيجان منڪي ۾ جان وجهندڙ هٿ اڄ اسان کي دکہ جي اٿاہ ساگر ۾ ٻي سهاري ڇڏي وڃي چڪا آهن دور- دور-

سيگهه ۾ ٻيڙو وڃي هن پار!!
هئيا هو هئيا
هئيا هو هئيا ......

درشيه: ميدان ۾ هڪ وشال منڊپ لڳل آهي. منڊپ ۾ اندر چئني طرفن کان مرد، عورتون ۽ ٻار ويٺا آهن. وچ ۾ هڪ دائرو ڇڏيل آهي. ان دائري ۾ هڪ ڀڳت پنهنجن سازن سان گڏ ڀڳت وجهي رهيو آهي. واتاورڻ دک سان ڀريل آهي. اکيون آنسن سان ڀريل آهن ۽ ڪيتري ڪوشش ڪرڻ تي به ڪن کان سڏڪا نڪري تا وڃن.

ڀڳت دردیلي آواز ۾ ڳائي ٿو.

گيت: اسان اڄ رام وڃايو
اسان ڀيو ڪنور وڃايو
ڌرتي، پاڇو نه اول کسي هئي
اڄ سڳند به منهن کي مٽايو
اسان اڄ رام وڃايو
اسان ڀيو ڪنور وڃايو

درشيه: زوردار سڏڪا، اکين تي ڦرندڙ رومال. نڪ سڻڪڻ جا آواز. هڪڙو ماڻهو ٻارن وانگر اڇي ٿو رئڻ ۾ چڙڪي.

ڀڳت ڳائي رهيو آهي. سندس ساٿي ڪيس ساٿ ڏيئي رهيا آهن.

گيت: سنڌين لئه هند ۾ سنڌ هئين
پرديس ۾ پنهنجو ديس هئين
(سنڌ جي نقشي ۾ رام ڀڳت وجهي رهيو آهي.)
تهذيب جي تون تصوير هئين
سنڌيت جو وسريل ويس هئين

(رام جي ڀڳت جو هڪ درشيه - جهلڪ)

رام سنڌي سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ کي نئون جيون ڏنو. اسان جي اڳيان وسريل ورق کولي رکيا ۽ اسان کي پنهنجي جڙ ۽ بنياد کان واقف ڪيو. سنڌيت جي پاڙن کي رام پختو ڪيو، سرسبز ڪيو. سنڌيت جي ڇايا ۽ سڳنڌ کي دنيا جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين پهچايو.

(رام لال سائينءَ جي شاندار تصوير اڳيان جوت ٻاري رهيو آهي.)

سوترڌار: سڀ کان وڏي ڳالهه ته رام اسان کي پنهنجو اشٽ - ديوتا ڏنو. ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائن مان اسان پنهنجي جهولڻ، پنهنجي اُڏيري لال کي پنهنجو ديوتا چونڊيو ڇو ته هوُ ئي اسان سنڌين جي سپنن ۽ اڇائن، شڪتين ۽ وچار ڌارائن کي ڇهڪائي ٿي سگهيو ۽ مَن ۽ ٻڌيءَ سان ميل کائي ٿي آيو.

(اُڏيري لال جي تصوير جي اڳيان رام پلئه پائي رهيو آهي)

رام: سيوا ڪر سمنڊ جي جت جر وهنتو جال،
سڀئين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو مڙيئي مال، ته پوڄارا پر ٿئين!

(درشڪن جون جدا جدا ڀاونائون نظر اچن ٿيون. پر سڀ شرڌا ۽ پريم سان آنند ماڻي رهيا آهن. وايو منڊل ۾ سنگيت جون لهرون گونجي رهيون آهن. منڪي جو آواز صاف ظاهر آهي.)

رام: پار پهچائيندو جهولي لال
عرض اگهائيندو، دير نه لائيندو
پار پهچائيندو جهولي لال
دولهه - در تي جيڪو ايندو
جهولڻ تنهنجا جهول ڀريندو

دور. تمام گهڻو دور. اسان جي پهچ کان پري. سنگيت جي سرن جون لهرون سڏڪن ۽ آنسن ۾ بدلجي چڪيون آهن. هر دل دکي آهي، هر نظر ويران. ڪير ڪنهنکي سهارو ڏئي؟ ڪير ڪنهنجا ڳوڙها اگهي ؟

درشيہ : رام جي ارٿيءَ جو نظارو، حشام ماڻهن جا دک، منائيندا وڃي رهيا آهن. پردو ٻن حصن ۾ ورهائجي وڃي ٿو. هڪ حصي ۾ ارٿيءَ جي ياترا ۽ دک ۾ ٻڏل ماڻهو نظر اچي رهيا آهن ۽ ٻئي حصي ۾ سوترڌار جو چهرو نظر اچي رهيو آهي.

سوترڌار : رام جي جيون ياترا جوهي انت ڪونهي. انمت ياترا ۾ هي جيون هڪ پڙاءُ آهي. هڪ رئن بسيرو آهي. انمت ڪٿا جو هي هڪ باب آهي.

(پردي تي هڪ وڏو گرنٿ وچ مان کليٿو. ان ۾ لکيل آهي:)

رام پنجواڻي

ياترا

۲۰ نومبر ۱۹۱۱ کان ۳۱ مارچ ۱۹۸۷ تائين

سوترڌار : رام هڪ شخص نه هو، پوري جاتي هو، پوري قوم هو ۽ پوري سماج هو. دنيا جي رنگمنچ تي هن جيڪي نه روپ ڌارڻ ڪيا، جيڪي به ڪردار نڀايا، هو پاڻ انهن روپن ۽ انهن ڪردارن کان نه فقط جدا هو پر گهڻو مٿي پڻ هو.

رام ساهتيہ جي رچنا ڪئي پر هو فقط ساهتيڪار نه هو.

(رام جي لکيل ڪجهه ڪتابن جي جهلڪ)

هن رنگمنچ تي چاهي فلمن ۾ اداڪاري ڪئي پر هو فقط اداڪار نه هو.

(رام جي اسٽيج ۽ فلم ۾ ڪيل اداريءَ جو هڪ هڪ درشيہ - فقط جهلڪ)

هو جيون ڀر نچندو رهيو پر رام فقط ناچو نه هو.

۲. گهر گهر ۾ گائڪ پيدا ڪر

جوڳي جادو لائي ويا - ڪنڌ ٻيون

آس رکي جو ايندو
سوئي ٿيندو مالا مال
پار ... ...
جوت جاڳي جنهنجي چوڌاري
دک ۾ ڏيندو سو دلداري
جندل جهڙي مهر - ميا جو
ملندو ناهه مثال
پار ... ...

سوتردار: سائين ٻيوس جي ساهتيڪ جوت جن جي مٿان سڀ کان وڌيڪ چمڪي، اهي هئا سندس ٻئي شاگرد: رام ٻجواڻي، هوندراج دکايل ۽ هري دلگير.

(ٿالن سان گڏ سندن تصويرون پردي تي نمودار ٿين ٿيون)

ٻنهي پنهنجي پنهنجي کيتر ۾ خوب پارٽ موکيو. هوندراج دکايل سنڌين جو قومي ڪوي بڻيو ته هري دلگير گيتڪارن جو سرتاج، پر سڀ کان وڌيڪ چمڪيو رام.

رام کي ٻيوس پنهنجي زبان سمجهندو هو. پر رام فقط ٻيوس جي زبان ڪونه هو. هو ته پوري سنڌي جاتيءَ جي زبان بڻجي پيو.

رام کي ڪي ٽئگور ٿا چون ته ڪي شيڪسپيئر. پر رام پنهنجي ٿالي سان آئي بيمثال آهي، بيجوڙ آهي، بينظير آهي. اسانجو رام ڪنهن مشابهت جو محتاج ڪونهي.

وگهوندن رام چندر لاءِ راشٽريه ڪوي شري مٿلي شرڻ گپت چيو آهي:

رام، تمهارا چرت سويم هي ڪاويه هئه
ڪوئي ڪوي بن جائي، سرل سمڀاويه هئه

ان سر ۾ سر ملائيندي اسان ٻه پنهنجي رام لاءِ چئي ٿا سگهون ته رام، تنهنجو جيون سورج ۽ سرسوتيءَ جو انوکو سنگم آهي. جيڪو ان کي سپرش ماتر به ڪندو، اهو پرڪاشمان ڪلائن جو ڌڻي ٿي پوندو.

درشيه: اٿاهه ساگر جي مٿان چوڏس جو چنڊ چمڪي رهيو آهي. لهرون چنڊ کي ڇهڻ لاءِ غضبناڪ روپ ڌارڻ ڪري رهيون آهن. پر چنڊ ته لهرن کان آهي دور، دور ۽ دور.

هڪ چڪور چنڊ کي ڇهڻ لاءِ مٿي اڏامندو ٿو وڃي، پر ڪڏهن ڪنهن چنڊ کي ڇهيو به آهي؟

گيت

١. ڪريون عرض آڳا ٿو در — موهر بيدي
٢. ڪڏهه طاقيون ڏين — شاهه
٣. جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا — سانگي

پاٽر :

سوترڌار
هيڊ ماستر
ڪڇه ماستر
وديارٿي (اسڪولي)
رام
موروسنگهه
وديارٿي (ڪاليجي).

درشيه: سنگيت - گرو ڀائي مورو سنگهه پنهنجي گهر جي هڪ ڪمري ۾ کٽ تي ويٺو آهي. واڻ سان واڻيل کٽ تي فراسي پيل آهي ۽ مٿن ڪان هڪ وڏو وهاڻو رکيو آهي، جنهن تي سؤلائيءَ سان ٽيڪ ڏيئي سگهجي ٿي.

رام کٽ جي پيرانديءَ کان بيٺو آهي. رام نمرتا جي مورت آهي. چوڏهن ڪن سالن واري رام کي ڏسڻ سان ئي پتو ٿو پوي ته سندس شانت ۽ معصوم چهري جي پٺيان هڪ ڪلاميه هردو براجمان آهي.

رام جي بدن تي کاڌيءَ جو پاجامو ۽ ڪڙتو پيو آهي. رام جي سونهن دل ڇڪيندڙ آهي.

مورو سنگهه: ويهه پٽ رام، بيٺو ڇو آهين؟

رام: نه سائين، مان توهان جي چرنن ۾ ئي ٺيڪ آهيان.

مورو سنگهه: پٽ، هر ڳالهه حد ۾ ئي سونهندي آهي. نمرتا ۽ شردا جون به ڪي سيمائون آهن ... ... هلي آءُ، اچ. هتي منهنجي پاسي ۾ اچي ويهه.

(رام جهجهڪندي، جهجهڪندي گروءَ جي پاسي ۾ کٽ تي وڃي ٿو)

مورو سنگهه: ڀڳوان توکي مڌر ڪنٺ ڏنو آهي. مون تنهنجو ڳائڻ ٻڌو آهي. منهنجون تو ۾ تمام گهڻيون اميدون آهن.

رام: اها توهانجي ڪرپا آهي.

مورو سنگهه: (کلندي) پٽ، ڀرين ڪرپا ته هو ڪرتار ڪندو آهي. اسان ته بس سندس اشارن کي دهرائيندا آهيون. مڌر ڪنٺ توکي پرميشور ڏنو آهي. اسان ته فقط هن جي ڏات جو ذڪر ڪيو آهي.

رام: ان ذڪر ۾ ئي ته توهان جون اٿاه آسيسون ۽ شڀ ڪامنائون سمايل آهن. سائين، آخر ڏات پرڪٽ لاءِ به ته اک، کپي.

ڪوئل جي ڪوهو ڪوهو. اونچي وڻ کان هيٺائين وڻ تائين اڏامي.

سوترڌار: رام ٻيجل هو. ٻيجل جهڙو ئي مستانو گايڪ هو. پر رام سر سان ڪنهنجو سِر نه ڪٽيو. هن جي سرن ته پاڻ اڳهين کي سگهو ڪيو. ناشادن کي شاد بڻايو، مرده دلين ۾ اتساهه ۽ امنگ جي نئين جان ڦوڪي.

رام ننڍپڻ کان وٺي پنهنجي ذات جو ڦهلاءُ کليءَ دل ۽ مڪت هٿن سان ڪيو.

ماتا سرسوتيءَ جو هي دلارو ٻار، لاڙڪاڻي جي هاءِ اسڪول ۾ ٽلهي تي ٻهي پرارٿنا جو گيت ڳائيندو هو ۽ سڀ شاگرد پٺيان پٺيان دهرائيندا هئا.

درشيه: لاڙڪاڻي جي هاءِ اسڪول جو ميدان. ڪيترائي ٻار قطارون ڪري بيٺا آهن. ڪن سفيد قميصون ۽ خاڪي نڪرون پيون آهن. ٽلهي جي ڪرسين تي ماستر ۽ هيڊ ماستر براجمان آهن. چوڏهن ڪن سالن جو رام ٽلهي تي بيٺو آهي ۽ پرارٿنا ڪرائي رهيو آهي.

رام: ڪريون عرض آڳا تو در، والي سڀي جڳت جا،
هر دل ۾ سوجهرو ڀر، والي سڀي جڳت جا
١- پنڇکون نه دڳ لڳائيج، اونده ۾ روشني ڏج،
دنيا مٿي وڃي منهن، مالڪو تون واهرو ٿج،
اهڙو ڪرم سدا ڪر، والي سڀي جڳت جا.
ڪريون عرض ... ...
٢- تنهنجو جي ساٿ هوندو، دنيا جي ڀت ڪبي ڇا،
راکو جي تون هجين پوءِ، ڪري ڪير جڳ جي پروا،
ساري رهي سدا سر، والي سڀي جڳت جا.
ڪريون عرض ... ...

سماڌي پلي.

رام: (دهرائيندي) ساڌو سهج سماڌي پلي. برابر سائين، سهج سماڌي پلي.

مورو سنگهه: ڪبير داس، روداس، سورداس، تلسيداس، ميران ٻائي، گرو نانڪ ديو ڇو مشهور آهن؟ صديون به هنن جي نالي کي ميسارڻ ۾ ناڪامياب ويئون آهن، ڇو؟ ڏينهون پوءِ انهن جو نالو وڌيڪ ۽ وڌيڪ ڇو ٿو روشن ٿيندو وڃي؟ ڇو ته انهن لوڪن لاءِ لکيو، لوڪن لاءِ ڳاتو ۽ لوڪن کي خوش ڪيو. جنتا پرسن ته جناردن اول ئي پرسن. پٽ رام، لوڪ رکيا ڪندءِ ته ڪال به ڪجهه نه ڪري سگهندءِ. لوڪن جي دلين ۾ رهندين ته امر ٿي ويندين.

رام: سائين، ايتري شڪتي آهي لوڪن ۾؟

مورو سنگهه: (مرڪندي) لوڪ اٿئي اٿاهه سمنڊ. لوڪ ٻوڙي به سگهني ٿا ته تاري به سگهني ٿا.

رام: مان توهان جا وچن مور نه وساريندس.

مورو سنگهه: پنهنجون شڪتيون ۽ ڪمزوريون سڃاڻج. جيڪو ميدان جيتي نه سگهين، اتي قدم به نه رکج ۽ جنهن ميدان جو سردار هجين ان جي ڇپي ڇپي تي پنهنجو جهنڊو جهولائج.

لوڪ پلي اٿاهه سمنڊ هجن پر سمنڊ جيترڻ لاءِ آهن. جيتيا ويا به آهن.

سوتڌار: رام ڏي. جي. سنڌ ڪاليج ڪراچيءَ ۾ پڙهيو ۽ اتي ئي بي. اي. پاس ڪرڻ کان پوءِ سنڌي وشيه جو پروفيسر بڻيو. ڪاليج جو پرنسيپال شري اين. جي. ٻناڻي صوفياني طبيعت وارو انسان هو. رام جو صوفي ڪلام ڪيس گد گد ڪري ڇڏيندو هو، جهومائي ڇڏيندو هو.

رام ڳائڻ جي گڻ مان گهڻائي ڪم ورتا. ڪاليج جو شاگرد

مورو سنگهه : (مرڪندي) پٽ، اها اک، ۽ ڪرتار ئي ڏيندو آهي. ياد رکج ته هو هڪ کي جي ڪائي ڏات ڏيندو آهي ته ڏهن کي ان ڏات جي برڪت ۽ ڏيندو آهي ۽ هزارن لکن کي ان جو ديوانو بڻائي ڇڏيندو آهي. ٻچا، هيءُ سنسار آهي پرڀوءَ جي مايا. مايا ڏسندو ره ۽ مرڪندو ره.

(مورو سنگهه کٽ تان لهي ڪمري ۾ چڪر ٿو هڻي. رام به کٽ تان لهي هيٺ فرش تي ٻهي ٿو رهي ۽ عجيب نگاهن سان گرو مورو سنگهه ڏانهن نهاري ٿو.)

مورو سنگهه : اڄ مان توکي ڪجهه ڪارگر هدايتون ڏيڻ ٿو چاهيان.

رام : منهنجا ڀاڳ، ڪلي پوندا سائين!

مورو سنگهه : رام، تون جنتا جو گائڪ ٿجانءِ. لوڪن کي خوش ڪجانءِ.

رام : يعني گرو ديو؟

مورو سنگهه : شاستريه سنگيت جي مونجهارن کان دور رهج. سڌا سادا سر چونڊج. اهڙا سر جيڪي عوام سؤلائيءَ سان گنگنائي سگهي. اهڙا سر جيڪي گهر گهر ۾ گائڪ پيدا ڪري ڇڏين.

(رام ابوجهه اکين سان گرو مورو سنگهه ڏانهن نهاريندو رهي ٿو.)

مورو سنگهه : اهڙا گيت ۽ شبد نه ڳائج جن ۾ ڏکيا لفظ ڪم آندل هجن. سؤلا گيت ڳائج، جيئن هرڪو گيت کي سمجهي سگهي ۽ ان مان آنند ماڻي سگهي.

(رام، گرو مورو سنگهه ڏانهن ٽڪٽڪ نهاريندو رهي ٿو. هو هڪ هڪ لفظ جڻ اکين سان پي رهيو آهي.)

مورو سنگهه : هر ڪاريه سهج تي ڪجانءِ. ڳائجانءِ سهج تي. نچجانءِ سهج تي. جهومجانءِ سهج تي. ٻڌو هوندءِ، ساڌو سهج

هر هڪ شاگرد ۽ هر هڪ پروفيسر "شاه ڪلاس" ۾ باقاعدي اچي ۽ ڏسي، محسوس ڪري ته شاه صاحب سنڌي ادب کي ڪهڙين اوچائين تي پهچايو آهي. اچو ۽ پاڻ اچي ڏسو ته سنڌيت ڇا آهي ۽ اسان جي سنسڪرتي ڪيتري نه اوچي ۽ اعليٰ آهي.

(هاڻي شاگردن ۾ چاه پيدا ٿيو آهي ۽ شرارتن جي بجاءِ هو گنڀيرتا سان رام کي ٻڌي رهيا آهن.)

رام: اڄ مان توهان کي هڪ نئون گيت ٻڌائي رهيو آهيان. پر ان کان اڳ ... ...

(رام ٽيبل کي ئي طبلي وانگر وڄائڻ شروع ٿو ڪري.)

(رام اوچي ۽ مڌر آواز ۾ شاه جو ڏوهيڙو آلاپي ٿو.)

ڪڏهه طاقيون ڏين، ڪڏهه کلن در دوس جا،
ڪڏهه اچان اچڻ نه لهان، ڪڏهه ڪوٺيو نين،
ڪڏهه سڪان سڏ کي، ڪڏهه ڳجهاندر ڳرهين،
اهڙائي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

(رام پنهنجيءَ مستيءَ ۾ ڳائي رهيو آهي. ٽيبل طبلي جيان وڄي رهيو آهي. ماحول ڪلاميه لڳي رهيو آهي. ڪي ڇوڪرا ڪن ڇوڪرين ڏانهن ان طرح نهاري رهيا آهن ڄڻ ته شاه جي ڪلام سندن عشق جي راند جون شطرنجي چالون پڌريون ڪري ڇڏيون آهن. ڄڻ ته شاه جو ڏوهيڙو سندن دل جي حالت جي ترجماني ڪري رهيو آهي.)

رام: (وجد ۾ اچي ڳائي ٿو.)

جي سهڻو پاڻ سڏائي ويا، البيليون اکيون اٽڪائي ويا،
چپ چاشنيدار چڪائي ويا، ستي سورن کي ته جڳائي ويا.
١- هت دردن جا ته دڪان هئا، هت سورن جا سامان هئا،
وڏا شوخن جا هت شان هئا، سي هاڻي ماڳ، مٽائي ويا.

ٿي، پروفيسر ٻڌڻي پاڙهي، اِها حقيقت ڪاليج جي شاگردن لاءِ هضم ڪرڻ مشڪل ٿي پئي. پر رام به اُستاد هو.

درشيه: ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ هڪ ليڪچر هال. ڪلاس ۾ گوڙ لڳو پيو آهي. شاگرد من-ماني پيا ٿا ڪن. هيڏانهن هوڏانهن اچ-وڃ لڳي پئي آهي.

اوچتو رام داخل ٿئي ٿو. هو ڇويهن ڪن سالن جو ٺاهوڪو ۽ سهڻو نوجوان آهي. ڪيس رنگين ڪاڍيءَ جو فل سوٽ پيل آهي. ڪوٽ ڊبل برسٽ وارو اٿس ۽ پيرن ۾ ملتاني گهيتلو پيو اٿس. سندس ڪارا وار چمڪي رهيا آهن. رام ڪافي دلڪش ۽ شاندار لڳي رهيو آهي.

هڪ: (ڌيري) آيو قدرت وارو ... ...

ٻيو: (ڌيري) ٻناٽيءَ جي اکين جو اڇل ... ...

ٽيون: (ڪجهه زور سان) صوفين لاءِ ڪم وارو ... ...

چوٿون: (سر ۾ سر ملائيندي) يڪتارو- يڪتارو ... ...

(ڪلاس ۾ ٺهڪڙو مچي ٿو وڃي. رام مرڪي رهيو آهي. سندس چهري تي نه پريشاني آهي ۽ نه پشيماني. لاپرواهه ٿي بيٺو آهي. ڪلاس ۾ سس پس چالو آهي پر ڪوئي به وڌيڪ اونچي آواز ۾ ڪونه ٿو ڳالهائي. ڪي ڇوڪرا ڇوڪرين ڏانهن شرارتي نظرن سان نهاري رهيا آهن.)

رام: توهان مان ڪي ساهتيه-پريمي خاص ڪري ڇوڪريون "شاه ڪلاس" ۾ ايندڙيون آهن، تمام گهڻي دلچسپيءَ سان شاهه جي ڪلام کي ٻڌنديون آهن ۽ بيتن جي معنيٰ ۽ وياکيا ۾ پورو پورو بهرو به وٺنديون آهن.

هڪ ڇوڪرو: (اُٿي بيهي) ڇا اسان ڇوڪرا نه ايندا آهيون؟

رام: (مرڪي) ايندا آهيو، پر وڌيڪ انداز ڇوڪرين جو هوندو آهي. منهنجي دلي چاهنا آهي ته ڪاش هن ڪاليج جو

٣. ڏهه ڏي ڏسائون منگلمبه

ڀوڳي جادو لائي ويا ـ ڪڍب ٽيون

٢- ها معشوقن جا ماڳ هئي، ها رنگ روپ ۽ راڳ هئي،
ها برہ وارن جا ڀاڳ هئي، سي ڦيري ڏيئي ڦٽائي ويا.
(ڇوڪرا عاشق لڳي رهيا آهن. قتيل، ڪنل، دکي، غم ۽ الم جي تصوير، مجنون ۽ جا روپ. ڇوڪرين جي ڇهري تان هڪ رنگ لهي ٿو ته ٻيو چڙهي ٿو. راڳ جي لهرن ۾ هرڪو لهرائي رهيو آهي.)
٣- هت عاشق ها اڙٻنگ ادا، هت سهڻا ها گلرنگ ادا،
هت عشق جا ها آڙنگ ادا، پر سر تي وره وسائي ويا.
۴- اُستاد اُهي جن پاڙهيو ٿي، جن درس محبت ڪاڙيو ٿي،
جن سورن ساڻ سيکاريو ٿي، سٽون سورن جون سمجهائي ويا.
۵- تو نينهن منجهان نروار چوان، سي عاشق آهن سردار چوان،
سي پيارا پنهنجا يار چوان، سي "سانگي" پاڻ سڏائي ويا.
(ڪلاس ۾ شانتي ڇانئجي وئي آهي. شرارتي شاگرد به سنگيت جي رس ۾ ٻڏي ويا آهن. ڪن جا ڪنڌ ٿا لڏن، ڪي چپٽيون ٿا وڄائن، ڪي آڱريون ٿا ڦيرائن ۽ ڪي وري پيرن سان زمين کي ٺڪڪائي پنهنجو آنند ظاهر ڪري رهيا آهن.
رام جو آلاپ بند ڪمرن کان ٻاهر آڪاش ۾ گونجي رهيو آهي. چئني طرف ڇانئجو ٿو وڃي. پنهنجي مڌر آواز جي ٻل تي ۽ پنهنجي مٺي ۽ نهٺي سڀاءَ جي ڪري.)
سوترڌار : رام سنڌ ۾ ائي هر محفل جو مور بڻجي پيو. پنهنجي مڌر، ڪنڪدار آواز ۽ مٺي - نهٺي سڀاءَ سبب رام هر دل تي ڇانئجي ويو. رام جتي به ويندو هو، عام جنتا جون دليون کسي ايندو هو. ساڌارڻ جنتا ته هن جي ٻنيان ديواني هئي ئي، پر امير، وزير ۽ گورنر به کيس حب ۽ قرب جي نظر سان ڏسندا ها.
رام هر ڪنهن کي اهو محسوس ڪرائي سگهندو هو ته هو ان جي ئي ويجهو آهي.
درشيہ : رام جو الڳ الڳ هنڌن تي محفلن ۾ ناچ.

سوٽڌار: رام مئٽرڪ ٿائين تعليم لاڙڪاڻي ۾ ٿي ورتي. وڌيڪ تعليم وٺڻ لاءِ هو ١٩٣٠ع ۾ ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿيو. ڪاليج جو پرنسيپال مسٽر بنٽاڻي هو. سياءُ جو صوفي، گيان جو گلزار، ڀڳتيءَ جو ڀنڊار، دنيا سان به پورو ته سائينءَ سان به سرخرو. هن فنا ڪاڌل فقير رام کي رڱي ڇڏيو.

سن ١٩٤٣ ڌاري ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ سنڌي سرڪل شروع ڪئي وئي ۽ ان کان جلد ئي پوءِ رام "شاهه ڪلاس" جو شري گڻيش ڪيو. شاهه ڪلاس ۾ رام شاهه جو ڪلام ڳائيندو هو ۽ پوءِ ڪلام جون سمجهاڻيون ڏنيون وينديون هيون، خوبيون ظاهر ڪيون وينديون هيون. شاهه ڪلاس ۾ اڪثر شيام، اياز، خادم، سڳن ۽ شاد جهڙا هونهار شاعر ۽ اَديب ايندا رهندا هئا، جن اڳتي هلي هند چاهي سنڌ ۾ سنڌي اَدب کي انوکيون اوچايون بخشيون.

"شاهه ڪلاس" ۾ ابراهيم نالي هڪ ڳايڪ ايندو هو. جنهن وقت هو پنهنجي مڌر، صاف ۽ ڪنڪدار آواز ۾ شاهه جا بيت ۽ وايون آلاپيندو هو، ان وقت ڪير هو جنهنجي سيني ۾ سوز نه پيدا ٿئي ۽ دونهان نه نڪرن؟

رام جو ڪلاڪار ان جڳهه تي ئي پليو، نپنيو ۽ پروان چڙهيو.

درشيه: شاهه ڪلاس. شام جو وقت. شيام، اياز، سڳن، خادم، شاد، مشتاراماڻي وغيره اديب ويٺا آهن. هڪ پاسي کان ڪاليج جون ڪجهه ڇوڪريون ۽ ٻئي طرف ڪجهه ڇوڪرا به نظر اچي رهيا آهن.

رام جي اڳيان مٽڪو پيو آهي ۽ پاسي ۾ ابراهيم ويٺو اٿس. رام مٽڪي کي وڄائي رهيو آهي.

گيت

1. ڀانئين ڪان ڀيڻ. شاهه
2. ڪيئي ڪانگا ٿو اڏائين شاهه
3. سون ٿي ڪانگ جهڙي شاهه
4. وسائيندين اڃا برسات ڊڪايل
5. تو اچي موج ۾ ٻهوس

پاتر :

سوترڌار
رام
ابراهيم
شام
اياز
سڄڻ
خادم
شاد
مشاعرا ماڻي وغيره
ڪجهه ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون
ڊڪايل : سنڌس ٻاٻان ڦوڙيءَ وارا سائين
ٿلهو
جهمٽ لاهوري
شانتي شهاڻي ۽ شرڌالو پڳهه
سانو واسواڻي.

ڊائميمنشن جي وجود جي امڪان تي غور ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري. هڪ مجبور انسان چوي نہ ٻيو ڇا چوي؟

شاد: شاھ جي ڪلام کي سمجھڻ لاءِ ڪئين جنمن جا آزمودا ۽ سنسڪار کپن. شاھ جي مينٽل ڊيولپمينٽ ايتري تہ اوچائيءَ تي پهچي چڪي هئي جو اسان جي ڪيل هرڪا معنيٰ ۽ وياکيا جيتامڙي پيئي لڳي.

رام: شاھ شاعريءَ جي آسمان جو آفتاب آهي. ان آفتاب جي اُڀرڻ سان

”تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جھڪو ٿيو جوھر، جانب جي جمال سين.“

سنڌس هرهڪ بيت ”آيت“ آهي. جنهنکي صديون سلام ڪنديون. پدارٿوادي يورپ کي اسان جي آتمڪ درشن کي سمجھڻ لاءِ صديون کپن. اُهي تہ اڃا بيگانيت جي ڳالھ ڪري رهيا آهن، اَدويت کي ڪڏهن سمجھندا، سو ڏٺي جاڻي. جنهن ويدانت جي ادويتواد کي نہ سمجھيو، ان لاءِ شاھ کي سمجھڻ ممڪن ئي ڪونهي.

منشاراڻي: اولھ جي نراشاواد واري فلاسافي ڪافي قبوليت پائي رهي آهي.

رام: نہ شاھ نراشاوادي هو، نہ سچل ۽ نہ وري سامي. مان تہ ڇا پر ڪوئي بہ سنڌي نراشاوادي نہ ٿو ٿي سگهي. سنڌ سان، منهنجن ماڻهن سان اِهو اصول لڳي ئي ڪونہ ٿو. نراشاواد ۽ بيگانيت ذهن جون بيماريون آهن. اسان تہ پکين پشن کي بہ پنهنجو سمجھندڙ آهيون. اسان تہ پٿرن ۾ بہ جان وجھندڙ آهيون. اسان مٽيءَ کي بہ ماتا چوندڙ بيگانيت ۽ نراشا مان ڇا ڄاڻون؟

اياز: لفظ لفظ صحيح چيو اَٿئي رام!

رام: شڪريہ.

رام : تهائيءَ کان نينهن، سک منهنجا سڄڻ!
سڄي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري.
ابراهيم : ڪڏي ڪانگا! تو ڏيان، هيون ساڻ هئن،
وڃي ڪاڻ ولات ۾، اڳهان عجمن،
پرين مان چون، ته هيئن قربان ڪير اي؟
رام : (وائي ڳائيندي)
مون کي ڪام جهلي، سڪا ٻاڻ ٻڌي،
آئون وڏڙي نينهن اڇلي!
ابراهيم : (ساٿ ڏيندي)
مونکي ڪام جهلي، سڪا ٻاڻ ٻڌي،
آئون وڏڙي نينهن اڇلي!
(مٽڪي جو آواز ماحول کي مڌر بڻائي ٿو ڇڏي. رام ۽
ابراهيم جڻ وائيءَ جي معنيٰ سان هڪ ٿي ويا آهن. هر ڪنهن
ٻڌندڙ آنند جي وهڪري ۾ وهي رهيو آهي.)
رام : ويندي آئون پار پرين ڏي، مونکي ڪام جهلي،
آئون وڏڙي نينهن اڇلي!
ٻئي : مونکي ڪام جهلي ... ...
ابراهيم : لن وڌائين لار ۾، آڏيءَ راهه اڇلي!
آئون وڏڙي نينهن اڇلي!
ٻئي : مونکي ڪام جهلي ... ...
رام : پسي ٻنهيون دوست جون، منهنجو جيءُ جلي،
آئون وڏڙي نينهن اڇلي!
ٻئي : مونکي ڪام جهلي ... ...
اياز : عشق ۽ انقلاب جو اهڙو انوکو سنگم اسان اول ا
ڪئين ٻڌو.
سڳن : لن وڌائين لار ۾، آڏيءَ راهه اڇلي جي معنيٰ، چوانءِ

دکايل : جڏهن شيرن جي ماتا جو غضب قاتل! ٻيا ٿيندو،
تڏهن رک ياد! هر انسان ڏندين آڱريون ڏيندو،
جڏهن شينهڻ جو چمبو دشمن جي جان چيريندو،
تڏهن هي خون اي ظالم، عجب لالاڻ لائيندو!
جڏهن افلاڪ تي طوفان جي تلوار نازل ٿي،
تڏهن ويندا اشاري تي مڙيئي ڪافور بادل ٿي.
بي درد آسمان!
اڙي بيدرد آسمان!!

درشيہ : رام بالڪنيءَ ۾ بيٺو آهي. هيٺان رستي تان پرڀات
ڦيري لنگهي رهي آهي. دکايل ۽ سندس ساٿي مستيءَ ۾ ڳائيندا
وڃندا ٿا وڃن.

آس پاس جي بالڪنين ۾ به ماڻهو اچي بيٺا آهن. عورتون
به آهن ته مرد به آهن. ڪٿي ڪٿي ڪي ٻار به ڏسجن ٿا.

دکايل : جڏهن ڀارت جي شيرن جي فضا ۾ گرجنا ٿيندي،
صدا "جئہ جئہ" هزارن حاسدن جي دل ڪنبائيندي،
جڏهن آزادگي ديوي وري ڀارت اندر ايندي،
"دکايل" ديس جا ماتا مڙيئي درد ميٽيندي.
جوانن ۾ اهو اتساه ۽ سؤداءُ پيدا ٿئي،
فقط آزادگيءَ وارو پليرو پاءُ پيدا ٿئي!
بيدرد آسمان!
اڙي بيدرد آسمان!!

رام : ادا "دکايل!" تنهنجي قومي جذبي ۽ جنون کي سلام!
(رام ڪمري ۾ اندر اچيٿو. پنو ۽ پين کڻي ڪٽ تي وهيٺو
۽ لکڻ شروع ٿو ڪري.)
رام : (لکيٿو) ادا دلگير!
مان آرتوار ڏينهن لاڙڪاڻي پهچي رهيو آهيان ... ...

(رام مٽڪو وڄائڻ شروع ٿو ڪري. چؤطرف شانتي ڇانئجي ٿي وڃي. گهڙيال ۾ ڏهه لڳي رهيا آهن.)

(گهڙيال ۾ پنج لڳي رهيا آهن. رام پنهنجي ڪمري ۾ نوار جي کٽ تي سمهيو پيو آهي.

اوچتو پري کان بلند آواز ۾ انقلابي گيت ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. ڪنجريءَ جو آواز صاف ظاهر آهي.)

گيت : وسائيندين اڃا برسات خوني آسمان ڪيستائين؟
غلاميءَ ۾ اڙي صياد! رهندا بيزبان ڪيستائين؟
اڙي قاتل! شهيدن جو لهو رهندو روان ڪيستائين؟
بهاريءَ کان اڃا محروم رهندو بوستان ڪيستائين؟
قهر تنهنجو وسي ڪيستائين ڪندو برباد ياري کي؟
پلائي ڪر، پلو ڏيندءِ نه ڪر ناشاد ياري کي.
بي درد آسمان!
اڙي بيدرد آسمان!!

(رام چادر هٽائي اٿي ٿو وهي. گيت گونجندو رهي ٿو. رام کٽ تان هيٺ ٿو لهي. ڪيس ڪاڌيءَ جو اڇو لباس پيو آهي. سليپر ۾ پير وجهي رام هڪ طرف اڳتي وڌي ٿو.)

درشيه : پرڀات جو سمو آهي. ڪراچيءَ جون سڙڪون خاموش آهن. بلب ٻکين ۾ اوندهه آهي. دوڪان بند آهن. گيت جون ٽڪون وايو منڊل ۾ واوڙا وجهي رهيون آهن.

اوچتو ڪي دريون کلن ٿيون. ڪن ڪمرن مان روشني ٻاهر ليئا پائي ٿي. پرڀات ڦيري نڪتي آهي. اڳيان اڳيان هوندراج دکايل ڪنجري وڄائيندو هلي رهيو آهي ۽ پٺيان پٺيان ڪيترا ئي نؤجوان گيت دهرائيندا اڳتي وڌندا رهن ٿا. سڀني کي کاڌيءَ جو اڇو لباس پيل آهي ۽ مٿي تي گانڌي ٽوپي پيئي آهي.

درشيه : سيٺ بازار جي هڪ ننڍڙي مڪان جو ڪمرو. نوجوان ساڌو واسواڻي سامهون گديءَ تي ويٺو آهي. ڪيئين شردالو هيڏانهن هوڏانهن ويٺا آهن. ساڌو واسواڻيءَ ۾ هڪ عجيب قسم جي ڪشش آهي. سندس مقناطيسي ڪشش رکندڙ اکيون سيني ساهوارن لاءِ ديا ۽ ڪروڻا سان ڀريل آهن. هو جيڏانهن به نهاريٿو، پريم جو وسڪارو وسائي ٿو ڇڏي. سندس تيجسوي چهرو نوراني روشنيءَ سان ٻهڪي رهيو آهي. مرڪيٿو ته ڄڻ ايشوري ڪرپا وسڻ ٿي لڳي.

ٻارهن سالن جو رام ڪمري ۾ داخل ٿئيٿو ۽ هڪ پاسي ويهي ٿو رهي. رام کي کاڌيءَ جو اڇو ڪڙتو ۽ پاجامو پيل آهي. چهرو سندر ۽ معصوم اٿس.

جومت لاهوري : اِئي ڇو ويٺو آهين رام! هيڏانهن اچ. سائين جن جي درسان اچ ۽ آسيس وٺ.

(رام اٿي ٿو ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي اڳيان وڃي ادب سان هٿ ٻڌي بيهي ٿو.)

شانتي شهاڻي : سائين! هي اٿو رام. ڏسڻ ۾ ته ننڍڙو ٻالڪڙو ٿو لڳي، پر ماتا سرسوتيءَ جي مٿس خاص ڪرپا ٿي لڳي. مڌر ڪنٺ سان من-موهڪ گيت ڳائيندو آهي.

(رام جهڪي ٿو. ساڌو واسواڻيءَ جي پيرن تي پنهنجو مستڪ رکيٿو.)

ساڌو واسواڻي : (آشيرواد ڏيندي) ٻالڪ، تون ته موهن جي مورت آهين. اسان جي ستسنگ ۾ پڻ ايندين؟

رام : منهنجا وڏا ڀاڳ سائين! مان ڪرتارٿ ٿي ويندس.

(رام هٿ جوڙيٿو)

رام : (ڀوس جو پڻ ڳائي ٿو)

تو اچي موج ۾ موهن جا وڄائي مرلي،
سا نه مون کي ٿي رهي ياد، سدائي مرلي.

درشيہ : دکايل جو انقلابي گيت هلندي هيٺيان نظارا ۽ تصويرون سپرامپوزنگ، رستي پردي تي پيش ڪيا وڃن ٿا.

١- مهاتما گانڌي، سڀاشچندر بوس، سردار پٽيل، جواهرلال نهرو، آچاريہ ڪرپالاڻي ۽ ڄئرامداس وغيره جوشيلا ۽ امنگ ڀريا ڀاشڻ ڪندا ڏيکاريا وڃن ٿا.

٢- سنڌ جي شهيد سپوتن هرچندراء، هيمون ڪالاڻي، مينگهراج، هاسارام، دتاتريہ وغيره جون تصويرون ڏيکاريون وڃن ٿيون.

٣- رولت ائڪٽ ۽ ڪئٽ انڊيا وقت سنڌ ۾ جيڪي لٺبازيون ٿيون ۽ گوليون هلايون ويون يا سرگسون نڪتيون، اهي نظارا پيش ڪيا وڃن ٿا.

٤- جليانوالا باغ جي حيواني ڪوس جو نظارو ڏيکاريو وڃي ٿو.

لاڙڪاڻو : صبح جو وقت.

(رام ڪاڏيءَ جي فل سوٽ ۾ بزار مان لنگهي رهيو آهي. اوچتو هڪ ماڻهو کيس پيرين ٿو پوي. رام هڪدم ٻيهڄي ٿو وڃي.)

رام : ڇو ٿلو، ڪجهه ڇوٽو اٿيئي ؟

ٿلو : سائين، روحاني رهبر، سنڌ جا سنت - شرومڻي ساڌو واسواڻي جن لاڙڪاڻي ۾ پڌاريا آهن.

رام : (عجب مان) منهنجو سائين، منهنجو سونهون، منهنجو ماتا-پتا منهنجو سڪا-ڀراتا، پاڻ پير پري منهنجي اڱڻ اچي ۽ مان ڇهيلي، پاڻ ۾ ٿي پوري هجان! هل، منا هل! مان هاڻي ٿي ٿو دلبر درويش جي دروازي هلان ... ... مان سندس ٻالڪ ... ...

(رام اڳتي وڌڻ شروع ٿو ڪري. سندس اکين ۾ ساڌو واسواڻيءَ سان ڪيل پهرين ملاقات ڦري ٿي وڃي.)

(رام روئي ٿو ڏئي. ساڌو واسواڻي کيس گلي ٿو لڳائي.)

ساڌو واسواڻي : ڀڳل من واري جو ڀڳوان ڀلو ڪندو آهي. پر، وقت ملڻئي نه وري اچج.

... ...

(سڄو پورو ٿئي ٿو. ماضيءَ جو ڏنڊ ختم ٿي ٿو وڃي ۽ حال جي چٽائي ظاهر ٿئي ٿي.

پروفيسر رام ساڌو واسواڻيءَ کي جهڪي پرڻام ڪري رهيو آهي. ساڌو واسواڻي کيس گلي سان لڳائي ٿو.)

ساڌو واسواڻي : پيارا! تنهنجي ڳالهه ۾ ڪيڏي نه سڪ آهي. تون محبت جي مورت آهين. تون عشق جو اوتار آهين. تون پريم ۽ ڀڳتيءَ جو ساڪار روپ آهين.

رام : سائين! توهان ته منهنجو اجايو وڌاءُ ٿا ڪريو. ڪهڙي جنم ۾ لاهيندس توهان جا هي ٿورا؟ ري-ڪوٺيو در تي هليو ٿو اچان نه به ٿا نوازيو! منهنجو ته شرم کان، نه ڪو ڪنڌ ٿو کڄي، نه ڪو اکيون ٿيون کڄن.

(ساڌو واسواڻي مرڪي رام ڏانهن نهاريٿو. رام جي تن-بدن ۾ لرزش اچي ٿي وڃي. ساڌو واسواڻي رام جي گلي ۾ ٻاڪر وجهي ٿو ۽ هٿ ۾ ڏهين روپئي جو نوٽ ڏئيس ٿو.)

رام : دادا! مان توهان جو آهيان، پوءِ هيءَ ٻاڪر ڇاجي؟

ساڌو واسواڻي : (مشڪي) ٻاڪر معنيٰ زره. زره ٻانڌي آهي ته جنگ ۾ وڙهندي تير اثر نه ڪري. هن جيون-يڌ ۾ دشمن جي تيرن جي بوڇاڙ آهي. اُن کان بچڻ لاءِ سنگت جي آسيس ضروري آهي.

رام : واهه، دادا واهه! ٻاڪر جي معنيٰ سمجهيم، پر هن ڏهن روپين جي معنيٰ سمجهه ۾ نه آئي.

ساڌو واسواڻي : چار طرف، چار ڪنڊون، هڪ آڪاش، هڪ

گوپ گوپين جو وڃو سيني منجهان ساهه ڪڍي،
اهڙي تو چاهه مان ڇنڇور، ڇلائي مرلي.
ڪيئن رسڻ ۾ شيام سندر جي منوهر مک تي؟
کهڙي تو خاص ڪئي آهه، ڪمائي مرلي؟
پريم ۾ مون نه ڪيو پاڻ کي ”بيوس“ پورو،
تڏهن مڌ - سوڌن مک ساڻ، ملائي مرلي.

(رام پڇن ڳائي پورو تو ڪري. چوپر بلڪل بند آهي. ڪوئي نه ڪو چري ٿو نه ڪو بول ٻولي ٿو. ساڌو واسواڻي به بلڪل شانت وينو آهي. اکيون پوريون، جڙ ڏيان ۾. اوچتو سندس اکيون کلن ٿيون ۽ مڌر مڌر وچن ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.)

ساڌو واسواڻي: موهن، جنهنکي موه نه هجي. مدن، جنهنکي مد يا ايمان نه هجي. منوهر، جو منو هجي. ڪرشڻ، جو سڀ کي موهي. شيام سندر، جو سنجها جي سوڪيم رنگ، وارو هجي. گوپال، جو گئن ۽ گگدامن جو رکپال هجي. ديوڪي نندن، جو ديوڪيءَ کي جائو هجي. نندلال، جو نند جو لال هجي.

(ساڌو واسواڻيءَ جو آواز وڌندو ٿو وڃي. لڳن ۾ لوچ اچي ٿي وڃي. وار اُڀا ٿي ٿا وڃن. اکين مان آنسن جي ڌارا وهڻ ٿي لڳي. ساڌو واسواڻي هاڻي وجد جي حالت ۾ اچي ٿو وڃي.)

ساڌو واسواڻي: مرليءَ جا وڏا ڀاڳ! مان شال مرلي ٿيان. پر جڏهن شرط قبول ڪريان. پاڻ کي پورو ڪريان. اندر مان غير ڪڍان. آپي کان، اهنڪار کان، اڇائن کان پاڻ کي آجو ڪريان.

(رام ساڌو واسواڻيءَ جي اڳيان نمي ٿو.)

ساڌو واسواڻي: مان ٻڙي. مان ڏڄهه به ڪين. نم اُن ناٿ جي اڳيان، جنهن ٿوکي اهڙو ڪومل ڪنٺ ڏنو آهي، اهڙو سندر سُر ڏنو آهي.

٤. پکبئڙا ولر کان وڇڙيا !

جوڳي جادو لائي ويا - کدھ چرئون

پرتوي. اِهي ٽيون چار ڏسائون. شال تهنجون ڏهه ئي ڏسائون
منگلمه ٿين.

(رام ساڌو واسواڻيءَ کي جهڪي پرڻام ڪري ٿو. دادا ڪيس اُٿاري پاڪر پائي ٿو ۽ سندس هٿ کڻي پنهنجي مٿي تي رکي ٿو.

رام جي مٿان دادا واسواڻيءَ جون ڪروڻا ڀريل نظرون پريم برسائي رهيون آهن. رام اٿاهه آنند سمپان سڌ - ٻڌ کوهيل جيان بيٺو آهي ۽ دادا مرڪي رهيو آهي.)

درشيه : هڪ اوچي ٻهاڙيءَ تي هڪ نؤجوان سنياسي ويٺو آهي. سنهڙو، قد ڊگهو، اکين ۾ خمار، چهري تي تپسيا جو پرڪاش، بدن تي فقط هڪ ڌوتي پيل. سندس ڊگها ۽ ڪارا وار ڪلهي وٽان وڪڙ کائي پٺيان ڪنڌ وٽ لهرائي رهيا آهن. سنياسيءَ جو منهن ڪاٻي پاسي مڙيل آهي. ساڄو هٿ ڇاتيءَ جي وچ تي رکيل اٿس. سندس هٿ جو آڱوٺو ۽ ڏسڻي پاڻ ۾ مليل آهن. سندس ڪاٻي ٻانهن ١٢٠ ڊگرين جي ڪنڊ تي آسمان طرف کڄيل آهي. ٻهاڙيءَ جي پٺيان سج نڪري رهيو آهي. پرڪاش جو لال رنگ، وارو دائرو آس-پاس ڪرڻا ڦهلائي رهيو آهي.

... ...

سنياسي : (گنڀير آواز ۾) مان هن جو آهيان.

درشيه : پرڀات رات ۾ بدلجي ٿي وڃي. سنياسيءَ جو فقط خاڪو نظر اچي رهيو آهي. لڳي ٿو سندس هستي چمڪي رهي آهي. سندس پٺيان هڪ سفيد ڌنڌلو دائرو نظر اچي رهيو آهي. هاڻي سنياسيءَ جا ٻئي هٿ آسمان طرف کڄيل آهن ۽ ڪنڌ سڌو اٿس. اکيون خمار سببان مٿي کڄي ويئون اٿس.

سنياسي : (گنڀير آواز ۾) مان تنهنجو آهيان.

... ...

درشيه : چؤطرف گهور انڌڪار آهي. ٻهاڙي اونده ۾ ٻڏي پيئي آهي. پر سنياسي پرڪاش سان ڀريو پيو آهي. جتي جتي سندس ڇايا پوي ٿي، اها جڳهه روشن ٿي وڃي ٿي. سندس چؤگرد پرڪاش جون لهرون ڦهليون پيئون آهن. هاڻي هو اونده ڀريل دنيا ۾ روشنيءَ جو ڀنڊار آهي. سندس ٻئي هٿ هردي وٽ جڙيل آهن.

گيت

١. ڪلهي موڪي ڪين ڪيو	سچل
٢. مذهبن ملڪ ۾	سچل
٣. هو سو سڄڻ مون سارڻ	سچل
٤. پکيئڙا ولر ڪان وڇڙيا!	بيدل
٥. تو سڪ - ڪڙا	(موهڻي ڏاڏن)

پاتر :

سنياسي

سوڙدار

رام

درشڪ

نرتيه ڪلاڪار ڇوڪري

محمد

گهٽيءَ جو وسرجن ڪندڙ ٽولي.

رام: هو سو سڄڻ مون ساڻ،
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي ٻوٽيون ٻٽايون.
١- سدا مون وٽ سڄڻ، محب ناهي مهمان،
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي واٽون ٻچايون.
هو سو سڄڻ ... ...

(اوچتو هڪ ڇوڪري رنگمنچ تي اچي ٿي ۽ نچڻ لڳي ٿي. ڇوڪريءَ جي اکين ۽ هٿن جون مدرائون ڪافيءَ جي ڀاوَ کي چٽيءَ طرح ظاهر ڪري رهيون آهن. ماڻهن جو آنند ٻيڻو ٽيڻو ٿي ٿو وڃي. رام خوب اُمنگ ۾ اچي ڳائي ٿو ۽ مٽڪو وڄائي ٿو. خود رام جون مدرائون دلڪش آهن.)

رام: ٢- اهڙيءَ اوڏائيءَ ۾، ڪونه پيو مون ڄاڻ،
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي راتيون لنگهايون،
هو سو سڄڻ ... ...
٣- هيڏي هوڏي ٿي ڏٺم، ڪين پروڙيم پاڻ،
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي ورهيون ڪسايون.
هو سو سڄڻ ... ...
٤- پري ٻيچ نه پندڙا، "سچو" تون پاڻ سڃاڻ،
جنهن جي ڪارڻ مون ٿي ميڙيون سنباهيون،
هو سو سڄڻ ... ...

سوترڌار: لائين ٿي نچندي نچندي، ڳائيندي ڳائيندي ڏينهن گذرندا ويا، مهنا گذرندا ويا، موسمون بدلبيون رهيون ... ...

بهار ... (رام گلن جي وچ ۾ نچي ۽ ڳائي رهيو آهي)

اونهارو ... (رام ڪلٽي ميدان ۾ نچي رهيو آهي)

برسات ... (رام نچي رهيو آهي. ٻاهر وسڪارا پئجي رهيا آهن.)

سيارو ... (رام بند هال ۾ ڳائي رهيو آهي. ٻاهر رستا ويران آهن)

سنياسي : (مٺدر آواز ۾) مان ئي هوُ آهيان.

... ...

(ڪئميرا سنڌ جي نقشي تي گهمي ٿي)

سوترڌار : سنڌ جي ڌرتيءَ تي اهم برهم اسمي جا سوَر گونجيا ۽ انالحق جا نعرا بلند ٿيا. هيءَ زمين آهي شاهه سچل ساميءَ جي. هيءَ ڌرتي آهي بيدل بيڪس ۽ دلپت جي. سنتن صوفين، درويشن ۽ فقيرن جي هيءَ ڌرتي دنيا ۾ بيجوڙ آهي، بيمثال آهي، بينظير آهي.

(ڪئميرا دور کان آسمان ۽ زمين کي ڪوَر ڪري ٿي)

سوترڌار : ڀڳت جي سڳنڌ سونهين وانگر رام جو ناماچار سنڌ ۾ چوطرف ڦهلجڻ لڳي ٿو. ڪڏهن ڪراچي ته ڪڏهن حيدرآباد، ڪڏهن نوابشاهه ته ڪڏهن محرابپور، ڪڏهن سکر ته ڪڏهن لاڙڪاڻو. سنڌ جي هڪ ڇوڙ کان ٻئي ڇوڙ تائين رام ڳائيندو رهيو، مٺڪو وڄائيندو رهيو، ماڻهن ۾ اٿاهه آنند ورهائيندو رهيو.

درشيه : رام ڪاڻيءَ جي اڇي لباس ۾ سنڌي ڪلام ڳائي رهيو آهي ۽ مٺڪو وڄائي رهيو آهي.

رام : قلمي مونکي ڪين ڪيو، مورون مسلمان،
نڪي احمد موڪليو، ڪو عرب کان ايمان،
سچو سو صبحان، ٻر آدمين ليکي آدمي.
مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي، بيحد ڀلايا،
ڪي نمازون نوڙي پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

(سچل جا ڏوهيڙا آلاپڻ کان پوءِ رام جهومي جهومي سچل جي ئي هڪ ڪافي ڳائي ٿو. ماڻهو خوب آنند وٺي رهيا آهن. ٻڌندڙن ۾ مرد ۽ زالون ٻئي آهن.

ڪراچي : صبح جو وقت.

درشيه : رام پنهنجي گهر جي ٻاهرئين دروازي مان نڪري اچا ٻہ چار قدم مس تو ڪڻي تہ اوچتو هڪ گهوڙي گاڏي اچي ٿي اڳيان بيهي‌س. اها گاڏي محمد نالي هڪ مسلمان هلائي رهيو آهي، جيڪو رام جو ازحد ديوانو آهي.

محمد : ديوان، چڙهہ گاڏيءَ ۾. هي ڏينهن آهن پنڌ وڃڻ جا؟

رام : (ڪنڌ مٿي تو ڪري ۽ محمد کي سڃاڻي ٿو) اڙي يار، محمد آهين؟ ڏينهن ۽ مهنن جا فڪر ۽ ڦرنا ڇڏ. سڀ ڏينهن هڪ هڪ پروردگار جا آهن.

محمد : درويشن ۽ فقيرن جي دروازن تي ويندو آهين، تڏهن تو لائين ڇئي سگهين ديوان! چگو، هاڻي رک پير گاڏيءَ ۾ تہ عرش جا سير ڪرايانءِ ... ...

(رام گاڏيءَ ۾ چڙهي‌ٿو. محمد گهوڙي کي چهبڪ تو هڻي)

رام : (دک مان) ... ... هيءَ دنيا تہ رهڻ جي قابل ئي نہ رهي آهي ميان! ... ...

(گاڏي هلندي رهي ٿي)

محمد : ديوان، تون بہ ويندين؟

رام : تنهنجي ڪهڙي مرضي آهي؟

محمد : وڃڻو ئي پوندءِ ديوان! ڌاريا آيا آهن، تن ۾ دير ڪٿي؟

رام : جيئن سائينءَ جي مرضي.

محمد : ديوان، وڃڻ جو فيصلو ڪرين تہ مون کي ٻڌائج.

رام : (ڇرڇو ڪندي) هلندين مونسان هندستان؟

محمد : (ٿڌو ساهہ کڻي) تو جهڙي محبوب جي هتي گهرج ناهي تہ مون مسڪين مسلمان جو اتي ڪهڙو قدر ٿيندو؟ ... ... مان هندستان کونہ هلندس پر توکي حد تائين ڇڏي ضرور

هڪ هڪ ڪري موسم ويندي رهي ۽ هڪ ڏينهن سرءُ اچي ويو، خزان اچي وئي.

درشيه: سرسبز وڻ سڪي ويا آهن. گل هڪ به نظر ڪونه ٿو اچي. هرهنڌ ڪنڊا ئي ڪنڊا پيا ڏسڻ ۾ اچن. تلاءَ سڪي ويا آهن. پکي پريشان آهن. جانور بيحال ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا آهن. ڪوئل جا پر ڪنڊن بيڪار ڪري ڇڏيا آهن. گهائل ڪوئل زمين تي ڦٿڪي رهي آهي. پرواز ڪرڻ کان مجبور ڪوئل غم جي تصوير آهي. ڪوئل جي نازڪ بدن مان ڌيري خون وهڻ ٿو لڳي. خون جي سنهڙي لڪير ڊگهي ٿيندي ٿيندي هڪ نديءَ ۾ بدلجي ٿي وڃي.

ماحول ۾ هراس ڦهليل آهي. چوطرف انساني چيخون گونجي رهيون آهن. هراسيل چيخون، ضربيل چيخون، وڍيل چيخون، حيواني چيخون، شيطاني ٽهڪ، تلوارن ۽ ڀالن سان ڪٽجندڙ انسانن جون چيخون ۽ هٿيارن جي ڪچ-ڪچ جا آواز ... ... ۽ پوءِ اَچانڪ موت جهڙي شانتي ڇانئجي ٿي وڃي.

اکنڊ ڀارت جو نقشو خون جي ڇنڊن سبب بدصورت ٿي ويو آهي. جانورن وانگر سٿيل ماڻهن جي ريل گاڏي ڀارت جي وچمان گذري رهي آهي. ڪيترائي ماڻهو ريل گاڏيءَ جي ڇت تي به وينا آهن. گاڏن جي درن ۽ درين مان خون ٽپڪي رهيو آهي. انجڻ جو دونهون پڻ خوني رنگ جو بڻجي چڪو آهي.

سوتردار: رشين، سنتن، درويشن ۽ پيرن فقيرن جي هن ڌرتيءَ کي نه معلوم ڪنهن جي نظر لڳي وئي؟ ...

(وايو منڊل ۾ سڏڪا ڦهلجي ٿا وڃن، جن ۾ ريل گاڏيءَ جون سيٽيون ۽ ساموندي جهاز جي گهگهن جا آواز ملي ٿا وڃن.)

... ...

(ڪئميرا محمد جي چهري تي. ڪلوز- اَپ، هڪدم ڇرڪ ڀري مان جاڳي اٿي ويٺو. ڪئميرا محمد مٿان. محمد وڪڙ ڏيئي ٻاهران ئي ٻاهران اچي اسٽيج تي پهچي ٿو. رام پنهنجي ڳلي مان گلن جو هار لاهي محمد جي ڳلي ۾ وجهي ٿو. محمد جو چهرو ٻهڪي رهيو آهي.)

محمد: (گد گد ڪنٺ سان) ديوان وڏي عزت ڪري ڇڏيئہ مسڪين جي.

(محمد رام جي پيرن تي ڪري ٿو پوي. رام ڪيس اُٿاري ڳلي سان لڳائي ٿو)

محمد: (مائڪروفون تي) لائق آهي ديوان، جو مون مسڪين جو ايڏو مان ڪٿي ڪيو اٿس. اسان تي هن جا ايڏا احسان! ٻيا اُجوري اچي اسان جون دليون خوش ڪري! مان انجام ٿو ڪريان تہ جڏهن بہ هي محبوب منهنجي گاڏيءَ ۾ چڙهندو مان ڀاڙو ڪونہ وٺندو ساڻس.

(زور سان وٺي ٿو رام کي ڀاڪر پائي)

محمد: نؤڪر آهيان تنهنجو ديوان! آزمائي ڏس.

(رام جو ڪلوز- اپ. هن جي اکين ۾ پاڻي آهي. محمد جو ڪلوز- اپ. هن جي اکين ۾ بہ پاڻي آهي. محمد جو چهرو ڏانڌلو ٿيندو ٿو وڃي. فليش بيڪ پوري ٿي)

... ...

(محمد جي چهري جو ڪلوز - اپ. هن جي اکين ۾ پاڻي آهي. هو گاڏي هلائي رهيو آهي. اوچتو هو ٻيرل ڳلي سان بيدل جي ڪافيءَ جون ڪي سٽون گنگنائي ٿو)

محمد: ٻڪيئڙا ولر ڪان وڇڙيا،
وڃي اوکيءَ منجهہ اڙيا!

(ڪئميرا گاڏيءَ جي ڦيٿن تي. ڦيٿا ڦري رهيا آهن. محمد

ايندس.

(گاڏي هلندي ٿي رهي. ڪجهه دير ٻئي خاموش آهن)

محمد: ديوان، جهاز ۾ ويندين يا هوائي جهاز ۾؟

رام: سامان گهڻو آهي، ان ڪري جهاز ۾.

محمد: ڪياماڙيءَ تائين هن مسڪين جي گاڏيءَ ۾ چڙهي هلجِ. اُماڻي ايندو سانءُ ته وڏو آئت ايندو ... ...

(محمد جي چهري جو ڪلوز- اَپ)

محمد: مان زندگيءَ ڀر نه وساري سگهندس اُها رات جڏهن تو سلاهٽن ۾ وڏي عزت ڪئي هئي مون مسڪين جي ... ...

(محمد جو چهرو ڌنڌلو ٿيندو ٿو وڃي. فليش بئڪ)

درشيہ: سلاهٽن جو ننڍڙو ڳوٺ. رات جـو وقت. لالٽينن ۽ شمعدانن جي روشنيءَ ۾ ڳوناڻي محفل متي پيئي آهي. هندو مسلمان مرد مزي سان راڳ جو لطف ماڻي رهيا آهن. رام ڪاڇيءَ جي اڇي لباس ۾ سامهون منچ تي وينو متڪو وجائي. سندس پاسي ۾ ايشو ۽ ايسر وينا آهن.

رام: (هٿ روڪي) مجلس ۾ منهنجو يار محمد آهي؟

محمد: (دور ڪان- ماڻهن جي وچمان) حاڪم، حاضر آهيان.

رام: ٻڌه ظفر جو ڪلام؟

محمد: قربان وڃانءِ ... ٻيجل آهين ... ڇوُ نه سر ويڍي ڏيانءِ.

رام: يار محمد، رام سرُ سان سر نه ڪپيندو آهي، ويران دلين کي سرسبز بڻائيندو آهي.

(متڪي تي هٿ هڻي شعر ٿو چوي)

ڪانٽا ڇپا ڪسي ڪو تڙپتي هئن هم "امير"،

ساري جهان ڪا درد هماري جگر ۾ هئ.

گهڻا آواز: واهه واهه! قربان!! صدقي!!!

رام: يار محمد، مهرباني ڪري اسٽيج تي اچ.

رام: (محمد کي ڀاڪر ۾ ڀري) محمد، منهنجا ڀاءُ، تون ڪهڙو نه نيڪ انسان آهين! الله توکي خوش رکندو.

(شينهن جهڙو مڙس محمد، پاڻ کي روڪي نه ٿو سگهي ۽ سڏڪا ڀري رئڻ ٿو لڳي. رام جي اکين ۾ به آنسون اچي ٿا وڃن. ٻنهي جي چهري جا ڪلوز - اپ پردي تي اچن ٿا. ٻنهي جي اکين مان ڳوڙها ٽپڪن ٿا ۽ زمين تي ٻنهي جا آنسون گڏجي ٿا وڃن.)

(اٿاه سمنڊ. جهاز جو گهگهو ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. جهاز هلڻ وارو آهي. ڪناري تي ڪيئين ماڻهو بيٺا آهن. ڪيترا ماڻهو اڃا ڏاڪڻ رستي جهاز ۾ چڙهي رهيا آهن. ڪجهه ماڻهو جهاز جي ڊيڪ تي اچي بيٺا آهن. رام به جهاز جي ڊيڪ تي بيٺو آهي ۽ ريلنگ کي جهلي ڪناري ڏانهن نهاري رهيو آهي.

ڪناري تي محمد بيٺو آهي. هو به رام ڏانهن هڪ ٽڪ نهاري رهيو آهي. سندس هٿ ۾ لڪڻ آهي.

جهاز هلڻ لڳي ٿو. رام محمد ڏانهن رومال لوڏي ٿو. محمد چندن جو لڪڻ مٿي ڪري لوڏي ٿو.

جهاز اٿاه سمنڊ ۾ دور، دور، دور ٿيندو ٿو وڃي. ڪئميرا محمد کي ٻنيارو ڪور ڪري رهي آهي. جهاز اکين کان اوجهل ٿي چڪو آهي. سامهون اٿاه سمنڊ لهرائي رهيو آهي.)

... ...

چوپاٽي.

(اٿاه سمنڊ لهرون ماري رهيو آهي. پاڻيءَ ۾ ڪيترائي ناريل ۽ گل - ڦل تري رهيا آهن. ڪيئين ٻار سمنڊ ۾ تري ناريل ڪٺي رهيا آهن. چوطرف گڻپتي ٻپا - موريا، گڻپتي ٻپا - موريا جا سنگيتمي سُرَ گونجي رهيا آهن. چوپاٽيءَ تي اٿاه ڀيڙ آهي. واريءَ تي جڻ ماڻهن جو سمنڊ لهرائي رهيو آهي. جدا جدا

(يا رام نظر ڪونہ ٿا اچن فقط محمد جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو)

محمد: زهري زلف زوراور جا،
توکي ڌهرا دام پيا!
پکيئڙا ولر کان وڇڙيا،
وڃي اوکيءَ منجهہ اڙيا!!

(گاڏيءَ جا ڦيٿا ڦرندا رهن ٿا. اوچتو گاڏي بيهي ٿي. ڪياماڙي اچي وئي آهي. محمد رام جو سامان گاڏيءَ مان هيٺ لاهيٿو. رام بہ هيٺ لهيٿو. سامان لاهي محمد رام کي سلام ٿو ڪري.)

(اٿاهہ سمنڊ لهرون ماري رهيو آهي. بندر تي هڪ مسافرن جو جهاز بيٺو آهي. رام ۽ محمد بندر وٽ بيٺا آهن.)

محمد: جتي پير تتي خير. الاهہ وڏي حياتي ڏيندو.

(رام جي هٿ ۾ هڪ چندن جو لڪڻ آهي. رام اهو لڪڻ محمد کي ڏئي ٿو)

رام: محمد، هيءَ منهنجي نشاني پاڻ وٽ رکج. هن جي سرهاڻ کي منهنجي يادگيري سمجهج.

(محمد سڪ ۽ شردا سان چندن جو لڪڻ وٺي ٿو. هو ڏاڍو خوش آهي. لڪڻ کي سنگهي ٿو. اکيون پوري ٿو ڇڏي جڻ سڳنڌ جو آنند مدهوشيءَ ۾ ماڻي رهيو هجي)

محمد: ڪڏهن بہ توکي نہ وساريندس ... ... پر ديوان، هڪ عرض آهي.

رام: چئو منا، دل کولي چئو.

محمد: جڏهن هندستان پهچين ۽ مسلمانن جا ظلم ياد اچنئي تڏهن هن مسڪين محمد کي ياد ڪجانءِ.

ديوان، سڀ انسان هڪ جهڙا نہ آهن. سڀ مسلمان برا نہ آهن.

٢- تُوَ ماتا، تُوَ پِتا جڳي پا، گياتا تُوَ سرڪشو جڳي پا،
پامر مي ور اُٺي پاستو، تجهي آرتي گايا!!
تُوَ سک - ڪرتا ... ...

(رام سمنڊ ڏانهن نهاري رهيو آهي. سمنڊ ۾ تمام ٿورا ناريل ٽڙي رهيا آهن. لهرن تي گل لهرائي رهيا آهن. هاڻي هر هنڌ ايڪانت آهي، شانتي آهي. لهرون ناز سان لڏي لمي رهيون آهن. رام ڄڻ ڪنهن ڇمڪي اٿڻ کان ڇڪجي سمنڊ ڏانهن گهلبو ٿو وڃي. سمنڊ جو پاڻي رام جي گوڏن تائين اچي ٿو وڃي.

شام جو وقت آهي. سج لهي رهيو آهي. اوچتو سامهون چمڪاٽ ٿئي ٿو. رام اوڏانهن ڇتائي نهاري ٿو.

سمنڊ مان اُڏيرو لال پلي تي سوار پرگهٽ ٿي رهيو آهي. اَمرلال جي مٿي جي پنيان گيڙو رنگ جو گول پرڪاش چمڪي رهيو آهي.

رام جو سوڪيم شرير امرلال ڏانهن وڌي سندس پيرن تي ٿو وڃي پوي. اُڏيرو لال مرڪي ٿو. هٿ وڌائي آشيرواد ڏئي ٿو.

رام پاڻ پاڻيءَ ۾ بيٺو آهي. هن کان ڇرڪ نڪري ٿو وڃي. اکيون مهٽي سامهون نهاري ٿو. سامهون ڪجهه به ڪونه آهي. دور، دور تائين اٿاهه سمنڊ ڦهليو پيو آهي. سمنڊ جون بيتاب لهرون رام جو شرير چيلهه تائين پسائي رهيون آهن. لهرن جي مٿان رات جو اونداهو ڇانئجندو ٿو وڃي.

ٽوليون جدا جدا قد ۽ بناوت جا گڻپتي کڻي جل ۾ وسرجن ڪرڻ لاءِ اچي رهيون آهن. ڀڄن منڊليون مگن ٿي ڍول، ڪرتال، ليزم، دف وغيره ساز وڄائينديون گڻپتي بابا جي مهما جا گيت ڳائي نچي رهيون آهن، جهومي رهيون آهن.

دور، هڪ ڪنڊ وٽ رام بيٺو آهي. اڪيلو، سوچ ۾ گم، سندس اکيون اهي سڀ نظارا ڏسي رهيون آهن پر من ۾ ڪي ٻيا ئي ويچار اڀري رهيا اٿس. رام جي نظر سامهون واري رستي ڏانهن کڄي ٿي وڃي.

هڪ ٽولي گڻپتي بابا جي جئه جئه ڪار ڪندي، نچندي اچي رهي آهي. هو ڏاڍي اُتساهه ۽ لگن سان گڻيش جي استتي جو گيت ڳائي رهيا آهن. گيت ڪورس ۾ ڳاتو وڃي ٿو.

گيت : گڻپتي ٻپا – موريا
منگل – مورت – موريا
وگهن – وناشڪ – موريا
ڳؤري – تنيا – موريا

(سنگيت تيز ٿي ٿو وڃي. ان سان گڏ ٽوليءَ جي نچڻ ۽ ڀاؤ ظاهر ڪرڻ جي رفتار به وڌي ٿي وڃي.)

گيت : تون سک – ڪرتا، تون دک – هرتا، وگهن – وناشڪ موريا !
سنڪٽي رکشي شرڻ تمامي، گڻپتي ٻپا موريا !!
تون سک – ڪرتا ... ...

۱– منگل مورت، تو ڏڻايڪ، وڪرتنڊ تون سڌي – وناڪ،
تنهيا دواري آج ڀاتلون، ديئي چت مڄ ڌيايا !!
تون سک – ڪرتا ... ...

۲– تون سڪلانچا ڀاگيه – وڌاتا، تون وديچا سوامي داتا،
گياندیپ اُجلون آمچا، نموي نترا شياچا !!
تون سک – ڪرتا ... ...

٥. ڪشت ڪشالا ڪٽبا ويندا

جوڳي جادو لائي ويا - ڪدب پدجون

جڳهه هند ڪاليج، بمبئي. ڊراما هال. ڏينهن جو وقت.

(سڄو هال درشڪن سان ڀريو پيو آهي. درشڪن ۾ مرد، عورتون، ٻار، ٻڍا، جوان، شاعر، ليکڪ، نقاد، ڪلاڪار مطلب ته هر قسم ۽ هر طبقي جا ماڻهو آهن.

رنگمنچ تي رام پنهنجن ساٿين يعني ايشو جاگيردار، چترا رام ڀڳت، ٻارو چاولا وغيره سان گڏ ويٺو آهي. رام جا هٿ مٽڪي تي نچي رهيا آهن. پاڻ جهومي جهومي آشائن ڀريو گيت ڳائي رهيو آهي. ساٿي ڪيس سات ڏيئي رهيا آهن.

رام: (ڳائي ٿو) سنڌي آهيان، هندي آهيان،

سنڌي منهنجي ٻولي،

جنهن ۾ ماءُ ڏني ٿم لولي! سنڌي آهيان ... ...

(ٿوهيڙو) سنڌيءَ سڀيو مون مارونءَ سين ساهه،

ويئي سارياں سؤمرا! گولاڙا ۽ گاهه،

هيئڙون منهنجو هت ٿيو، هت مٽي ۽ ماءُ،

پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾!

(مٽڪي جـــو آواز ماحول ۾ جادوءَ جهڙو اثر ڪري رهيو آهي. هال ۾ مڪمل خاموشي آهي. سڀئي ڪرڻ جو آواز ٻه جيڪر ته ماڪي جهڙو لڳي. درشڪ سنڌ جي ياد ۾ کوهجي ويا آهن. رام ۽ سنڌس ساٿي وجد جي عالم ۾ جهومي رهيا آهن.)

رام: او منهنجا من ڪبوتر! او منهنجي دل ڪبوتر!!

هٿن سان هاج ڪئي ڪر، پيرن سان پنڌ ڪيو ڪر،

ڪلهي تي وار ڌريا ڪر، ليڙن سان ناٽ ڪيو ڪر،

ڌڻيءَ جا گڻ ڳايا ڪر، مک سان نام جپيو ڪر،

وات سان گت ڪئي ڪر جانيڙا!

لوڪي نيڻين جادو لايا يار!

نيڻين جادو لايا! او منهنجا ... ...

گيت

١. سنڌي آهيان	رام
٢. سنهيءَ سڻيءَ سبيو	شاه
٣. او منهنجا من ڪبوتر!	نيوند
٤. مالڪ ٿون درد ڪٽيندين	چندر
٥. ڌيرج ڌر من	وفا

پاتر:

رام ۽ سندس ساٿي جاگيردار، چنارام وغيره

درشڪ

لوڪل ٽرين ۾ ويٺل مسافر

ٻڍو ۽ ٻڍي

ڇوڪرو

ٻڍڙ ڪٽيندڙ جوان، ٻڍا ۽ مزدور

سوٽڙدار.

(نظارو عجب جهڙو آهي. رام جي مقناطيسي ڪشش سڄي هال کي ڄڻ رنگمنچ بڻائي ڇڏيو آهي.)

... ...

(بامبي جي شاهي رستن تي اٿاهه ڀيڙ آهي. موٽرون، بسيون ۽ ماڻهو، هرڪو پاڻ ۾ پورو آهي. ڪوئي ڪنهنجو ڪونهي. اٿاهه ڀيڙ ۾ هرڪو اڪيلو ۽ بيسهارو آهي.)

... ...

(هال ۾ لال جي ڌني اڃا چالو آهي. ماڻهو آنند مگن آهن ۽ رام جهومي رهيو آهي. سندس ساٿي ٻه پاڻ پنهجي موڄ ۾ مستان ٿي ويا آهن.)

... ...

درشيه : چرچگيٽ اسٽيشن تان هڪ لوڪل ٽرين ڇٽي رهي آهي. هڪ گاڏيءَ ۾ رام ويٺو آهي. اڪيلو، اکيون اڌ ٻوٽيل اٿس. پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. گاڏيءَ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي، ان کان بلڪل بيخبر. سندس اکين جي اڳيان هڪ نظارو ڦري ٿو اچي.

ڪلياڻ ڪئمپ جي هڪ ٽڏن واري بئرڪ ۾ هڪ بيمار ۽ بيحال ٻڍو کنگهي رهيو آهي. زور زور سان. هو ايترو ته ڪمزور ٿي ويو آهي جو کنگهڻ جي به هن ۾ سگهه نه رهي آهي. دم جي بيماري هئڻ جي ڪري ساهه کڻڻ ۾ ڪافي تڪليف ٿي رهي اٿس.

ٻڍو : (ڏاڍي تڪليف سان) ٻڌين ٿي ... اڙي ڪوئي آهي ... (۽ زور زور سان کنگهڻ ٿو لڳي.)

(هڪ ٻڍي جيڪا سندس زال آهي ۽ پاڻ به تمام ڪمزور آهي، بيزاريءَ مان سندس اڳيان اچي ٿي.)

ٻڍي : (رکي آواز ۾) ڇاهي؟ هر هر ڇو ٿو سڏ ڪرين؟

(رام پنهنجي وجد ۽ هاؤ - ڀاؤ سان سڀني کي منتر - مگند ڪري ٿو ڇڏي. ماڻهو ساهه روڪي هن مستاني جي انگ- انگ- جي اداڪاري ڏسي رهيا آهن. رام گيت جي لفظ لفظ کي جڻ چٽي رهيو آهي. هن جي سڄي هستي هڪ ڪبوتر لڳي رهي آهي، جيڪو پنهنجي محبوب لاءِ تڙڦي رهيو آهي.

رام: (گيت) ايڪ گلي ۾ نانگ هڻ ڦهري،
دوجي گلي ۾ چوُ ها،
راهه مسافر ماريو ويندين، هڻ هڻ تنهن نا ڪيتا !
او منهنجا من ... ...

٢- تون منهنجو جاني آءٌ تنهنجي ٻانهي،
توتان ڪريان سر قرباني
رمز چڱي ڏيکار ! او منهنجا من ... ...

٣- تون منهنجو مالڪ، مان تنهنجو ٻالڪ،
تون پرت پالڪ !
دل ۾ ڏيرج ڌار ! او منهنجا من ... ...

٤- ”نيوند“ آهي تو در سوالي، تنهنجي مور نه ڇڏج خالي،
سائينءَ جي آڌار ! جهوُلڻ جي آڌار !
او منهنجا من ڪبوتر ... ...

رام : (اُٺي بيهي) آيو لال
درشڪ : (يڪدم) جهولي لال
رام : آيو لال
درشڪ : جهولي لال
رام : جيڪو چوندو جهولي لال
درشڪ : تنهنجا ٿيندا ٻيڙا پار
رام : جيڪو چوندو جهولي لال
درشڪ : تنهنجا ٿيندا ٻيڙا پار

ٻئي هٿ سان هن گاڏيءَ جو هينڊل جهليو آهي. هاڻي گاڏي بلڪل بيهي رهي آهي. ڇوڪرو هٿ ڇڏي ٽپو ڏيڻ وارو ئي آهي جو ٽرين وڃي ٿي رفتار پڪڙي. جهٽڪي لڳڻ جي ڪري ڇوڪرو پاڻ سنڀالي نه ٿو سگهي ۽ ڦهه ڪري اچي ٿو پٽ تي پوي. هوا جي زور جي ڪري وڪڙ کائي وڃي ٿو ڦيٿن جي هيٺان پوي.

گاڏي ٽروڪار روپ ۾ دور وڃي رهي آهي. ڇوڪري جو رت ۾ ٻڏل لاش پٽن وٽ پيو آهي. ڪٽمنڙن وارو ڊٻو بلڪل ڇيهو ٿيو پيو آهي ۽ ڪٽمنڙا چاهي بسڪوٽ هيڏانهن - هوڏانهن پکڙيا پيا آهن.

پريان ڪجهه ماڻهو "ڇا ٿيو - ڇا ٿيو" ڊڪندا ڊڪندا اچي رهيا آهن.

... ...

(لوڪل ٽرين هلي رهي آهي. رام اچا پنهنجن خيالن ۾ ٻڏل آهي. ڪيس آس - پاس جي ڪائي به خبر ڪونه ٿي پوي. اوچتو سندس اکين جي اڳيان هڪ ٻيو نظارو ڦري ٿو وڃي.)
درشيه : اجمير جو شهر، ڌرتي.

هڪ ٽڪريءَ وٽ ڪيترائي سنڌي پٿر ڪٽي رهيا آهن ۽ ڍوئي رهيا آهن. هرهڪ سنڌيءَ جي حالت قياس جوڳي آهي. هنن جي چهرن تي غم، غصو، نراشا ۽ شڪايت صاف ظاهر آهي. انهن سنڌي مزورن ۾ ٻڍا به آهن ته جوان به. ڪي ننڍيءَ عمر وارا به آهن. انهن کي ڏسڻ سان صاف ڀائين لڳي رهيو آهي ته آزادي حاصل ڪرڻ جي امنگ ۽ اتساه ۾ ديش جا ڪرڻڌار ڪجهه غلط ۽ اڀرا ڪم به ڪري ويا آهن.

هڪ پير مرد : (پٿرڪو رکي پگهر اگهندي) اڙي او ظالم ڀڳوان! ڏاڍو سٺو انعام ڏنو اٿيئي آزاديءَ جو.

ٻيو : (تمام ڪشت سان) دوا ... ڪا دوا ...
ٻڍي : ڪوئي ڊاڪٽر مفت ۾ اچڻ وارو ڪونهي. دٻا ڏيڻ وٺو
هليو. ڇوين نه ڇانڊه ڇڪي ناهي ڏيان ۽ ...
ٻيو : (هانڪو ٻري) هي ڀڳوان! هاڻي وڌيڪ نه سٺاءِ- ٻار
ڪٺي نه ڇٽي ٻوان ...
ٻڍي : بس، هاڻي اسان لاءِ رهيو به اهوئي رستو آهي ... سنڌ
۾ ڇا هئاسين ۽ هئي ...
(اوچتو ٻڍي ٿي ڪنگهه جو دؤرو ٿو اچي پوي. هو ڪنگهندي
ڪنگهندي نستو ٿي ڪري ٿو پوي. ٻڍي هڪدم هن جي اڳيان
اچي ٿي.)
ٻڍي : ٻڌ - ٻڌ - اکيون کول - ڇا ٿي ويو ؟
(ڪئميرا ٻڍي جي چهري تي. ڪلوز - اپ. ٻڍي جي جان
نڪري چڪي آهي.)
ٻڍي (غمگين آواز ۾) اڙي! ونين هليو ...
(ٿڪ ڪري ٻڍي جي بيجان جسم مٿان ڪري ٿي پوي ۽
اوچنگارون ڏيئي روئي ٿي.)

... .

(لوڪل ٽرين هلي رهي آهي. رام ڀمڀعن خيالن ۾ غلطان
آهي. سنڌس اکين جي سامهون هڪ ٻيو نظارو ڦري ٿو وڃي.
ڊرشيه : لوڪل ٽرين ڪلياڻ ۽ امبرناٿ جي وچ ڪجهه دير
ٽڪي ٿي (جيئن نه انهن ڏينهن ۾ اچا وٺلوازي ۽ الهاسنگر
اسٽيشنيون ڪونه ناهيون ويون هيون، ان ڪري ڪيترائي
سنڌي هلندڙ گاڏيءَ مان انهيءَ جڳهه تي لهي پوندا هئا)
هڪ گاڏي جي در وٽ هڪ ڏهن ٻارهن سالن جو ڇوڪرو
بيٺو آهي. هو لهڻ جي تياري ڪري رهيو آهي. سنڌس هڪ
هٿ ۾ هڪ ڊٻو آهي جنهن ۾ ڪتمنڊا ۽ بسڪوٽ پيا آهن

(ڇٽو ڪٽڻ، ڀوئڻ ۽ مزوري ڪرڻ جا جدا جدا نظارا. ڪم ڪندي ڪندي ٿڪل پير مرد ۽ پيسجندڙ جوان. اُس گرمي ۽ هڪ ٻئو ڪري ٿو پوي.)

گيت : ٢- ناز جا پاليل سنڌي نماڻا
وطن ڇڏي هت ٿيا ويڳاڻا. مالڪ ...

(رستن تي ديوانن وانگر ڀٽڪندڙ سنڌي. مايوس ۽ نراس ٻار. ڪمزور عورتون.

ٽرين مان چار سنڌي ڇوڪريون ڪڍڪ ۽ ڇانورن جون ڳوٿريون کڻي لهن ٿيون. ٻه پوليس وارا ڊوڙي اُنهن کي پڪڙين ٿا. ڇوڪرين جي چهرن تي ڪروڌ ۽ اُهي پاڻ ڇڏائڻ لاءِ ٻاڏائن ٿيون.

هڪ سنڌي ٻار کي هڪ ماڻهو ٻه چار ٿڦون وهائي ٿو ڪڍي.)

گيت : ٣- کهڙي "چندر" آ هيءَ آزادي؟
خاص سنڌين جي ٿي بربادي! مالڪ ...

(وري- وسائڻ واري ڪاٽي جي آفيس جي ٻاهران سنڌي مردن ۽ عورتن جون لنبيون قطارون. انتظاري ۽ بيقراري. ڪن پير مردن جي اکين ۾ آنسون آهن. هڪ وڏوا زارون زار روئي رهي آهي. هڪ ٻئو ڪاغذن کي ڇاتيءَ سان چنبڙائي بيٺو آهي جڻ ته انهن ڪليم جي پنن ۾ سندس جان هجي.

جانورن وانگر ڪئمپن ۾ ڦٽي ڪيل سنڌي ڪٽنب. آس پاس نه بازار نه بستي. ويراني ويراني ۽ دور تائين ويراني.)

... ...

مهيم اسٽيشن. لوڪل ٽرين پليٽفارم تي اچي بيهي ٿي. هڪ دٻي مان رام ٻاهر اچي ٿو.

... ...

ٻيو پيرو : (اڳيان رکجي) ادا، شڪايت ڇا لاءِ ٿو ڪرين ؟ کهڙي نه صاف صاف لفظن ۾ چيو هو ته مان اهو ڏينهن ڏسڻ چاهيان ٿو جڏهن هندن جون زالون مسلمانن جي گهرن ۾ ٻرتن ملينديون، جيئن اڄ مسلم زالون ڪن ٿيون.

هڪ جوان : ڪونو نصيب کهڙي جو! مسلمانن جي چاڪري ڪرڻ بدران هندو ملڪ ئي ڇڏي آيا.

ٻيو جوان : يار، ان ڳالهه ميان جي. ايم. سيد کي ضرور خوشي بخشي هوندي. هن جي دلي آرزو هوندي هئي ته هندن کي سنڌ مان ائين هڪالي ڪڍجي جيئن نازين جرمنيءَ مان يهودين کي لوڏي ڪڍيو هو. خدا سندس تمنا پوري ڪئي.

ٽيون جوان : ۽ هاڻي ميان سيد ضرور هڪ همٿ ڪئن ٿي رکي ۽ ٻيو آسمان ڏانهن اُپو ڪري عيش جون قواليون آلاپيندو هوندو. (سڀ کلن ٿا)

ٽيون پيرو : (هنن جي ڀرسان اچي) بدنيتيءَ مان ڪنهن کي سک ملڻو ناهي. اسان سنڌي پوءِ هندو هجون يا مسلمان، ايائي گهرن جو خير گهرندڙ آهيون. اسان جي خون ۾ بغض ۽ بيائي آهي ئي ڪونه. اڄ جي سيد گمراهه ٿي ويو آهي ته سڀاڻي راهه تي به ايندو ۽ جڏهن راهه تي ايندو تڏهن هڪ هڪ سنڌي ٻچو، هندو چاهي مسلمان سيد تي ساهه ڏيندو، ياد رکجو.

(سڀ پنهنجي پنهنجي ڪم کي لڳي ٿا وڃن. اوچتو وايو منڊل ۾ چندر جو گيت گونجڻ لڳي ٿو)

گيت : مالڪ تون درد ڪٽيندين، ڪين ڇڏيندين،
هرهنڌ، هر هال ۾ رانول رهبر ٿيندين. مالڪ ...
اي سنڌ ۾ سنڌين جا هٿا ڪارخانا
پڙ يوئن همت هاءِ ڙي زمانا. مالڪ ...

درشيه : آواز بند ٿي ٿو وڃي پر اڃا ماحول ۾ لرزش آهي.

رام سر مٿي ٿو کڻي. اُڏيري لال ڏانهن نهاريٿو. رام جي اکين ۾ ڳوڙها آهن. آنند ۽ احسان جا ڳوڙها!

... ...

درشيه : ڪئميرا سيتا سندو پون جو هڪ ڪمرو ڏيکاري رهي آهي. ان ڪمري ۾ سنڌي ساز پريا پيا آهن جيئن ته : مٽڪو، سارنگي، طبلي جي جوڙي، ڍولڪ، ٿالهه، ڪڙتال، جهانجهه، گهنبٽي، هارمونيم، بانسري، شهنائي، بين، چانگ، سرندو، يڪتارو، نار، پاوا وغيره. سوترڌار ڪمري ۾ هڪ ديوار جي اڳيان بيٺو آهي. سوترڌار جو ڪلوز - اپ.

سوترڌار : ملٽن هڪ مهان ۽ امر پستڪ لکيو آهي پئرادائيز لاسٽ. ان پستڪ جو هڪ ڪردار آهي عزازيل. ساهتيڪارن عزازيل جي شخصيت کي انوکي ۽ بيمثال شخصيت سڏيو آهي. ان جو هڪ وڏو سبب آهي.

پرماتما عزازيل کي سرڳ مان نيڪالي ڏيئي دوزخ ۾ قيد ٿو ڪري. عزازيل دلشڪستو ڪونه ٿو ٿئي، پر پوري آتم - وشواس سان چويٿو :-

”ڇا ٿيو جي اسان جنگ هارائي؟
اسان سڀ ڪجهه ڪين وڃايو آهي،
اسان وٽ اڃا به قائم آهي :
محڪم ارادو ۽ دليري،
اها دليري جا اسان کي نه ڪو پيش پوڻ ڏيندي
۽ نه آڻ مڃڻ لاءِ مجبور ڪندي.
پوءِ به ڇو ٿا اسان هاريو آهي!“

ورهاڱي کان پوءِ سنڌين ۾ نراسائي هئي، اداسي هئي، غمگيني هئي ۽ دور دور تائين ڦهليل هئي دکن - پري اونده.
ان وقت رام سيٺو ڪاٺي ڇيو ...

درشيہ : جوت جلي رهي آهي.

هڪ وڏي ٿلهي تي اَڏيري لال جــي وشال ۽ اوُچــوي سنگمرمر جي مورتي رکـي آهي. پاسي ۾ اکنڊ جوت جلي رهي آهي. اگربتين ۽ ڌوپ جي دونهي سان سڄي ڪمري ۾ سڳند ڦهلي پيئي آهي.

ڪمري جي سامهون واري ديوار جي ڪنڊ ۾ رام ڊرڻيءَ تي وينو آهي ۽ جوت ڏانهن ٽڪٽڪ نهاري رهيو آهي. ڪجهه دير بعد رام اُٿي ٿو. ڌيري ڌيري هلندو اَڏيري لال جــي سامهون ٿلهي وٽ اچي بيهي ٿو. سندس اکيون اڃا ۽ جوت ۾ اٽڪيل آهن. رام هٿ جوڙيندو. جوت سان جڙيل نظر جي تار ٽوڙيندو.

رام : اَڏيرالال! رکپال! ننگپال! پنهنجــن ٻالڪن جــي پت رکجانءِ. جهولڻ! آخر تنهنجن ٻچڙن ، منهنجن سنڌين جــو ڇا ٿيندو؟

درشيہ : رام وري پنهنجون نظرون لال سائينءَ جـي جوت ۾ اٽڪائي ٿو ڇڏي.

ڪئميرا رام جي اکين تي آهي.

اک وشال ساگر ۾ بدلجي ٿي وڃي.

امر لال، گهوڙي تي سوار، مڇي تي ڪلنگي، ساگر جي رستي ويجهو ايندو ٿو وڃي. چوگرد هلڪو هلڪو ڌنڌ ڇانيل آهي.

ڪئميرا رام کي پنيان ڪور تي ڪري. رام اَڏيري لال جي پيرن وٽ ٿلهي تي مٿو رکي جڻ بيهوشيءَ جـي حالت ۾ پيو آهي. اوچتو ڪٿان گنڀير آواز اچي ٿو. آڪاش وائيءَ جيان يا من جي تيز پاونا جيان.

آواز : (گنڀير پر مڌر ۽ آتم- وشواس پيدا ڪندڙ) دل نہ لاھ! ڪرم ڪندو رھ! جن ديش ۽ ڌرم لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪـيو آهي، انهن کي سڀ ڪجـهه ملندو. دنيا جـي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين سنڌين جي سڳند ڦهلجي ويندي.

(رام اُٿي بيهي ٿو ۽ ڳائي ٿو)

٢- ڪنهن جي سيجا تي پشپ پريون پيون ليٽيل آهن
ڪڪرن جي آنچل ۾ ڪرڻا پيا تہ سميٽيل آهن
غم جا بادل گهٽبا ويندا، هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!

درشڪ : هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!

رام : ڌيرج ......

٣- مرڪي مرڪي لڙڪ ”وفا“ اکڙين ۾ پيي جي ويندين

درشڪ : اکڙين ۾ پيي جي ويندين

رام : راهن جي گهٽ - گهيرن کان تون واقف ٿيي جي ويندين

درشڪ : تون واقف ٿي جي ويندين

رام : پٿر پاٽيهي هٽبا ويندا، هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!

درشڪ : پٿر پاٽيهي هٽبا ويندا، هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!

رام : ڌيرج ڌر من ليڪو نہ ڪر من
ڪشٽ ڪشالا ڪٽبا ويندا

درشڪ : هڪ هڪ ٿي هڪ هڪ ٿي.

رام : دانهن نہ ڪر من، آهہ نہ ڀر من
درد خوشين ۾ مٽبا ويندا

درشڪ : هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!

(سنگيت جي لهرن تي رام سان گڏ هال ۾ ويٺل درشڪ بہ موج ۾ اچي نچن ٿا.)

رام : آيو لال

درشڪ : جهولي لال

رام : آيو لال

درشڪ : جهولي لال

رام : جيڪو چوندو جهولي لال

درشڪ : تنهنجا ٿيندا بيڙا پار.

رام: نراس نہ ٿيو. نا اميد نہ ٿيو. اسان وٽ سڀ ڪجھ آهي. اسان ۾ زندہ رهڻ جي شڪتي آهي. نئين دنيا اڏڻ جي تمنا آهي. پنهنجن سپنن کي ساڀيا بڻائڻ جو ساهس آهي. سنڌي ڪڏهن بہ ڪين مرندو. سنڌي مرڻو ئي نہ آهي. امرلال جو پوڄاري سدائين امر ۽ اوجسوي رهندو.

سوترڌار: گرو گوبند سنگھ چيو هو:

بازون سي جب چڙيا لڙائون
تب گرو گوبند نام ڪهائون
۽ اسان جي رام چيو:

رام: روڊن ڪندڙ، پٿڪو ڪندڙ ۽ سڏڪا ڀريندڙ سنڌين کي جڏهن نچائيندس، ٽپا ڏيارينداس ۽ ٽهڪ ڏيئي زندہ رهڻ سيکاريندس، تڏهن ئي پنهنجو نالو رام سڦلو سمجهندس.

....

درشيہ: رام پنهنجن سائين سان گڏ رنگمنچ تي مٽڪو وڄائي ڳائي رهيو آهي. سنڌس سائي بہ ڪيس ساٿ ڏيئي رهيا آهن. رات جو وقت آهي پر درشڪ موج ۾ اچي ويا آهن.

رام: ڌيرج ڌر من، ڦيڪو نہ ڪر من
ڪشٽ ڪشالا ڪٽبا ويندا
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!
دانهن نہ ڪر من، آھ نہ ڀر من،
درد خوشين ۾ مٽبا ويندا،
هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي! ڌيرج ...

١- خشڪ خزائون پوريون ٿينديون، نيٺ بهار بہ ايندا
ٽڪڙيون اڄ جي آئيون آهن، آخر گل پڻ ٿيندا
پوش ڪلين جا پٽبا ويندا، هڪ هڪ ٿي، هڪ هڪ ٿي!
ڌيرج ....

٦. نچ ناچُو اٿبئَي وبل نچڻ جي

جوڳي جادو لائي ويا - ڪمب ڇهون

اَجمير. ڪنور رام ڌرمشالا. پرڀات جو وقت. هال.

درشيہ: اسٽيج جي سامهون واريءَ ديوار تي ڪنور رام جي آدم-قد تصوير ٽنگيل آهي. رام ڪنور رام جي ويس ۾ اسٽيج تي ويٺو آهي. سازندا اسٽيج تي ويٺا آهن ۽ رام جو ٻيلي ڀڳت جي ئي ويس ۾ هڪ ڪنڊ کان ويٺو آهي.

سڄو هال ماڻهن سان سٿيو پيو آهي. تر جيتري بہ جاءِ ڪونهي. ماڻهو ٻاهر بہ بيٺا آهن. ايتري قدر جو ڪيترا ماڻهو ڌرمشالا جي ڪمرن جي دروازن وٽ بہ اچي بيٺا آهن. ماڻهو بيحد اُتساهہ ۾.

رام: توهان کي ڏسي منهنجون تہ اکيون ئي ڇرخ ٿي ويون آهن. وشواس ئي نہ ٿو اچي اکين تي. ڪير چوندو تہ هي پناهگير آهن. ڪير چوندو تہ هي ڪو ديس ڇڏي پرديس ۾ آيا آهن. سنڌي معنيٰ ساهسي. سنڌي معنيٰ سورمو. سنڌي معنيٰ سچار. سنڌي معنيٰ سمجهو. سنڌي معنيٰ سيواداري. توهان جهڙو ڪوئي دنيا مان پرشارٿي ڳولهي تہ ڏيکاري.

(تاڙين جو ٺهڪو پئجي ٿو وڃي)

رام: سائين وسطشاهہ جي ورسيءَ تي توهان سان هر سال گڏجاڻي تہ ٿيندي ئي رهندي هئي. پيارو رڇپتسنگهہ واسواڻي، اڄهو جيڪو سامهون ويٺو اٿوَ، دلبر آهي، درويش آهي، صوفي لاڪوفي آهي. هڪ ڀيري مون کان هڪ انوکو وچن ورتائين: چي - هر سال ڪنور جي ورسيءَ تي ايندين ۽ نہ صرف ڀڳت وجهندين پر ڪنور جي ويس ۾ ڀڳت وجهندين! هاڻي ڪٿي مان ۽ ڪٿي ڪنور. پر پياري جو حڪم ٽارڻ بہ سؤکو نہ لڳم. هاڻي پت پرميشور جي هٿ ۾. مون کي تہ ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿو اچي. هاڻي پاڻ کو سنت ڪنور اچي منهنجو همراهہ ٿئي. هي نماڻن جا ماڻ! بيوسن جا وس! نڱڙا نماڻي دا جيوين ٿيوين پالڻا!

گيت

١. آءُ ٻانهي تون سائين	سچل
٢. ٻڪيت	—
جيڪي منجهه جهان	شاه
ڏاتار ته تون	شاه
صاحب تنهنجي صاحبي	شاه
نچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي	امجد علي
سامي سڀ ديدار	سامي
الا ڏاهي م ٿيان	شاه
الاجي ڇا ۾ راضي آ	رانجهن
اڃا ياد آهي ... (کهاڻي)	رام
٣. ملي يار ته مينڌي لايان	سمتا

پاتر :

رام ۽ سندس ٻيلي
سازندا
درشڪ
رڻجيتسنگهه واسواڻي
سوترڌار
سنڌيءَ جي ويس ۾ نرتيه - ڪلاڪار ڇوڪري.

ڪيئي هڪ ڏوهيڙي سان ڀڳت شروع ٿو ڪري. سندس ٻيلي ٻه تيار بيٺو آهي ۽ وچ وچ ۾ رام کي ساٿ وٺائي ٿو.)

رام : جيڪي منجهه جهان، سو ٽاريءَ ٽگي ٽنهنجي،
لطف جي لطيف چئي، ٿو وت ڪمي ڪانهِ،
عدل چتان آءٌ نه، ڪو قيرو ڪبج فضل جو.

ٻيلي : ڏاتار تہ تون، ٻيا مڙئي مڱڻا،
ميڻهن تہ منڌائتا وسڻا، سدا وسين تون،
جي گهر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان.

رام : صاحب، ٽنهنجي صاحبي، عجب ڏٺي سون،
پن ٻوڙين پاتال ۾، پهڻ تارين تون،
جيڪر اچين مون، تہ ميريائي مان لهان.

رام : نچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي

ٻيلي : نچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي

رام : وري نہ ايندءِ وار!

ٻئي : نچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي
وري نہ ايندءِ وار!
نچ ... ...

رام : هر ڪنهن ويل وڃن ٿيون سائين،
ڪنجهون منجهه ڪپال!

ٻيلي : نچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي،
وري نہ ايندءِ وار!

رام : نچ ... .

رام : (ڀڳتن وانگر سريلي نئر ۾)
اڙي او ناچوُ، نچي وٺ
منهنجا من ڪبوتر، گٽ گٽ گٽ ڪري وٺ
هيڏا، سائينءَ جو نالو جپي وٺ

(رام ڳائي ٿو)

گيت : آءُ ٻانهي تون سائين ! ٻانهن ٻڌي ٻيءِ ۾ ڪيڙو ،
آءُ ٻانهي تون سائين !!
١- طرفان تنهنجي يار پيارا ! ڪانگ اچن من ڪائين !
آءُ ٻانهي تون سائين !!
٢- نانءِ مؤلا جي مهر پويئي ڪا، تورا مون تي لائين !
آءُ ٻانهي تون سائين !
٣- روز ازل کان تنهنجي آهيان، غير نه مونکي ڀانئين !
آءُ ٻانهي تون سائين !!
٤- هڪڙي ساعت اڳڻ ”سچل“ جي، پير مبارڪ پائين !
آءُ ٻانهي تون سائين !!

(جنتا منتر - مگڌ تي گيت ۽ نرتيه جو آنند ماڻي رهي آهي)

رام : مان مهان سنت ڪنور جي پيرن جي ڌوڙ برابر به نه آهيان. پر جنتا ۾ وسي ٿو پرماتما. توهان جي آگيا اکين تي رکي مان توهان جي اڳيان ڀڳت پيش ٿو ڪريان. ڀڳت به ڀڳت ڪنور جي ويس ۾. ڀڳت آهي نج سنڌي ڪلا. ڀڳت ۾ پربل آهي سنڌيت. سنڌ جي مٽيءَ جي سڳنڌ، سنڌ جي سڪ. ڀڳت کي فقط گيت، نرت ۽ اداڪاري نه سمجهجو. ڀڳت جو مهتو ان کان گهڻو مٿي آهي، گهڻو اونهو ۽ اونهو آهي ... ... سائين ستڙامداس ۽ ڀڳت ڪنور رام ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڀڳت آهي ڀڳوان سان ملڻ جو هڪ سؤلو ۽ سڌو رستو. ڀڳت جيڪو وجهي سو به تري، جيڪو ٻڌي ۽ ڏسي سو به تري. اهڙي آهي ڀڳت .

(رام ڀڳت شروع ڪرڻ کان اڳ، مٽڪي ۽ ٻين سازن کي پرڻام ٿو ڪري. درشڪن ڏانهن نهاري هٿ ٿو جوڙي - جڻ سڀني سنگت کان آشيرواد وٺي رهيو هجي. ڇير ڇمڪائي ٿو ۽ آلاپ

ٻيلي : ڇا ٿيو؟ ميربحر ڇا ٿيو؟

رام : ميربحر جواب ٿو ڏئي : سائين، ازل اچي ويو.

ٻيلي : موت اچي ويو.

رام : هائو يار! موت اچي ويو
مون ڏٺو، منهنجن يارن ڏٺو
هڪ راڪاس جيڏو جهاز
تاسن مان دونهان ڪيندو
اسان جي ٻيڙيءَ مٿان
ٺوڪيندو ٿي آيو
ساڪيات موت مٿان چڙهندو ٿي آيو.

ٻيلي : نچ ناچو ائين ويل نچڻ جي،
وري نه ايندء وار!
نچ ... ...

رام : سرمو پائج سڪ جو سائين،
اک ادب جي ڏار!

ٻئي : نچ ....

رام : مون من ٿي من ۾
امرلال کي ارداس ڪئي
او ڪلنگيءَ وارا!
او پلي وارا!
او جل ٿل اپ جا سائين!
تنهنجي در تان وريا آهيون ديدار ڪري
ديا ڪري سکہ سان
گهر - ٻيڙو ڪج.
جي ليلائي نہ لهين لہ پڻ ليلائيج،
آسرو م لاهيج، سڄڻ ٻاجهہ مند ۾ گهڻو!

ساهه سڦلا ڪري وٺ
ويل ويل وري هٿ نه ايندءِ
چاهي ڪيڏا هٿ هڻين
ڪيڏا ڪرم ڪڻين.

ٻيلي: مؤٽ ڪڙو ٿي سامهان ڪڍي تير ڪمان
چئن ڏينهن جي جڳ ۾ تون ڏينهن ٻن جو مهمان
نچ ناچو ... ...

رام: سالڪن چيو آهي:
جنهنکي صاحب رکي،
تنهنکي ڪير چکي؟
وار نه ونگا ڪر سگهي، جو جڳ ٻئري هوءِ؟
(ساز وڄندا رهن ٿا. نرت ٿيندو ٿو رهي)

رام: اڃا ياد آهي
مور نه وسرندو آرتوار جو ڏينهن
منهوڙي ٿان ٿي مونياسين
ٻارهان منهنجا يار ۽ ٻارهون هي پانهو
شام جا اٺ لڳا ها
رات سرڪندي ٿي آئي ۽ سمنڊ ويو ٿي اونداهو ٿيندو
منهنجي يار سيٺوءَ ۽ مون پئي ڳاتو
يارن ۽ ميربحر پئي واهه واهه ڪئي:
اوچتو ميربحر هڪل ٿو ڪري:

ٻيلي: ڇا ٿو چوي؟

رام: هڪل ڪري ٿو چوي:
ديوان، پاڻ سنڀاليو.

ٻيلي: پاڻ سنڀاليو.

رام: مان حيرانيءَ مان ٿو پڇانس: ڇا ٿيو؟

جهاز ڪاڙيءَ ۾ اندر گهڙندو آهي
ته پائلٽ آگبوٽ ان جي اڳ ۾ هوندو آهي
جهاز جي اندر گهڙڻ جو اطلاع
گهگهه ۽ سيٽين سان ڏيندو ويندو آهي
جڻ چوندو ويندو آهي:
ٻيڙيون! پاسي ٿي وڃو!
ڪشتيون! پاسي ٿي وڃو!
پر هيءُ موت جو دوت
بنا اطلاع ڪيئن آيو؟
اُتي ٿي سوچ آيو:
اڙي مورک!
موت ڪو ڍول دمامن سان ايندو آهي ڇا؟
هي موت جو فرشتو آهي
جم جو دوت آهي.
سامي! سڀ ديدار، اُتي عجيبن جو،
ڏسي، ٻڌي پاڻ ٿو، ٻولي ٻولڻهار،
نراڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾!

ٻيلي: سچ ٿا چئو سائين!
برابر نراڪار موت جهاز جو آڪار
ڌاري آيو سمنڊ ۾!
صدقي وڃان سائينءَ ٿان!

رام: ٻيلي! ايشور ۽ الله جي اسڪيمن تي
چرچو نه ڪر.
رنگيءَ جا رنگ اڻڏٺي نرالا.
توبهه توبهه ڪندو رهه
ڪٿ به، ڪنب به.

ٻيلي : ڀانڊ ڳڙيءَ ڳل ڪڙو پاڻي
ور ور ليلائيج
تيسين نانءُ وٺيج، جيسين لالڻ پار اڪاريئي !
رام : (ٻناوٽي غصي مان)
وڏو ڪو مطلبي آهين.
بس، تيستائين ٿي ڏٽيءَ کي ياد ڪندين جيسين
مڪتيءَ جو مطلب اٿئي ؟!
جپ لائين جو پتو ٻہ نہ پوئي،
ساهہ سان سڀي چڏ سائينءَ کي !
ڪڏهن ساهہ ڪٽڻ جي خبر پوندي اٿئي ؟
(سر سان)
جي ساهہ جي ڪل نٿي پوئي
تہ سائينءَ جي سمرڻ جي ٻہ ڪل ڇو پوئي ؟
جپ تنهنجو جيون هجي
سمرڻ هجيئي ساهہ !
تہ بانڪو بيپرواهہ،
توکان پل ٻہ نہ پاسو ڪري !
ٻيلي : هڪ ڪن ٻہ نہ ڏور ٿئي،
تنهنجي پل پل سار لهي !
رام : پيشوار ڀرج پريت جي سائين،
ڳهٽا مڙيئي ڳار !
ٻئي : ٺيڪ ...
رام : ساڪيات ڪال جو روپ
مون پنهنجين اکين سان ڏٺو.
سوچڻ لڳس : اهو دئيت، اهو پوت
اوچتو ڪٿان اچي پرگهٽ ٿيو ؟

ٻڍڙي الاجي ...
رام : ۴- ٻيو پيغمبر ڪيڏي ويا
ويندو هرڪو سفر ڪري،
حاڪم حڪم هلائي ويا
ويا ظالم ظلم ڪري !
ٻڍي : الاجي ...
رام : ظالم ڪاهيندو ٿي آيو.
هوش گم ٿيندا ٿي ويا.
هزار دفعا چيو هوم: موت جي پرواهه ناهي.
جڏهن موت سامهون آيو ته پرارٿنائون ڪرڻ لڳس :
او جهولي لال، اڳهاڙن جا نگهپال،
هن آئيءَ آفت مان بچاءِ !
وس وارو آهين، مدد ڪر،
واهڙ جو هٿ ڏڌاءِ !!
اوچتو ميرٻحر واڪو ٿو ڪري :
ٻيڙي جهاز جي چڪ ۾ اچي وئي آهي،
پاڻ بچائڻو اٿوَ ته پاڻيءَ ۾ ٽپي پئو.
ميرٻحر جو ايترو چوڻ ۽ مونهنجو پاڻيءَ ۾ ٽپڻ.
بوٽ ۽ ڪپڙا لاهڻ جي به سرت ڪونه رهي.
ڪاڌيءَ جا ڪپڙا منٽ ۾ مڻ مڻ جا ٿي ويا.
۽ جنگهون هٽي ٿڪيون، ٻانهن ڇڏيو ٻر.
موت اکين جي سامهون هو.
اڌ- مورڇا جي حالت ۾، ٻڏڻ وقت
ڪئين ڳالهيون دل تي تري آيون
پڪ ٿي وئي ته ٻڏان ٿو.

ڏڪڻ ڇڏ ڀندين ته ڏک ڏسندين.
الا! ڏاهي ۾ ٽيان جو ڏاهيون ڏک ڏسن،
مون سين مون ٻرين، پورائيءَ ۾ پال ڪيا.
اَلاجي ڇا ۾ راضي آهه، الاجي ڪنهنسان راضي آهه!!
سارو جڳ مايا آهه بازيگر جي بازي آهه!!
١- ٿوبهه ڪر ۽ تڪبر ڇڏ، ڪر نوڙت ذري،
ڪنهنجي لئه تو ڪوڙ ڪرين، ويندين خالي هٿ ڪري!

بيلي : الاجي ...

رام : ٢- ڏڪندو رهه هردم اُن ڪان جو ڪنهنڪان ڪين ڏري،
ياري رک ”رانجهل“ اُن سان جو دم دم قدر ڪري!

بيلي : الاجي ...

(رام ۽ بيلي ڦيريون پائي خوب مؤج مچائن ٿا)

بيلي : سائين! ذرا رانجهن ڏي ته ڏسو
ويچاري جي منهن جو رنگ ئي لهي ويو آهي

رام : رانجهن! ائين آهي ڇا؟ پيارا، مان ته هاڻي تنهنجو ئي لوڪ- پريم گيت ڳائي رهيو هوس.

بيلي : سائين! ويچارو رانجهن منهن سان ڇا چوندو. سندس منهن جي سامهون ئي سندس سدا بهار گيت جون سٽيون ساريون ٻه ٽڙائون، ٻه انترا ڪٽي ويئه، تنهن جي منهن جو رنگ نه لهندو ته ڇا خوشيءَ ۾ جهومندو؟

رام : رانجهن! يار! آڻ ڇهري ٿي چمڪ! ٻئي بيا ٻه انترا. نچڻ ۽ ڳائڻ ئي ته منهنجي زندگي آهي، جان آهي.

(ماڻهو زور زور سان تاڙيون وڄائن ٿا)

رام : ٣- ڪنهن کي لک ڏيئي تو لال ڪري،
ڪنهن کي ڪک ڏيئي ڪنگال ڪري،
ڏوهه اسان جا ڪين ڏسي
شل پنهنجي مهر ڪري!

آسرو هئو پر اڪارٿو هو.
اتي ئي هڪ آواز ڪنن تي پيو:
"ديوان، پٽي تي ليٽي پؤ."
لائيف پٽي ٽائين مان ته پهچي نه ٿي سگهيس
پر مير لڳر
اهو پٽو مون ٽائين پهچايو!
پٽو آگبوٽ مان اڇلايو هئائون.
مون کي پٽي سوڙو ڇڪي
ڪٺي مٿي ڪيائون.
مان بچي ويس!
هائو، بچي ويس.

بيلي: نچ ناچو اتيئي ويل نچڻ جي!
وري نه ايندءِ وار! نچ ...

رام: ٿيري ڏج فڪر جي سائين،
چست رکي ڇوڙار!

بئي: نچ ...

رام: بچي ويس.
سامت ۾ آيم ته سامهون ڇهه سائي ڏٺم
مون پڇيو - باقي پنج يار؟
ڪپتان چيو - اهي شايد ٻيءَ لانچ ۾ هجن.
ڪيماڙيءَ پهتاسين.
پنجن يارن جو انتظار ڪرڻ لڳاسين.
پر هو نه آيا.
پرو سماچار آيو:
بارهن مان پنج ٻڏي ويا!
بارهن ويا هئاسين،
ست واپس ورياسين!

ماں نہ مران ٿو، جڳ ڇڏيان ٿو
منهنجي ماءُ پيءُ جو ڇا ٿيندو؟
منهنجي نؤ - ورني ڪنوار
منهنجي جيون سنگني - هري
جڏهن منهنجي پڌڻ جي خبر ٻڌندي
تہ ڪهڙي حالت ٿيندس؟
موت جي خمار، موت جي مدهوشيءَ
مون کان پاڻ ئي پلائي ڇڏيو
پاڻ کان سواءِ
ٻين سڀني لاءِ پيو سوچيان!
جڻ مران مان نہ پيو
پر جڳ پيو مري!
هاڻي سمجهي ويو آهيان
موت مرندڙ لاءِ سهاڳ جي سيجا آهي
ڀيانڪ آهي
نہ فقط ڏسندڙ لاءِ!
جڏهن محسوس ڪيم
تہ باقي ڪن - پل جو مهمان آهيان
تڏهن ايشور کي چيم:
"تنهنجي سهاري، تنهنجي چرنن ۾."
اوچتو منهنجي پرسان آواز ٿو ٿئي:
"چپ"
منهنجي سامهون لائيف پٽو پيو هو!
پر سوار ۾ سکهہ ڪتان آڻيان
جو هٿ وڌائي پٽي کي پڪڙيان!
زندگي مون سان ٺٺولي ڪري رهي هئي.

رام : نچ ناچو اٿيئي ويل نچڻ جي !

درشڪ : وري نه ايندءِ وار ! نچ ...

رام : آيو لال

درشڪ : جهولي لال

رام : آيو لال

درشڪ : جهولي لال

رام : جيڪو چوندو جهولي لال !

درشڪ : تنهنجا ٿيندا بيڙا پار !!

... ...

سوتردار : رام جي شخصيت ۾ چقمقي ڪشش هئي. عام جنتا پروانن وانگر رام ڏانهن ڇڪجي ايندي هئي. هن شمع جا پروانا لکن ۾ نه، پر ڪروڙن ۾ آهن.

رام مايوس سنڌين جي دلين ۾ نئين روشني ڀري ۽ جهولي لال کي سنڌي جاتيءَ جي سهاڳ بڻايو، پوتر نشاني بڻايو. رام سڄي ڀارت ۾ ٽڙيل پکڙيل سنڌين کي جهولي لال جي جهنڊي هيٺ هڪ ڪيو، يڪمشت ڪيو.

(لال سائينءَ جي جدا جدا قسمن جي تصويرن جو پردي تي اچڻ.)

سوتردار : ڊيل ڪارنيگيءَ جڳ - پرسد پستڪ لکيو "دوست ڪيئن ڪجن، دليون ڪيئن کٽجن"

(پردي تي پستڪ ڏيکاريو ٿو وڃي سنڌيءَ ۾.)

رام ڪري ڏيکاريو ته "اجهو هيئن" لوليءَ وارو ۽ جهوليءَ وارو رام پورڻما جي چندرما وانگر سورهن ئي ڪلائن سان ڀرپور هو.

درشيه : اسٽيج تي رام هڪ پاسي بيهي گيت ڳائي رهيو آهي. سازنده پردي جي پٺيان ويٺا آهن. هڪ نرتيه - ڪلاڪار ڇوڪري رنگمنچ جي وچ تي سسئيءَ جي ويس ۾ نرتيه ڪري ٿي. درشڪ آنند ماڻي رهيا آهن.

نيڻن نمر ڪڍايو!
دلين دانهون ڪيون!
پر ڳوڙهن ۽ دانهن سان ڪو ويل واپس وريا ؟
سينو ۽ چمن ٻئي اجڙ - تارو ٻڇي ويا!
ڀڳواناڻي ۽ مسڪاڻي ٻئي تارون ٻڏي ويا!! تري نه سگهيا!!!

ڀڳواناڻي روهڙيءَ جو هو،
جتان جا پٽ به تارون!
ترڻ ۾ ماهر هو!
ترڻ جي شرطن ۾ انعام کٽيا هئائين!
سو تري نه سگهيو!
وڇڙ وارا سڄڻ، روئان تان نه رهن!
جن وڇڙ جي کٽي
جن کي آئون سڏ ڏيو
سي ڪٿي تا واپس اچن!

ٻيلي : نچ ناچو انيٺي ويل نچڻ جي،
وري نه ايندءَ وار! نچ ...

رام : اميد علي چوي ٻيو نچڻ اجايو،
ڀلا ٻرينءَ پچار!

ٻئي : نچ ...

رام : آئو. آئو. نچو. ڪڏو. نچي نچي دردن کي دور ڪيو. مشڪلاتن جا منهن پٽيو. نچو. نچندؤ ته نهال ٿي ويندؤ.

(سڀ درشڪ اٿي نچن ٿا ۽ رام کي ڳانڍاڻ ۾ ساٿ ڏين ٿا)

رام : نچ ناچو انيٺي ويل نچڻ جي

درشڪ : نچ ناچو انيٺي ويل نچڻ جي

رام : وري نه ايندءَ وار!

درشڪ : وري نه ايندءَ وار!

٧. ٻاجهه پريا ٻل نون

جوڳي جادو لائي ويا - ڪڏب سٽون

گيت : ملي يار تہ ميندي لايان،
تہ تہ عيد اجل ڪري پايان.
١- عيد انهن ڪاڻ آهي سرتيون
خوش رهن جي ور- گهر پرڀيون
مان ڇاتي پاڻ پڏايان؟
مان تہ جيڏين جهڙي ناهيان.
ملي ...
٢- سڀ سٽي مون ڪر تہ وڄايو،
غافل ٿي مون سر تي ڪڍايو،
کهڙو ڏوهہ ڏيرن کي مان لايان
مان تہ اَمر لکي ڏي پايان
ملي ...
٣- آتش عشق آلاهہ سر تڙو
ساهہ سڪي سورن ۾ ويڙو
مان ڪنهنکي حال ٻڌايان؟
مان تہ پاڻ ڏي وٺي پايان.
ملي ...

(نرتيہ - ڪلاڪار ڇوڪري نرتيہ - ڪلا ۾ پرويڻ آهي. گيت هلندي هوءَ جيڪي مدرائون ۽ پاڻ، اکين ۽ هٿن جا اشارا پيش ڪري ٿي اُهي سوني ۾ سڳند جو ڪم ڪن ٿا. گيت پوري ٽيڪ ڪان پوءِ بہ مخت ڏيڻ ڇوڪري نرتيہ ڪلا جو پرورش ڪندي رهي ٿي.)

قريشي محل، ممبئي. رات جو وقت.

درشيہ: رام پنهنجي فليٽ جي هڪ ڪمري ۾ ديوان تي ويٺو آهي. سندس آس-پاس کيترائي پنا ۽ ڪتاب ٽڙيا پکڙيا پيا آهن. رام کي کاڌيءَ جو اڇو لباس پهريو آهي. هٿ ۾ پارڪر بال-پوائنٽ-پين اٿس. سوچي ڪجهہ لکي ٿو ۽ وري پنو ڦاڙي ڪٽي ٿو ڦٽو ڪري. رکي رکي چپن ۾ ڪجهہ، ڀڻ ڀڻ بہ ڪري ٿو.

سامهون ديوار تي ڪوي "ٻيوس" جي تصوير ٽنگي پيئي آهي. رام لکڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ ٻہ ڀيرو "ٻيوس" جي تصوير ڏانهن بہ نهاريٿو. صاف ظاهر آهي تہ رام ڪافي پريشان آهي ۽ ڪوشش جي ناڪاميابيءَ سان پاڻ ٿڪائي نہ ٿو سگهي.

رام: سياڻي مشاعرو آهي سمجھ ۾ نٿو اچي تہ ڇا لکان؟ غزل؟ گيت؟ نظم؟ آزاد نظم تہ آزار آهي ...

("ٻيوس" جي تصوير ڏانهن نهاريٿو. پنهنجون اکيون هن جي اکين ۾ کپائي ٿو. رام جي چهري تي اهڙي ڀاونا پيدا ٿئي ٿي جڻ اُتان ڪائي پريرڻا ملڻ جي اميد اٿس. آخر بہ "ٻيوس" سندس ڪويتا-گرو هو.)

رام: ڪيئن لکان ڇاڻان رڳو، ڇا لکان سڀ ٿون،
ٻوري ڪندس بانسري، ڦوڪيندين ڳل ٿون،
ٻنڌ ڪرڻ مون کان پڇي، وات وٺي هل ٿون،
ٻاجھ ٻريا ٻل ٿون، ٻيوس ۽ ٻيزور جو.

(تصوير ڏانهن نهاريندي رام جي اکين جي اڳيان هڪ پراڻي ياد اچي ٿي وڃي.)

لاڙڪاڻو: سال ١٩٢٥، صبح جو وقت.

نظارو: هڪ ميدان تي تختن جي اسٽيج ناهي وئي آهي. چوڏهن سالن جو رام کاڌيءَ جي اڇي لباس ۾ ڳائي رهيو آهي.

گيت

١. ڪيئن لڪان ڄاڻان رڳو	ڀيوس
٢. سڀ ڪن تنهنجي ساراه	ڀيوس
٣. اڄ ڀلي ڀاڳ جا آثار	رام
٤. چند اشعار	رام

پاتر :

رام
درشڪ
ڀيوس
قوال مرد ۽ عورتون

(ميدان ۾ ٻڌندڙن جو تعداد وڌندو وڃي ٿو. ماڻهن تي رام جي آواز جو انوکو اثر ٿي رهيو آهي. بيوس اِها حقيقت ڏسي ٿو ۽ خوش ٿئي ٿو)

رام : ۴- قادر قدرت منجهه سمايو
ٻي رنگيءَ هي رنگ، رچايو
چيتن جا چمڪارا
قدرت وارا !

(ڌارمڪ قسم جا ماڻهو جن کي جٽيو چوٽي آهي، ڪنڌ لوڏن ٿا. ان انتري ۾ سمايل آتمڪ ارٿ کين ڏاڍو پرسن ٿو ڪري.

درشڪن ۾ ڪجهه مسلمان به آهن. کين وڏيون سلواروُن ۽ قميصون پيل آهن. ڪن جي مٿي تي فيض ڪئپ به پيئي آهي. ڪن کي ڏاڙهيون آهن. مسلمان به رام جي مڌر آواز مان آنند ماڻي رهيا آهن ۽ ڪنڌ - ڌوڻ ڪري رهيا آهن.)

رام : ۵- ساس اندر جو ساس ڪهيٽو
”بيوس“ انهد ناد وڄي ٿو
موهن مرليءَ وارا
قدرت وارا !

(اِها آخرين پُڙا هلندي بيوس اسٽيج ڏانهن ايندو نظر ٿو اچي.)

بيوس : (رام جي مٿي تي هٿ رکندي) ڪهڙو نه سندر ٿو ڳائين !

(رام بيوس ڏانهن نهاري پيرن تي جهڪيٽو)

بيوس : (پيار مان رام کي اٿاري) ايشور جيڪا ڏات ڏني تنهنجو اپيوگ ڪرڻ گهرجي. سنو ٿو ڪرين جو گيت ڳائي پاڻ به آنند ٿو پائين ۽ ٻين کي به آنند ٿو ڏين. هاڻي مان توکان هڪ ڪم وٺڻ ٿو گهران.

اسي ۾ هڪ ڏوڪڙي ۽ هڪ باجي وارو ويٺا اٿس. رام ٻيوس جو مشهور گيت "قدرت وارا" ڳائي رهيو آهي.

رام : سڀ ڪن تنهنجي سارا (۵)،
قدرت وارا!
نرمل جوتي نور نظارا
سڀ ...

١- ڪوٽان ڪوٽ بڻايئه ڌرتيون
سهسين سج چنڊ تارا ڪئيون
جن جو انت نه پارا
قدرت وارا!

(ٻيوس رستي تان وڃي رهيو آهي. سندس ڪنن تي گيت جو پڙلاءُ پوي ٿو. هو مشڪي ٿو ۽ هڪ پل رڪجي وڃي ٿو)

رام : ٢- گلن اندر سرهاڻ ڌرين ٿو
موتين سان مهراڻ ڀرين ٿو
هيرا لال هزارا
قدرت وارا!

(ٻيوس ميدان طرف ايندو نظر اچي ٿو.)

رام : ٣- جڏهن وطن تي واءُ اچي ٿو
پن پن مان پڙلاءُ اچي ٿو
ڇن ن ن جا چمڪارا
قدرت وارا!

(ٻيوس ميدان وٽ اچي پهتو آهي. هو ڏسي ٿو ته ماڻهو ڏاڍي آنند سان رام جي منهن مان سندس گيت ٻڌي رهيا آهن.
ٻيوس عام جنتا سان گڏ پنهنجي ئي گيت جو آنند ماڻي رهيو آهي.

بيوس : هائو، وڏا ڀاڳ. جيئن رويندر ناٿ ٺاڪر مها ڪويءَ
وٽ سرسوتي به آهي ته لڪشمي به.

رام : (اڻ - تڻ مان) ٺاڪر؟

بيوس : بنگالي ڀاشا جو مها ڪوي. هن وقت سڄي ڀارت ۾
بهترين شاعر. دنيا جي ڀرينءَ قطار وارن شاعرن ۾ ليڪن مان
هڪ.

(رام بيوس ڏانهن نهاريندو رهيٿو)

بيوس : پٽ، مون تي ماتا سرسوتيءَ جي ڪرپا آهي سو
(مرڪندي) لڇمي ديوي ذرا ناراض ٿي وئي آهي.

رام : (ابوجهائيءَ مان) پوءِ سائين، ان کي ٻه ڪوتا سان منايو
چو نه ٿا؟

بيوس : (کلندي) پٽ، لڇمي ديويءَ کي نه ڪوتا سان منائي
سگهبو آهي ۽ نه سنگيت سان. هن کي صرف هڪ ئي سر وڻندو
آهي، سڪن جي جهن جهنا جهن جو سر، دؤلت جو سنگيت.
مان ته اهو سر ڪيڻ ۾ بلڪل جڏو آهيان. (زور سان کلي ٿو)
چڱو پٽ، ڀرين هيٺي ويهه.

(رام کي منجيءَ تي وهاري "بيوس" ڪمري کان ٻاهر
وڃيٿو ۽ ڪجهه ئي دير ۾ ٿالهيءَ ۾ ٻه - چار ڀاڄڙ ڪڻي اچي ٿو
۽ ٿالهي ميز تي رکي وري ٻاهر وڃيٿو ۽ شربت جا ٻه گلاس
کڻي ٿو اچي. ٿالهي ڪٽ جي آهي ۽ گلاس شيشي جا)

بيوس : اچ ڀريون ڀاڄڙ کائي شربت پيءُ.

رام : (شرم ڪندي) نه - نه. ضرورت ڪونهي سائين!...

بيوس : ضرورت نه هوندي به ضروري آهي. هلي آءُ.

(رام ۽ بيوس ڪرسيون سوري ميز جي اڳيان اچي ٿا وهن
۽ ڏيري ڏيري ڀاڄڙ کائن ٿا ۽ شربت پيئن ٿا.)

رام : حڪم ڪيو سائين !
بيوس : تون پرڀداس تولاڻيءَ جي جڳهه تي ايندو آهين نه ؟
رام : هائو سائين .
بيوس : منهنجو گهر پرڀداس جي گهر جي ڀرسان ئي آهي. اڄ شام جو اچي سگهندين ؟
رام : (ڪنڌ لوڏيندي) هائو سائين، ضرور ايندس، توهان جي گهر .

... ...

(بيوس جي گهر جو هڪ ڪمرو. ڪمرو سادو سودو آهي. غريباڻو. هڪ پاسي واڻ جي کٽ پئي آهي جنهن تي بسترو لپيٽيو هڪ پاسي رکيو ويو آهي. ويڙهيل بسترو طول وهاڻي جو ڪم ٿو ڏئي. ٻنهين تي ڪليون کتيون پيون آهن. ڪلين تي ڪپڙا لٽڪي رهيا آهن. ديوار کان ٻه - ٽي لوهه جون ڪرسيون پيون آهن جن کي وهڻ واري جڳهه تي ڪجهه سوراخ ٿيل آهن جيئن هوا اچي وڃي سگهي. آس - پاس ٻه - ٽي مچيون به پيون آهن. ڪمري جي ڪنڊ ۾ هڪ پراڻي ميز به پئي آهي. ميز تي بيوس جي لمبي ڪاري ٽوپي پئي آهي. ڪجهه ڪتاب به هيڏانهن هوڏانهن پيا آهن.

بيوس رام سان گڏ دروازي کان داخل ٿئي ٿو. رام ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو. بيوس مرڪي رهيو آهي)
بيوس : پٽ، منهنجو گهر ڪيسي سوچيندو هوندين ته هيڏي وڏي ڪويءَ جو هيترو ننڍڙو گهر ! پٽ، ٻه ديويون آهن . هڪ وديا جي ديوي سرسوتي ۽ ٻي ڌن دولت جي ديوي لڇمي . ٻئي ديويون هڪ گهر ۾ مشڪل سان ٽڪنديون آهن . ان لاءِ وڏا ڀاڳ کپن.
رام : (عجب مان) وڏا ڀاڳ ؟

ساس اندر جو ساس ڪڍي ٿو
”بيوس“ انهد ناد وڄي ٿو
موهن مرليءَ وارا،
قدرت وارا!
سڀ ڪن ...

بيوس : (ڪجهه دير چپ رهي آخر ڀنل آواز ۾) پٽ پيءُ جو نالو روشن ڪندا آهن. اڄ ڪان پوءِ تون منهنجو آتمڪ پٽ آهين. مان اڳڪٿي ٿو ڪريان ته گونگي بيوس جي زبان تون ٿيندين.

(رام جي اکين ۾ پريم ۽ شرڌا وچان ڳوڙها اچي ٿا وڃن. رام هڪدم جهڪي بيوس جا پير ٿو پڪڙي. بيوس کيس گلي ٿو لڳائي ۽ چڪي پاڻ سان گڏ کٽ تي ٿو وهاري)

بيوس : پٽ، منهنجو چاندڪا ڊرئميٽڪ سوسائٽيءَ سان سنبنڌ آهي. تنهنجو آواز اثردار آهي، گلو مٺو آهي، صورت ۾ سهڻو آهين، ناهوڪو آهين. توکي مان ڇوڪريءَ جو پارٽ ڏيندس. تون ڦبي ويندين.

رام : پر سائين مون ڪڏهن ...

بيوس : (اڌ ۾ رام کي ڪٽي) ڊڄ نه. همت ڌار. ناٽڪ ڪر. رنگمنچ تي بيدڙڪ اچ. جنهنجو رنگمنچ تي ڊپ لٿو تنهنکي دنيا جي رنگمنچ تي به پاڻ ۾ وشواس رهندو. ناٽڪ ڪر ته جڳ ۾ به سانگ سڦلو ٿيندئي.

... ...

(فليش بئڪ پوري ٿئي ٿي. رام اڃا به بيوس جي تصوير ڏانهن نهاري رهيو آهي.)

رام : (هٿ جوڙي) سائين! ڌرم پتا وانگر پنهنجي ڌرم-پٽر جي سدائين پت رکي اٿو. اڄ هزارن ماڻهن جي اڳيان بيدڙڪ ڳايان ٿو، ڳالهايان ٿو. ايڏي همت، ايڏو آتم وشواس مون ۾

بيوس : تنهنجي ڳلي ۾ نه فقط ميٺاج آهي پر ڪشش به آهي. اهڙي خوبي ڪن ٿورن ۾ هوندي آهي.

رام : سائين، اها نه توهان جي وڏائي آهي جو مون کي هيڏو ٿا وڌايو.

بيوس : سچي ساراهه ڪرڻ ۾ ڪنجوسي نه ڪجي. قدر نه ٿيندو ته ڪلا چمڪندي ڪيئن ؟

(ٻنهي شربت پي پورو ڪيو آهي)

بيوس : چڱو پٽ هاڻي وري گيت ڳاءِ - قدرت وارا

(بيوس وڃي کٽ تي ويهي ٿو. رام ڪرسيءَ تان اٿي ڪرسيءَ جي پٺيءَ تي هٿ رکي بيوس ڏانهن منهن ڪري ڳائي ٿو.)

رام : سڀ ڪن تنهنجي سارا (ه)
قدرت وارا !
نرمل جوتي نور نظارا
سڀ ... ...

(ڪئميرا بند ڪمري کان ٻاهر نڪري لاڙڪاڻي جي ڪن بازارين ۽ گهٽين کي ڪور ڪري ٿي. سنگيت چالو آهي پر گيت ٻڌڻ ۾ ڪونه ٿو اچي.

ريجهو باغ ۾ زيتون مان لڪائي رهيا آهن. الب ڏسي ته منهن ۾ پاڻي ڀرجي ٿو اچي. گهاڙ واهه گڙ گڙ ڪري وهي رهيو آهي. ڪيترائي ماڻهو اتي چهل قدمي ڪري رهيا آهن. ڪي تري رهيا آهن. ڪي ٻيڙيءَ ۾ چڙهي هن پار وڃي رهيا آهن ۽ انب، زيتون، ڏنگه ڏوڪا کارڪون ۽ ڄمڙيون کائي رهيا آهن. دور کان گيان باغ نظر اچي رهيو آهي.)

(واپس بيوس جو گهر)

رام : (اجا ڳائي رهيو آهي.)

(گڏ گڏ ڪنٽ سان)

سائين! لکو توهان تان، ٽالو اسانجو تو ٿئي. شل ايشور توهان کي سدائين قائم دائم رکي. پر جي ڀڳوان نه ڪري توهان کان جدا ٿي وڃون ته اهڙي اصلاح اسان کي ڪير ڏيندو؟ ڪير سڌاريندو اسان جا اڻ- گهڙيا شعر؟ اسان جو ڪلام ڪيئن ڪنهن محفل ۾ قبول پوندو؟

بيوس : (ڪجهه دير چپ رهي پوءِ پيار مان) تون ڪو فڪر نه ڪر. مان هوندس ته تون هليو ايندين مون وٽ. پر جي مان هليو ويس ته پوءِ مان ايندس تو وٽ. بيوس پرڻ جو پڪو آهي. سرير آهي ته ساٿ ڏياڻءِ ٿو. پر منهنجو توکي انجام آهي ته ديهه ڇڏڻ کان پوءِ به توسان سنبنڌ رکندو ايندس. جڏهن به مون کي ياد ڪندين، مون کي پاڻ وٽ ئي ڏسندين. توکي لکه وجهڻ نه ڏيندس ته ڪو بيوس رام کان پري آهي.

... ...

(فليش بيڪ پوري ٿي. رام پنهنجي فليٽ جي ڪمري ۾ بيوس جي تصوير جي اڳيان هٿ جوڙي ويٺو آهي. سين جي ڪلوز سان ئي سندس تندرا ٽٽي ٿي. هڪ دفعو وري بيوس جي تصوير تي ڀرپور نظر وجهي ديوان تي اچي ويهي ٿو ۽ پين ۽ پنا کڻي ڪجهه لکڻ جي ڪري ٿو.

ڪئميرا بيوس جي تصوير تي ٽڪي ٿي. تصوير جو ڪلوز- اپ. ائين ٿو لڳي جڻ تصوير بيجان ڪونه آهي پر ان ۾ پراڻ آهن.

ڪئميرا هاڻي رام کي ڪور ڪري رهي آهي. ميڊيم شاٽ. رام لکڻ ۾ مشغول آهي. بيوس جو ڌنڌلو سوکيم شرير رام جي پٺيان بيٺو آهي. رام جي چهري تي آتم سنتوش جا ڀاو آهن ۽ بيوس جي منهن تي نوراني مرڪ آهي.

ٻري ڇڏيو اٿوَ. سياڻي ٿي پٽ رکجو، پنهنجو انجام پاڻ جو سائين.

(ڪمري جي هرڪا چيز ڌنڌلي ٿيندي ٿي وڃي. رام جو چهرو به ڌنڌلو ٿيندو ٿو وڃي. فلئش بئڪ وري چالو ٿئي ٿي.)

درشيه : ٻيوس جي گهر جو ساڳيو ئي ڪمرو. ذري گهٽ ساڳيو ئي سامان پيو آهي. ڪمري جي رک - رکاءُ ۾ ڪائي خاص تبديلي ڪونه آئي آهي. فقط رام ڪجهه وڏو ٿي ويو آهي. هو هاڻي ٻاويهن ڪن سالن جو لڳي رهيو آهي. ڪيس رنگين کاديءَ جو لباس پيو آهي.

رام : سائين توهان پارس آهيو. مون ٽڪمي لوهه جي ٽڪڙي کي شاعر بڻائي ڇڏيو اٿوَ. هڪ پٿر کي مهٽي هيرو بڻائي ڇڏيو اٿوَ.

ٻيوس : رام، تو ۾ ڪلا آهي. تو ۾ جوت آهي. مون فقط پردو پاسيرو ڪيو آهي.

رام : سائين هڪ شعر چيو اٿم. ذرا اصلاح ته ڏيو.

ٻيوس : چئو، پٽ چئو.

رام : (شعر پڙهيٿو)

صبح جو سورج جڏهن اڀري چڙهيو آڪاش ۾،
رنگ چمڪيدار هر گل جي قبا جو ٿي ويو،

ٻيوس : (ڪجهه وقت سوچي) اهو شعر هيئن لک -

ٿي عروس صبح جيئن مسرق جي پاسي جلوه گر،
سرخ سونو رنگ هر گل جي قبا جو ٿي ويو!

رام : واه سائين واه! ذري ڪي آفتاب بڻائي ڇڏيوَ. لڳيٿو جڻ اهو شعر ڪنهن پختي شاعر لکيو آهي!

(رام شعر دهرائي ٿو)

رام : ٿي عروس صبح جيئن مشرق جي پاسي جلوه گر،
سرخ سونو رنگ هر گل جي قبا جو ٿي ويو!

مرد : حسن جو ناز ڇوان عشق جي خوش فهمي ڇوان ؟
مون کي انڪار ۾ اقرار ڏسڻ ۾ ٿا اچن !
هي دوکو آهه يا آهي حقيقت
پاڻ ٿو ڄاڻي،
ڏسڻ ۾ اچي ٿو ائين
اسان تي مهربان آهي !
مون کي انڪار ۾ اقرار ڏسڻ ۾ ٿا اچن !
ڪٿي ڳولهيان مان دلبر کي
سهان مان نوڪرون ڇا لئه ؟
جڏهن ڄاڻان ٿو: هن جو
منهنجي دل ۾ ئي مڪان آهي !
مون کي انڪار ۾ اقرار ڏسڻ ۾ ٿا اچن !
اڄ ڀلي ڀاڳه جا آثار ڏسڻ ۾ ٿا اچن،
جي هئا دشمن سي ڦري يار ڏسڻ ۾ ٿا اچن !

(سنگيت. مرد خوب جهومن ٿا. اوچتو هڪ عورت اُٿي نچي ٿي.)

عورتون : پارسائيءَ جي جي هام هڻن ٿا زاهد،
سچ پڇو مون کي گنهگار ڏسڻ ۾ ٿا اچن !
اڄ هما کان ٻي مٿي
پرواز ٿيندو ٿو وڃي،
زندگيءَ ۾ هڪ نئون
اعجاز ٿيندو ٿو وڃي !
جت هزارين راهرو
ٿڪجي ۽ ٽٽجي پيا ڪري،
منهنجو اُن منزل تان ئي
آغاز ٿيندو ٿو وڃي !

رام غزل لکي پورو ٿو ڪري ۽ مٿس پر ڏيمي آواز ۾ پڙهي ٿو- ڄڻ پاڻ سان ڳالهائي رهيو هجي.

رام جو ڪلوز اپ.

رام جي ميڊيم شاٽ. هاڻي بيوس جو سوڪيم شريد انترڊيان ٿي چڪو آهي.

رام: (غزل پڙهي ٿو)

اڄ پلي پاڳ جا آثار ڏسڻ ۾ ٿا اچن،
جي هتا دشمن سي قربي يار ڏسڻ ۾ ٿا اچن.
حسن جو ناز چوان، عشق جي خوش فهمي چوان ؟ ... ...
(مڪسنگ)

نظارو : هڪ شاهي هال ۾ هڪ شاهي اسٽيج . هال ۾ اکيچار درشڪ ويٺا آهن. اسٽيج خوب سينگاريل آهي. ڊسڪو روشنيون وڏي به رهيون آهن ته اکين کي ڪائي به رهيون آهن. روشنين مان ڪئين رنگيــن پئٽرن ٺهن ۽ ڊهن ٿا. رنگين جاميٽريڪل فگرس ڪافي دلڪش آهن.

اسٽيج تي قواليءَ جو مقابلو ٿي رهيو آهي. هڪ پاسي مرد آهن ۽ ٻئي پاسي عورتون. ٻنهي طرف جوش ۽ امنگ ۾ آهن. هارمونيم، طبلي جي جوڙي، ڍولڪ، سارنگي وغيره ساز نظر اچي رهيا آهن. ٻنهي ڌرين ۾ ڪي سنا ناچو به آهن ان ڪري قواليءَ جي وچ وچ ۾ ڪلام کي وڌيڪ اثردار بڻائڻ لاءِ ڪي مرد ۽ عورتون نچن به ٿا. تاڙيون وڄائڻ ته هڪ عام ڳالهه آهي. هرهڪ شعر جي لفظن کي ٽکر ٽکر ڪري ڳائڻ يا ڪو ٽڪرو وري وري دهرائڻ عام طرح ٿيندو رهي ٿو. وچ وچ ۾ ”واه واه“ ”قربان وڃان“ ”صدقي“ ”سدا جيوين“ ”هاءِ!“ وغيره لفظ جوڙ يا وڃن ٿا.

ٿا چون زر سان خوشي ۾ ٿي خريدي سگهجي،
مون کي بيزار ڇو زردار ڏسڻ ۾ ٿا اچن؟ اچ ڀلي ...

مرد : قول چونڊڻ جي نہ ڇڏ ”رام“ تمنا، توڙي،
عشق جا پيچرا پرخار ڏسڻ ۾ ٿا اچن !
وسيع آهي نظر ڪنهنجي
نہ ذرو ۾ي جهان آهي،
اسان لئہ خار ۾ي گل آ،
بيابان بوستان آهي !
مان محبت کي ڇپائڻ جون
ڪريان لک، ڪوششون،
تہ بہ اُلاجي ڪيئن ظاهر
راز ٿيندو ٿو وڃي !
لطف ٿو پايان هميشہ
تنهنجيءَ جدائيءَ ۾ فقط
هڪ انوکو منهنجو بس
انداز ٿيندو ٿو وڃي !
قول چونڊڻ جي نہ ڇڏ ”رام“ تمنا، توڙي،
عشق جا پيچرا پرخار ڏسڻ ۾ ٿا اچن ! اچ ڀلي ...

(درشڪ تاڙيون وڄائي قواليءَ جي ڪلاڪارن جو خوب همٿ وڌائن ٿا.)

درشيہ : رام ڪوي بيوس جي تصوير جي سامهون بيٺو آهي. رام جي چهري تي شڪرگذاريءَ ۽ احسانمنديءَ جا ڀاوَ آهن.)

رام : سائين! توهان جي ڪهڙي ساراهہ ڪريان؟ ڪهڙا گڻ ڳڻيان؟ هر مشڪل ۾ سوکم روپ ڌاري اچي ٿا سهائي ٿيو. هرهنڌ منهنجو مان مٽي ٿا ڪريو. هرڪا اوِلي سولي ڪري ٿا ڇڏيو.

پارسائيءَ جي جي هام هڻن ٿا زاهد،
سڀ پڇو مون کي گنهگار ڏسڻ ۾ ٿا اچن!
اڄ پلي ... ...

مرد: جن ملايون تنهنجي اکڙين سان اکيون هڪ پيرو
اهي پيتي بنا سرشار ڏسڻ ۾ ٿا اچن!
بنده پرور تو ڪئي
ايڏي ته بنده پروري،
ياد تنهنجيءَ ۾ قفس پڻ
گلستان بڻجي پيو!
ويران نابود ٿي ليڪن
نه هرگز هار باسيندس،
نه آهي ڀؤ مونکي دشمن
اگر دؤر زمان آهي!
جن ملايون تنهنجي اکڙين سان اکيون هڪ پيرو،
اهي پيتي بنا سرشار ڏسڻ ۾ ٿا اچن!
اڄ پلي ... ...

عورتون: ٿا چون زر سان خوشي پڻ ٿي خريدي سگهجي،
مون کي بيزار ڇو زردار ڏسڻ ۾ ٿا اچن؟
عقل سان جيڪي ڇيم
بي لطف ۽ بي ڪيف هو،
عشق جيڪي پڻ ڇوايو
داستان بڻجي پيو!
شاعري بڻجي جڏهن کان
دل ٿي ويو هو ڇانئجي،
شعر منهنجو دنبدن
ممتاز ٿيندو ٿو وڃي!

٨. ٽبڏا مڪان واه واه !

جوڳي جادو لاٿي ويا - ڪٽب اٿون

ڪار.

(رام چؤنڪي وجهي رهيو آهي. رات جو وقت آهي. روشنين جي جهرمر ۾ آنند سان پُري رهي آهي. رام جي عمر باونجاهه کن سال آهي. کيس کاڌيءَ جو اڇو لباس پيو آهي. مٿو اگهاڙو اٿس. درشڪن ۾ سنڌي مرد، عورتون، ٻار ۽ ٻيا ته آهن ئي پر ڪٿي ڪي غير سنڌي به ڏسڻ ۾ پيا اچن. ڪڇي ۽ گجراتي ته ڪجهه ڪجهه سنڌي سمجهي ويندا آهن پر مرهٽا به هينئر سنڌي سمجهڻ لڳا آهن. ماحول موج ڀريو آهي. رام پنهنجن ساٿين سان گڏ اسٽيج تي ويٺو آهي، اڳيان مٽڪو پيو اٿس. رام جا هٿ مٽڪي تي نرتيه ڪري ان مان مڌر سر ڪڍي رهيا آهن.)

رام: سهڻا! شل جيوين!

ڪٺي نيڻ خمار مان، جان ڪيائون ناز نظر،
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماڻو قمر،
تارا ڪنبيون تاب ٿيا، ڏيکيندي دلبر،
جهڪو ٿيو جوهر، جانب جي جمال سين!
وٺا سي ونجهار! هيرو لال وندين جي،
لمين سنڌا پوٽيان، سڀهي لهن نه سار،
ڪٽن ڪت لهار، هاڻي اٿين پيٽيين!

اڄ ٣٠ جنوري آهي. ديش - پتا مهاتما گانڌي جي پڻيه - تٿي. منهنجا وڏا ڀاڳ، جيئا جو اڄوڪي ڏينهن مون کي ڪار ۾ چؤنڪي وجهڻ لاءِ چيو ويو آهي. اڄوڪي چونڪي ان لٺ ۽ لنگوٽيءَ واري جي نالي جنهن اهنسا، ستيه ۽ پريم جي شڪتيءَ سان ناممڪن کي به ممڪن ڪري ڏيکاريو.

(وايو منڊل ۾ ”رگهوپت راگهو راجا رام“ جي ڌن گونجي ٿي.)

گيت

١. ڪٿي نيڻ خمار مان	شاهه
٢. وڻا سي ونجهار!	شاهه
٣. راڻل! تنهنجي راهه	رام
٤. مورک من! مت ڀول	(نا معلوم)
٥. وئشڻو جن تو	نرسي مهتا
٦. تيڏا مڪان واهه واهه	آغا
٧. سنڌي آهيان	رام
٨. هجان شال هردم	نوري
٩. لطف سان ٻار لنگهائج	نوري

پاتر :

رام
درشڪ
ٻابا گيانچند
مهاتما گانڌي
نانڪ مونواڻي
هري (رام جي ٻنڌي)
گوپالو
دادا واسواڻي
جشن واسواڻي
آنند ٻجواڻي
سيواداري

رام: اڄ ان ڳالهه کي ڪافي عرصو گذري چڪو آهي پر اهو واقعو ڪڏهن به مونکان وسرڻ جو نه آهي. اهو ڏينهن، اهو شينهن. دل ۾ ڪو نشچو ڪري ڇڏيم ته اڳتي ڪجهه به ڪندس ته پنهنجي خودي ۽ وڏائي يا پنهنجو هٺ ۽ اهنڪار ڏيکارڻ لاءِ نه ڪندس پر سمپورڻ سمرپڻ ڀاوَ سان ڪندس. من کي قابوءَ ۾ رکڻ لاءِ مهاتما مام ڌني ۽ مون اپنائي. سنتن جي اِشارن سان انسان دستر درياهه پار ڪري سگهي ٿو.

(اوچتو رام مٽڪي کي وڄائڻ شروع ٿو ڪري ۽ مٺڙ ڪنٺ سان ڳائي ٿو.)

رام: (ڳائيندو) راٽل! تنهنجي راهه نهاريان مان
نهاريان مان، وو نهاريان مان
راٽل ...

١- پنڌ پڇايان ڪانگ اڏايان
ساڄن تو لئه فالون پايان
گهوٽ بنا ڪيئن گهاريان مان
راٽل ....

٢- جهڙي تهڙي مان تنهنجي آهيان،
توسان ڪهڙو سينو ساهيان ؟
گولي ٿي ته گذاريان مان
راٽل ...

(درشڪ مٺڙ سنگيت مان آنند ماڻي رهيا آهن.)

رام (گيت پورو ڪري) هڪ ٻيءَ ڳالهه جي ڪري به اڄ مان پاڻ کي خوش نصيب ڀيو سمجهان. هيءَ اُهائي جڳهه آهي جتي پارس ماتا جي لاڪيٽي لال مهاتما گانڌيءَ سان منهنجي اوچتو ٿي اوچتو ملاقات ٿي هئي. اڄ به اُهو نظارو منهنجي اکين جي اڳيان ساڀيا ٿيو بيٺو آهي.

رام: مون کي اڄ بہ اھو ڏينھن چٽيءَ طرح ياد آھي. لاڙڪاڻي جي گانڌي باغ ۾ مھاتماجيءَ کي پاسڻ ڏٺو ھو. نرمل، ٽيجسوي مھاتما اچي منچ تي ويٺو. ھن جي وھڻ سان مون کي گيت ڳائڻ جو اشارو مليو. مان رعب سان اٿي بيٺس ۽ ڏاڍي آتم-وشواس سان شروع ڪيم سائين "بيوس" جو ناھيل ھنديءَ ۾ لکيل گيت: يارو چلو فلڪ پي ستاري ھمِن چل رھي. ان وقت منھنجو دماغ بہ فلڪ تي ھو، آسمان تي ھو. ڀلا پارس جي بيتاج بادشاہ جي اڳيان ڳائڻ جو موقعو ڪا جھڙي تھڙي ڳالھ ھئي ڇا؟ وڏي ڳالھہ تہ جنھن لاڙڪاڻي ۾ "دکايل" جھڙو دود دکائيندڙ گايڪ ھو، اتي مون کي اھو موقعو مليو ھو. منھنجي من ۾ اچي ايمان اچڻ ٿيو. سائين بيوس جي ڪرپا ۽ دکايل جي اُدارديءَ کي پنھنجي لياقت سمجھيم. سو نہ فقط خوشيءَ مان ٻہ ڀر خنڪيءَ مان بہ ڳائڻ شروع ڪيم: يارو، چلو فلڪ پي ستاري ھمِن چل رھي. اوچتو آواز آيو: "بس، ڪافي آھي." آواز طرف نھاريم تہ مھاتما جو ٻھڪندڙ مھانڊو نظر آيو. پل ۾ خوشي بہ غائب ٿي وئي ۽ خنڪي بہ اُڏامي ويئي. مھاتما شايد منھنجي من جو ڀاوُ تاڙي ويو. تمام ملايم آواز ۾ چيائين: "مون کي ڳالھائڻ ڏي. ھي سڀ مونکي ٻڌڻ آيا آھن." صفا چپ ٿي ويس. ان وقت ڪجھ محسوس ڪرڻ جي طاقت ئي اندر ۾ نہ رھي. مھاتما جي پاسڻ جو ھڪ لفظ بہ ڪونہ جھٽيم. حقيقت ۾ مون کي ھن جي سنيھي ٻڌڻ جو اونرو اونو ڪونہ ھو جيتري مرضي ھئم تہ ھو منھنجو گيت ٻڌي ۽ مونکي ڏنيواد ڏئي! آپي ۽ سوارٿ جي بہ ڪا حد ٿيندي آھي!

(درشڪ ڏيان سان رام جي آتم-نويدن ٻڌي رھيا آھن. ڪن جي چھن تي مرڪ آھي. ڪي تعجب مان رام ڏانھن نھاري رھيا آھن. ڪي پنھنجن خيالن ۾ گم آھن. رام خوب ادائن سان واقعي جو بيان ڪري رھيو آھي.)

(گانڌي وڏو ٽهڪ ڏئي ٿو.)

گانڌي: (مذاق ڪندي) ٻچپڻ ويو. جواني وئي نه ڇا ٻڍاپو به وڃايون؟ خير، وڏو ٿيندين نه پاڻهي سمجهندين. هاڻي هل مون سان جهوُ تي.

رام: (گد گد ٿيندي) مان وڃ پاڳي. مان وڃ پاڳي.

(رام گانڌيءَ جا چرڻ ڇهي ٿو. گانڌي آشيرواد جو هٿ رکيس ٿو. ديوان گيانچند گانڌيءَ جي اڳيان ڪجهه رقم ڀيٽ رکي ٿو. گانڌي ڀيٽا سويڪار ڪري ٿو.)

گانڌي: (نانڪ مونواڻيءَ ڏانهن منهن ڪندي) هن کي وٺي جهوُ تي پهچ. تون نه اڳ ئي اسان جو ٿي چڪو آهين.

نانڪ: (گانڌيءَ کي پرڻام ڪندي) جا آگيا. رام کي وٺي اجهو ٿو پهچان جهوُ تي

... ...

جهوُ، چوپاٽي. سمنڊ جون لهرون خوب شور مچائي رهيون آهن. سج ٻڏڻ وارو آهي. سمنڊ جو نظارو دلڪش آهي. پرارٿنا ميڙ ۾ چڱا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا آهن. گانڌي جيئن ئي اُتي اچي ٿو سڀ هن جي اڳيان هٿ جوڙي سر جهڪائن ٿا. گانڌي پنهنجي آسڻ تي اچي وهي ٿو. رام گانڌيءَ جي پرسان ئي ويٺو آهي.

گانڌي: (رام کي هڪ ڪتابڙي ڏيندي) هي راڳ ڳائي سگهندين؟ نرسي مهتا جو آهي ۽ مون کي ڏاڍو وڻندو آهي وشڻو جن تو تيني ڪهئي....

رام: (نمرتا سان) توهان جي ڪرپا سان اِهو گيت مونکي بر زبان ياد آهي.

گانڌي: (هٿ کي لوڏي) نه شروع ٿي وڃ.

اچا ڀارت ديش آزاد ڪونہ ٿيو هو. ٻمبئيءَ ۾ مهمان ٿي آيو هوس. هتي ڪار ۾ ٿي گيان گهر ۾ ويٺو هوس. شام جا پنج ٿيا ها تہ اوچتو...

(فليش بئڪ چالو ٿئي ٿي.)

گيان - گهر.

درشيہ: هڪ ڪار اچي گيان گهر جي اڳيان بيهي ٿي. ڊرائيور هارن وڄائي ٿو.

رام بالڪنيءَ مان هيٺ نهاريٿو. ڪار مان بابا گيانچند ۽ مهاتما گانڌي هيٺ لهن ٿا.

رام: (عجب ۽ خوشيءَ مان) اڙي! مهاتما ۽ اسان جي گهر ۾!!

درشيہ: اک، ڇنڀ ۾ آس پاس جا ماڻهو اچي ٿا اُتي ڪٺا ٿين. ڪي ماڻهو گوڙ شور ڪونہ ٿا ڪن. هرڪو پرش استري پنهنجي جاءِ وٺي ويهي ٿو رهي. مهاتما هڪ آسڻ تي وهي ٿو. ٻيا سڀ آس پاس ويهجي ٿا وڃن.

گانڌي: مونوٽي پراڻا مون کي دوکو ڏيئي پڄائي آيو آهي. وقت ڇو وڃايون؟ توهان مان ڪو گيت ٻڌائي تہ مان بہ اکر ڇوان ۽ سڀڪان فيوصول ڪريان.

بابا گيانچند: (رام ڏانهن مُنهن ڪري) رام، گيت ٻڌاءِ.

رام: جيڪا توهان جي آگيا.

رام: (گيت ڳائيندو)

مورکہ من، مت ڀول!
بچپن تو نے کھیل ۾ کویا،
اور جواني نيند ۾ سويا،
ديکہ بڑھاپے کو کیوں رویا،
رونا ھے فضول.
مورکہ من مت ڀول!

١- چلو ته آسمان ويکون، آغا هلي پسون،
آسمان مڙيوئي تارا، تارن جو چنڊ به تون!
تيڏا مکان ...

٢- چلو ته بازار ويکون، آغا هلي پسون،
بازار مڙيوئي آدم، آدم جو دم به تون!
تيڏا مکان ...

٣- چلو ته درياه ويکون، آغا هلي پسون،
درياه مڙيوئي لهرون، لهرن جو لال تون!
تيڏا مکان ....

٤- چلو ته مندر ويکون، آغا هلي پسون،
مندر مڙيوئي مورت، مورت جي صورت به تون!
تيڏا مکان ...

٥- چلو ته ڪشتي ويکون، آغا هلي پسون،
ڪشتيءَ ۾ رهي راهب، راهب جو صاحب تون!
تيڏا مکان ...

(رام جي گيت سان ڪيرتن سماپت ٿئي ٿو. رام، نانڪ ۽ گيانچند، گانڌيءَ جي ڀرسان ٿي آهن. ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن اچي وڃي رهيا آهن.)

گانڌي: (نانڪ کي، رام بابت) آواز سٺو اٿس پر سنڌي راڳ ڳائيندي ٿورو هٻڪيو پئي.

(رام ڏانهن منهن ڪري)

گيان گهر ۾ تو هنديءَ ۾ گيت ڳاتو ۽ شايد هتي به تون ائين ٿي ڪرين ها. منهنجي صلاح اٿئي ته تون سنڌي ڀاشا ۾ ڳاءِ. پنهنجيءَ ڀاشا لاءِ پيار هئڻ ضروري آهي. ٻارن کي وديا پنهنجيءَ ڀاشا ۾ ملڻ گهرجي. مان پاڻ ٻين ٻولين ۾ لکندو ۽ ڳالهائيندو ضرور آهيان پر سوچيندو وري به پنهنجيءَ ماتر ڀاشا گجراتيءَ ۾ ئي آهيان.

(فليش بيڪ پوري ٿئي ٿي.)

رام : (گيت ڳائي ٿو.)

وئشڻو جن تو تني ڪهئي جي،
پيڙ پرائي جاڻي ري !
پر دکي اپڪار ڪري تو يه
من ايمان نه آڻي ري !!

١- سڪل لوڪ مان سهني وندي، نندا نه ڪري ڪيني ري،
واچ ڪاڇ من نشچل راکي، ڌن ڌن جنني تني ري !
وئشڻو جن ...

٢- سمدرشٽي ني ترشڻا تياڳي، پر استري جيني ماتا ري،
جهوا ٿڪي اسٽيه نه بولي، پر ڌن نؤ نه جهالي هاٿ ري!
وئشڻو جن ...

٣- موه مايا وياپي نهين جيني، دڙ وئراڳ جنڻا من مان ري،
رام نام سون تانڪي لاڳي، سڪل تيرٿ تنڻا تن مان ري!
وئشڻو جن ...

٤- ونڻ - لوڀي ني ڪپٽ - رهت ڇي، ڪام ڪروڌ نوارڻ ري،
ڀڻي "نرسي" تينون درشن ڪرتا، ڪل ايڪ تيرتار پوري!
وئشڻو جن ...

(ماڻهو ڪيرتن ۾ مگن آهن. سج لهي چڪو آهي. ڪاراڻ
چانڊوڻي ٿي وڃي. سمنڊ جون لهرون پڻ ڪارسريون ٿي ويون
آهن. ماحول ڪيرتن جي مڌرتا سان ڀرپور آهي.)

گانڌي : (رام ڏانهن منهن ڪري) هاڻي تون پنهنجو وارو
وٺ ۽ ڪو مڌر ڀڄن ٻڌاءِ - سنڌيءَ جو ڪو مڌر ڀڄن.

رام : (شرڌا ۽ فخر سان ڳائي ٿو.)

ڏيڏا مڪان واه واه !
جت ڪت وسين ٻه تون !!

هري : ڀهريون چانهه پيئو. نوٽ پوءِ ڳڻجو. پڇي ڪونه ٿا وڃن.
(رام نوٽن ڳڻڻ ۾ مشغول آهي.)

هري : هي هاڻي وري نوٽن ۾ ڇا جو موه جاڳيو اٿو؟ توهان
ته ڪنور آهيو. هڪ هٿ ۾ وٺي ٻئي هٿ سان ڏيئي ڇڏيندا
آهيو.

رام : (زال جي ڳالهين ڏانهن ڌيان نه ڏيندي) رات مون توکي
ڪيترا روپيا ڏنا ها ؟

هري : (گنڀيرتا سان) اٺ هزار ... ڇو؟ روپيا گهٽ آهن ڇا؟

رام : ٻه سؤ ٿا ڪٽن. تو پئسا ڪڍيا ڇا ؟

هري : نه. مان ڇو ڪڍندس ؟

رام : (ڪاوڙ مان) رات توکي رات ۾ ڪٿ ڪاٿي ويو ڇا ؟

هري : جيئن ڏنو تيئن رکيم.

رام : (وڌيڪ غصي مان) طلسم ٿي ويو!

هري : مون تي ڇو ٿا غصو ڪريو؟

رام : ته ڪنهن تي ڪيان ؟

هري : هاڻي چانهه پيئو. ليٽ پوندا.

رام : (خفي ٿي) توکي اڇي چانهه جي لڳي آ. امانت ۾ خيانت
ٿي رهي آهي.

هري : ڪو اسان پئسا کائي ويا آهيون ڇا ڪنهن جا ؟

رام : پر ٻه سؤ ويا ڪيڏانهن ؟ رات اچا راڌيمل مون کي اٺ
هزار رکڻ لاءِ امانت ڪري ڏنا. هاڻي ڪٽي ڳڻيان ته ٻه سؤ غائب!

هري : مون کي ڪهڙي خبر توهان جي پئسن جي.

رام : پر رکيا ته تو هئا نه ؟

هري : سو ان ڪري مان ڦاٿس ؟ مان چور ٿيس ؟ ڪڏهن
ڪنهن جي ڪوڏي ڪاري نه ڪيم. ٻن سون جي ميراث ٿي
ڪهڙي ؟

رام: (ڪاوڙ ۾ ڇوڪريءَ ڏي آيلن ڏانهن) منهنجيون پيارون! منهنجا پيارو! آزاديءَ ملڻ کي پاءُ صدي به ڪونه گذري آهي ته اسان مهاتما جي سنديش کي ڀلائي ڇڏيو آهي. مهاتما منهنجي ڪايا پلٽي ڇڏي. سنڌي ڀاشا کي ساهه سان سڀ ڇڏيم. پر مون اڪيلي ڪان ڇا ٿيڻو آهي؟ سنڌي ٻوليءَ لاءِ وڃي پيو ڇاهه گهٽبو. ٻيو ته ڇڏيو پر سنڌي اڄ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ ٻيا شرم محسوس ڪن! سنڌي ٻوليءَ وارو ميناج ڪنهن ٻوليءَ ۾ نه ملندو. وري هڪ ٻولي ته اهڙي هجي نه، جنهن ۾ سنڌي پنهنجا راز سانڍي سگهن ۽ پاڻ ۾ مام ميڄ ۾ ڳالهائي سگهن! مان ٻيون ڪهڙيون دانهون ڪريان؟ مان ته ور ور ڪري ٻيو دهرايان.

(رام مٽڪو وڄائي ڳائي ٿو.)

رام: سنڌي آهيان سنڌي آهيان سنڌي منهنجي ٻولي،
ڪيئن وساريان ٻولي جنهن ۾ ماءُ ڏني هئي لولي!

مون کي ته لولي ياد آهي. هاڻي فرض آهي مائرن جو ته ٻارن کي سنڌيءَ ۾ لوليون ڏين ۽ جمندڙئي سنڌيءَ جي سٽ وجهن. اسان ته گهڻي ئي پيا ٿا واڪا ڪريون پر شال ڪو ٻروچ ٻڌن!

... ...

(صبح جو وقت آهي. رام پنهنجي ڪمري ۾ الماڙيءَ جي اڳيان بيٺو آهي ۽ سوَ سوَ جا نوٽ ڳڻي رهيو آهي. ڇپن ۾ ڳٽپ جي پڙ پڙ ٻه ڪندو ٿو رهي. نوٽ ڳڻي پورا ٿو ڪري ته نرڙ تي گهنج پئجي ٿا وڃنس. شايد ڪجهه نوٽ ڪٽي پيا آهن. وري ٿو ڳڻي پر ذرا خفي لڳي رهيو آهي.

ان وقت سندس زال هري چانهه کڻي ڪمري ۾ اچي ٿي ۽ پيالو ميز تي رکي ٿي. رام نوٽن ڳڻڻ ۾ ئي مشغول آهي.)

۽ اڄ ڪاوڙيو هوم، بنا ڪنهن سبب جي.

هري: توهان ڪنڌائي لئين آهيو.

رام: اڙي ٻڌ ته سهي. ٻه هفتا موڪل وٺي ويو ته احمدآباد ٿو وڃان شاديءَ تي. ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڪمپنس روڊ تان پئي لنگهيس ته انڪم ٽيڪس آفيس جي، اڳيان هڪ ڪار ۾ ويٺل ڏٺومانس. بس، غصو چڙهي ويو ته ڪوڙ ڳالهائي موڪل ڇو ورتائين. مان ڏٺو اٽڪ نوڪري اڳتي وڌي تي ويس ته نهر سان سڏ ڪيائين. سائين. وڌي اڳيان ويومانس ته چيائين: سائين مان احمدآباد وڃي نه سگهيس. رات جو اڄ پيٽ ۾ سور پيو. اسپتال وٺي هليا. آپريشن ٿيو. اڄ ڇٽو آهيان ۽ سڌو گهر ٿو وڃان. پيرن تي هٿ رکي آسيس ٻه ورتائين.

گوپالو: اما، دادا جي آسيس مون کي ڏاڍي ڦري. اڄ مان وڏو ڌنڌي وارو آهيان. فارين تائين مال موڪليندو آهيان. اڄ سائينءَ وٽ هڪ آس کڻي آيو آهيان.

رام: چؤ پٽ. توکي ڇا گهرجي؟

گوپالو: اڄ مان ڪار ۾ پوني وڃي رهيو آهيان. دادا واسواڻي جن ڏاڍو بيمار آهن. سوچيم ته اها ساڌن سنتن جي سيوا جي چٽنگ توهان وٽان لڳي آهي سو جي توهان ٻه مون سان گڏ پوني هلندو ته منهنجو جڙ جنم سڦلو ٿي ويندو.

رام: (گد گد ٿي) هري. ڏس هري. سنتان دي ڪارج آپ ڪاؤ ندا. ڪلهه کان دل ۾ دلبر درويش جي ديدار جي چاهنا آنڌ مانڌ مچائي رهي هئي. هر هر دل پئي ٽپا ڏئي - هل پوني، هل پوني. دادا جي چڪ ٻه ڪا چڪ هئي. اڄ وٺڻ لاءِ ماڻهو ٻه موڪلي ڏنائين! آهي نه ڪمال؟

گوپالو: سائين، توهان تيار رهجو. مان ڪار کڻي ايندس. ڪوئي فڪر نه ڪجو. توهان جي ڪرپا سان سفر جو سڀو سامان ڪار ۾ موجود هوندو.

رام : ته روپيا ويا ڪيڏانهن ؟
هري : مون کي ڏيو ته مان ڳڻي ڏسان.
(رام نوٽن جي ٿهي هريءَ کي ڏئي ٿو. هري نوٽ ڳڻڻ شروع ٿي ڪري. رام چانهه جو پيالو چپن سان لڳائي ٿو. اوچتو هريءَ جي ڪلڻ جو آواز رام جي ڪنن تي پوي ٿو ۽ رام هريءَ ڏانهن نهاري ٿو.)
هري : شڪر آهي جو بئنڪ ۾ نوڪري ڪانه اٿو. ڏسو، هي ٻه نوٽ ڦاٽل ٻيا آهن.
رام : (شرم لڪائيندي) مون کي پئسا ڳڻڻ ايندا آهن ڇا؟
هري : باقي بدگماني ڪرڻ ايندي اٿو. شڪ ڪرڻ ايندو اٿو.
رام : بس، غصو اچي ويو.
هري : ۽ سوچ ڪرڻ ڪونه آيو؟
(ان وقت دروازي جي گهنٽي وڄي ٿي.)
رام : ٿهيو. ڏس در تي ڪير آهي؟
(هري در کولڻ لاءِ ٻاهر وڃي ٿو. ڪجهه ئي دير ۾ پنجويهن کن سالن جو هڪ جوان اندر اچي ٿو ۽ رام کي اچي ڀيري ٿو پوي.)
جوان : ڪونه سڃاتو؟
رام : تون ... ڪٿي ڏٺو ته اٿم توکي.
جوان : جئه هند ڪاليج. احمدآباد شاديءَ تي وڃي رهيو هوس. ٻه هفتا موڪل ورتم ...
رام : اڙي، تون آهين گوپالو! مون کي سڀ ڪجهه ياد اچي ويو ...
(آواز ڪري) هري ... هري ... هيڏانهن ته اچ.
هري : (اندران ئي) وري ڇا ٿيو؟ (اچي ٿي)
رام : هي اٿيئي گوپالو. منهنجو وديارٿي. هڪ دفعي هن ٿي

شل اسان ڏيالو ٿيون. مايا مٽيا. دادا شيام ستيه، مٽيا جو تياڳ ڪريون. شل ستيه سان راس رمون!

(دادا واسواڻي ڳالهائيندي ڳالهائيندي گد گد ٿي ٿو وڃي. پويان لفظ پريل گلي سان چوي ٿو. اکيون ڪٽي ٿو ٻوٽي. جشن دادا جي منهن ڏانهن نهاريندو ٿو رهي.)

جشن : دادا! دادا!

دادا واسواڻي : (ساڳئي لهجي ۾) مٿان سمجهين ته ننڍ اچي ويئي هن فقير کي! زندگي ته آهي هڪ وڏي جاڳ، هڪ وڏو اوسيڙو، ننڊ ته ايندي فقير کي فقط دادا شيام جي گود ۾! جشن، جاڳندو رهجانءِ. مان سؤنپي ٿو وڃانءِ جاڳ جي اڻاٽ ملڪيت. تون به ان ۾ ڪجهه جوڙجانءِ.

جشن : دادا، ست وچن.

(دادا واسواڻي آڪاش طرف آڱر ٿو ڪري.)

دادا واسواڻي : ست اڻئي او اِڪ! سڀ اڻئي باقي مٽيا. هيءَ زندگي آهي ڇا؟ زندگي آهي هون. زندگي آهي هن اڪ جي اڳيان سڀ جو ارپڻ. اڪ ڪير آهي؟ اڪ آهي انام. انيڪ نالا آهن هن اِڪ جا جيڪو پاڻ نالن کان مٿي آهي.

جشن : دادا! ڏيان جون کهڙيون اوستائون آهن؟

دادا واسواڻي : جشن، ڏيان جون آهن، مکيه طور ٽي اوستائون - تون محسوس ڪرين ٿو، تون ٻڌين ٿو ۽ تون ڏسين ٿو.

پهرين تون محسوس ڪندين ته تون گروءَ سان، پريوءَ سان جڙي ويو آهين. هن ڪي هر جاءِ پنهنجي ارد - گرد محسوس ڪندين. لڳندءِ جڻ هو توکي ٻاري پيو ٿو. تو مٿان وسي پيو ٿو.

ڏيري ڏيري تون مڌر سور به ٻڌندين. سنگيت جا ڪي مڌر منوهر سور ٻڌندين. اهــي مڌر سور ٻڌندين ۽ ڳوڙها ڳڙندءِ.

رام: گوپالا! هڪ تنهنجي سڪ ۽ ٻيو درويش جي چڪ. هاڻ ته هلڻو ٿي پوندو درويش جي دروازي تي ڀوني.

... .

پڙدو.

(ميران هال ۾ دادا واسواڻي ڪرسيءَ تي ويٺو آهي. جيتوڻيڪ سندس طبيعت ٺيڪ ناهي تنهن هوندي به سندس چهري مان نوراني تيج پيو ٻکي. ١٩٥٩ جي آگسٽ مهني جي جنماشٽميءَ کان ٻه ڏينهن پوءِ صبح جو ڇهين بجي جيئن ئي دادا واسواڻي پنهنجي ڪمري کان ٻاهر ٿي نڪتو ته پير ترڪي ويو هوس.

دادا واسواڻيءَ جي پيرن وٽ جشن واسواڻي ويٺو آهي. لڳي رهيو آهي جڻ گرو پنهنجو نور، پنهنجو پرڪاش، پنهنجو تيج پنهنجي شش مٿان، پنهنجي وارث مٿان اوتي رهيو آهي.)

دادا واسواڻي (ڌيمي آواز ۾) هڪ دفعي چيم ايشور کي - ڇڏ مون کي ته وڃان ڀهاڙين جي اوچائين تي. اُتي آهي شانتي پر هتي آهي دک ۽ پيڙا.

پريوءَ چيو - ڪڏهن نه وسارجانءِ بالڪ! ته تون آيو آهين جڳت ۾ سيوا لاءِ! ره اِنهيءَ ئي سٿيءَ ۾ ۽ سيوا جو ورت پال.

منهنجيءَ دل ٻاڏايو- پريو! ڪٿي آهي هتي اهو ڀهاڙين وارو آنند؟ ڪٿي آهي اها شانتي؟

مون ڏٺو ته پريوءَ رنو. چيائين - منهنجا ٻار! اِتي آهن پيڙائون. منهنجا پٽڙ ۽ پٽڙيون ڀٽڪن ٿا انڌڪار ۾. اڳتي وڌ منهنجا ٻار! انهن جي ڪر سيوا. وٺي وڃ کين انڌڪار مان روشنيءَ ۾!

جشن! منهنجا بالڪ! منهنجا پيارا! اِها جوت، اِها سيوا ۽ پريم جي جوت ڪڏهن به نه وسامي. بچائيندو اُچجانءِ ان جوت کي پنهنجي سٽ ڪرمن جي اوٽ ۾!

سيواڌاري : دادا! بمبئيءَ مان رام پنجواڻيءَ کي ٻيا پيارا توهان جي درشن لاءِ آيا آهن ...

دادا واسواڻي : رام! پيارو رام! هڪدم وٺي اچين اندر ...

(رام، آنند، گوپالو ۽ ٻه ڄڻا اندر اچن ٿا. رام اچڻ شرط دادا واسواڻيءَ جي پيرن تي جهڪي ٿو. دادا کيس ڪُڇي ڀاڪر پائي ٿو. آنند وغيره به دادا جي پيرن تي جهڪن ٿا. رام جشن جي اڳيان به جهڪي ٿو پر جشن اول ئي ڪُڇي ڀاڪر ۾ ڀريس. سڀ پنهنجا آسڻ وٺي ويهن ٿا ۽ ڳالهين ٿا.)

دادا واسواڻي : جشن! اڄ منهنجو من سنگيت ۾ مگن ٿيڻ پيو چاهي. ڄاڻين؟ اچي ويو نه گيتن وارو رام؟ رام، ڪلاڪار آهي جيڪو پراڻين ڪهاڻين، پريم جي ڌاڳي ۾ موتيءَ جيان پوئي، جيڪو هر هڪ دل ۾ پريم جون لهرون پيدا ڪري. رام، تون سچو ڪلاڪار آهين.

جشن : دادا، رام پاڻ سان منڪو نه کڻي ڪونه آيو آهي.

دادا واسواڻي : رام جي ڇهڻ جي دير آهي. هر ڪو منڪو وڄندو.

رام : دادا، منهنجا وڏا ڀاڳ جو مان توهان اڳيان اڄ هيو آهيان. سڀ ڪرپا آهي توهان جي نه ته ڪٿي مسڪين رام ۽ ڪٿي سنگيت ۽ گيت! هي ته توهان جهڙن ڪامل درويشن جي آشيرواد مون مٿيءَ کي مانائتو ڪري رهي آهي.

(ان وقت هڪ ماڻهو منڪو کڻي اچي ٿو ۽ رام جي اڳيان ٿو اچي رکي. رام جا هٿ منڪي تي نرت ڪرڻ شروع ٿا ڪن.)

رام : هجان شال هردم پرينءَ جي پاري،
رهان شال دم دم قرب جي ڪناري،
"نوُري" نماڻي نه دم شل وساري،
پنهنجي روبرو شل پل پل وهاري.

روڪي نہ سگھندين اُنهن کي. اِهي ڳوڙها ثبوت آهن تہ پريوءَ توکي اپنايو آهي، توکي قبوليو آهي.

انت ۾ تون پنهنجي ستگروءَ کي ساکيات ڏسندين پنهنجي مَن مندر ۾. ڦهريون جهلڪ پسندين. ڪجهہ پل درشن ملندءَ پوءِ سڀ ڪجهہ گم ٿي ويندو.

ڏيري ڏيري جهلڪ جو عرصو وڌندو ويندو. ڇڳيءَ دير تائين مَن مندر ۾ ستگروءَ کي ساکيات ڏسندين.

۽ آخر ۾ جهلڪ تنهنجيءَ جاڳرت اوستا جو انگ ٿي پوندي. پوءِ اتڻي ڦهر عجيبن سان هوندءِ روح رهاڻيون. جيڏانهن ڪريان نظر تيڏانهن سامهون سڀڙين.

(جشن ڌيان ۾ مگن آهي.)

جشن جاڳہ! اهوئي اتڻي ماڳہ، جتي اچي ٿا هڪ ٿين سامي ۽ شاهہ، ڪبير ۽ ميران، تلسي ۽ سوُر ...... ان کان پوءِ جو تہ هڪ ئي رستو آهي.

(مکيہ دروازي وٽ هڪ ڪار اچي بيهي ٿي. ڪار مان رام، آنند، گوپالو ۽ هڪ ٻہ ٻيا ماڻهو بہ لهن ٿا. اهي سڀ اندر داخل ٿين ٿا. رام ۽ آنند سدا جيان کاڌيءَ جي اڇي لباس ۾ آهن. گوپالي کي سوُٽ بش شرٽ پيل آهي ۽ باقي بہ ڇڙا بہ سوٽ پاتل آهن.)

(اندر ميران هال ۾)

دادا واسواڻي : اڄ مَن سنگيت ٻڌڻ ٿو چاهي. ڪاش، مان ميران وانگر پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي شيام جي اڳيان نچان! ڪيترو نہ پريم ۽ ڪيڏي نہ ڀڳتي ٿي پئدا ٿئي گيت، سنگيت ۽ نرتيہ جي ميلاپ مان! چيتنيہ جي مارگہ جي موج ئي نرالي آهي.

(اُن وقت هڪ سيواڌاري اندر اچي ٿو)

دادا واسواڻي : ڀارت ڪمزور ٿي ويو آهي. وساري ويٺا
آهيون اسان گيتا جو گيان. بلڪل صاف لفظن ۾ گيتا سيکاري
ٿي ته ڪمزوري پاپ آهي. گيتا جو منتر آهي: شڪتي. شري
ڪرشڻ ارجن کي چيئو: اُٿ، سڌو ٿي بيهه. اِهوئي گيتا جو
سڏ آهي ڀارت جي نوجوانن کي.

مان چاهيان ٿو ته دهليءَ جي منهن وٽ وير ارجن جو شاهي
پتلو کڙو ڪيو وڃي جنهنجي هٿ ۾ آزاديءَ جي مشعال هجي.

اهو پتلو ڀارتواسين کي ويرتا جي ياد ڏياريندو رهندو جنهن
جي اڄ ضرورت آهي.

(رام جون نظرون سادو واسواڻيءَ جي چهري تي اٽڪي
پيون آهن. دادا مند مند مرڪي رهيو آهي. چهري مان تيج
جون ڌارائون ڦٽي رهيون آهن.

اوچتو دادا جو شرير ڏنڊلو ٿيندو ٿو وڃي. ان جي جاءِ تي
وير ارجن جي ويس ۾ دادا واسواڻيءَ جو هڪ وشال ۽ پورو
پتلو کڙو آهي جنهنجي هٿ ۾ آزاديءَ جي مشعال آهي. مشعال
جي پرڪاش ۾ دادا واسواڻيءَ جو چهرو يونان جي ديوتائن
وانگر اديت لڳي رهيو آهي. دادا واسواڻيءَ جي چهري جو
ڪلوز اپ. مشعال جو پرڪاش چهري تي اچ وڃ ڪري رهيو
آهي.

(رام جي آواز جو عجيب اثر ٿيو آهي. دادا واسواڻي ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي اکيون پوري ويٺو آهي. جشن به چپ ڏيان مگن آهي ۽ گيت جو پورو پورو آنند وٺي رهيو آهي. آنند مرڪي رهيو آهي. گوپالو ۽ سندس ساٿي گد گد آهن. رام "نوريءَ" جو گيت شروع ڪري ٿو.)

رام: لطف سان پار لنگهائج،

پيڙيءَ وارا! لطف سان پار لنگهائج!

١- پيڙي تنهنجي ٻاجهه جي،

اوگڻ تون نه وچارج. لطف سان...

٢- پتڻ اتم ڪين ڪي،

نڌر نماڻي نه وسارج. لطف سان...

٣- اکيون لهرون تيز لڳن ٿيون،

مهر ۾ مونجي وهارج. لطف سان...

٤- ڪڪر ڪارا طوفان تکيرا،

پنڌ تون هيءَ پاڙج. لطف سان...

٥- پنڌ ڪري مان ٿڪي آهيان،

رحم جو پاڻي پيارج. لطف سان...

٦- "نوري" نماڻي هڪ آسرو تنهنجو،

پور پندر پهچائج. لطف سان...

دادا واسواڻي: (اکيون کولي)

"نوري" نماڻي اِڪ آسرو تنهنجو،

پور پندر پهچائج.

لطف سان پار لنگهائج، پيڙيءَ وارا!

جشن: دادا، رڳ رڳ ٺري پيئي.

گوپالو: واه! آنند اچي ويو.

آنند: بابا سنتن جو سنگ ئي سک جو پندارو آهي.

٩. مٽڪبوالا پروفيسر

جوڳي جادو لائي ويا - ڪڏهن نائون

سوترڌار : رام، پنڊت جواهرلال نهروءَ سان سنڌ چاهي هند ۾ گهڻائي دفعا مليو هو پر اُنهن سامهون ويهي ڪجهه دير روح رهاڻ ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو هوس. رام جي ڏاڍي دل هئي ته هو هڪوار سامهون ويهي پنڊت جيءَ کي هڪ گيت ٻڌائي. سرسوتيءَ جو ڏنل ڏاڻ، رام مهان نيتا جي اڳيان پيش ڪرڻ ٿي چاهيو.

مهاپرش جون اِڇائون ۽ جڻ سنڪلپ ٿينديون آهن ۽ سمت پرش جا سنڪلپ اوس پورا ٿيندا آهن. رام جي اڇا ۽ پوري ٿي - هڪ نه پر ٻه ڀيرا. آل انڊيا ڪانگريس جي اجلاس ۾ تم جڻ ڪرشمو ٿي ويو...

درشيه : هال ڀريل آهي. پهرينءَ قطار ۾ ميمڻ، مرارجي، پاٽل، صادق وغيره مکيه شخص ويٺا آهن. تارا آهن پر چنڊ ڪونهي.

اسٽيج تمام سٺي نموني سينگاريل آهي. اسٽيج تي ڪو اسم چالو آهي. رام پنهنجي واري جي انتظار ۾، ونگ ۾ ويٺو آهي. پاسي ۾ برج نارائڻ ويٺو اٿس.

برجنارائڻ : (رام کي) تيار ٿيءُ پروفيسر! ڇهون اسم پورو ٿيڻ تي آهي. (ڪاريه ڪرم جي پٽي ڏانهن نهاري) ستون اسم تنهنجو آهي ...

(برجنارائڻ جو جملو اڃا ۾ ڪٽجي ٿو وڃي. هال ۾ هڪل پئجي ٿي وڃي. ويٺل ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳن ٿا. ڪي اُٿي ٿا بيهن. ڪي لباس کي ٺيڪ ڪرڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. ڪي عينڪون صاف ٿا ڪن. ڪاريه - ڪرتا ٻاهر ڀڄڻ لڳن ٿا. "آگئي - آگئي - پنڊت جي آگئي" جا آواز چئني طرفن کان اچڻ لڳن ٿا.)

(هال کان ٻاهر، پنڊت جواهرلال ڪار مان ٻاهر نڪري ٿو. چئني طرفن کان تاڙين جو ڦهڪو پئجي ٿو وڃي. ماڻهو اُمنگ ۾ اچي نعرا هڻن ٿا :

گيت

١. اردو جا انيڪ اشعار
٢. شل نيڻهن ۾ ڪهڪشان اڪي — ٻچو ول
٣. هرجا تيري مايا — رام
٤. تيري اڇا سي هم سنڌي (ڀڄن) — رام
٥. دنيا ابهي ٿوڙي ڪو — طاهر

پاتر :

سوترڌار
موهن، مرارجي، پاٽل، صادق وغيره مکيه هستيون
درشڪ
ٻرج ناراڻ
رام
پنڊت جواهر لال نهرو
ماڻهن جا حشام
رتنا ۽ سنڌس ساهيڙيون
اندرا گانڌي
ڄيرامداس دولترام
بالچند ڀماڻي
گوبندرام ڀيومل
درشڪ.

جگ مین آکر اِدھر اُدھر دیکھا،
تو ھي آیا نظر جدھر دیکھا!
وہ آئي بزم مین اتنا تو "میر" ني دیکھا،
اؤر اسکي بعد چراغون مین روشني نہ رھي!

(پنڊت جي پروگرام جي پني تان نظر ھٽائي ٿو. ڪجھ چرپر ڪري ٿو. پر اڃا رام جو ڳائڻ ڪيس پڪڙ ۾ نہ آئي سگھيو آھي. ان ڪري رام پاڻ وڌيڪ اُتساھ وچان ڳائي ٿو.)

رام: جان تم پر نثار کرتا ھون،
مئن نھین جانتا دعا کیا ھئہ!
لي گیا چھن کي کوئي آج تیرا صبر و قرار،
بیقراري تجھي اي دل کبھي ایسي تو نہ ٿي!
شوخي مین تم کنمت ھئہ، تو ھئہ ناز مین نیاز
تعلیم تم ني پائي ھئہ اچھي اَدیب سي.
پڑا رھني دي اک کوني مین
صدقي باغبان تیري،
مئن کانٹا ھي سھي لیکن
پلا تو ھون گلستان ۾!

(پنڊت جواھرلال مٺي رام ڏانھن نھاري ٿو. رام لاءِ اھو ئي ڪافي آھي. رام وڌيڪ جوش ۾ اچي ڳائي ٿو.)

رام: افسانا ـ ناکامي ساقي،
مئخاني مین چھوڑي جاتا ھون،
قربان تیري نظرین نہ بدل
مئن جام کو توڑي جاتا ھون!

(جواھرلال چھن ۾ ڪجھ پڙ پڙ ڪري ٿو. رام ان ڪي تعريف سمجھي وڌيڪ اُتساھ ۾ اچي ٿو وڃي.)

پنڊت جواهرلال کي — جئہ

پنڊت جواهرلال — زنده باد

هزارن ماڻهن جا جواهرلال جي درشن لاءِ اچي ڪٺا ٿيا آهن
هو سمنڊ جي لهرن جيان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪن ٿا
پوليس کين خاص مقرر ٿيل مفاصلي تي روڪي بيهاري ٿي.

جواهرلال سنگين ساٿين سان گڏ هال ڏانهن وڌي ٿو. پنڊت
جواهرلال سان گڏ سندس سپتري اندرا گانڌي پڻ آهي.)

(اندر هال ۾، اسٽيج تي ويٺل رام جي حالت خوشي
سبب عجيب ٿي ٿي وڃي. اکين تي جڻ اعتبار ئي ڪونه
اچيس.)

رام: (پنهنجو پاڻ کي - دل ۾) حڪمرانن جو حڪمران، منهنجا
محبوب! منهنجي سامهون هوندو ۽ مان ڳائيندس! اکين تي
اعتبار ئي ڪونه ٿو اچي .... منهنجا جهوُلڻ، هي سڀ انهن
ئي ڪرشما آهن.

برجناراڻ: (رام کي) شروع ڪر پروفيسر! ڏه منٽ وڃڻو

رام (متڪي تي هٿ هڻي ڳائي ٿو.)

اميدون پر اداسي ڇا گئي
ڪيا تم نه آئوگي ؟
ميري دل ڪي ڪلي مرجها گئي
ڪيا تم نه آئوگي ؟

(هال ۾ مڪمل شانتي آهي. جواهرلال ڇپيل پروگرام پڙهي
رهيو آهي.)

رام (متڪو وڄائيندي) نه جانا ڪ دنيا سي جاتا هئه ڪوئي

بهت دير ڪي مهربان آتي آتي.
وصل ڪا دن اور اتنا مختصر!
دن گني جاتي ٿي جس دن ڪي لئي.

لاءِ هنن جي هرڪا حرڪت ڏنڊاي ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ آهي.
پر رام جي منهن مان شعر نڪرندا ٿا وڃن.)

رام: ڪوئي آيا نه آئيگا ليڪن،
ڪيا ڪرين گر نه انتظار ڪرين؟
عشق ڪا ذوق نظارا مفت مين بدنام هئه
حسن خود بيتاب هئه جلوي دکاني کي لئي!
مرڪي ٽوٽا هئه ڪهين سلسلا- قيد- حيات،
مگر اتنا هئه ڪ زنجير بدل جاتي هئه!
مؤت اِڪ ماندگي ڪا وقفه هئه،
يعني آگي چلينگي دم ليڪر!

(چؤطرف مڪمل خاموشي آهي. مٽڪو وڄندو ٿو رهي. اوچتو هڪ ماڻهو رام کي اچي ٿو ٻانهن کان پڪڙي ۽ منهن ٽان هيٺ وٺي ٿو وڃي. ان نيم- بيهوشيءَ جي حالت ۾ ئي رام هلندو ٿو وڃي. اوچتو ڪلهي تي هڪ هٿ جو سپرش محسوس ٿو ڪري ۽ نهاريتو. هاڻي رام ڪجهه ڪجهه هوش ۾ آيو آهي.)

جواهر لال: (رام جي ڪلهي تي هٿ اٿس) ساري کي ساري ديوان بر زبان هئن! اچا گاتي هو.

رام: گا ليتا هون، تپش دل کي بجها ليتا هون.

جواهر لال: مٽڪا ڪمال ڪا بجا ليتي هو.

رام: حضور، ايڪ هي چيز تو سنڌ سي لايا هون.

جواهر لال: (حيرانيءَ مان) سنڌي اردو مين گاتي اؤر اِس تلفظ مين! مئن جانتا هون ڪ سنڌي هر مشڪل ڪو آسان ڪر سڪتي هئن. سنڌ اب هندستان ڪا حصه نهين رها. ليڪن مئن ني سنڌ ڪا نام راشٽريه گيت مين بچا ليا. نڪال دينا چاهتي ٿي.

رام: (مدهوشيءَ پري همت ڪندي) سنڌ شبد راشٽريه گيت مين تو قائم هئه پرنتو سنڌي ڀاشا وڌان ڪي شيڊيول مين نهين هئه.

رام: هئه شان غرور حسن اڌر

هئه خوءِ نياز عشق اِڌر،

وه توڙي جاتي هئن شيشاءِ دل

مئن ٽڪڙي جوڙي جاتا هون!

نه اوڙ کول اپي نيم باز آنکون کو،

ٽيري نثار يه جادو اپي جڳاني جا!

جواهرلال: (ڪليءَ دل سان داد ڏيندي) خوب!

(رام جي دل خوشيءَ ۾ ٽپا ڏيڻ ٿي چاهي. آخر محبوب کي منائڻ ۾، هن جو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائڻ ۾ ڪامياب ٿيو ويو آهي.)

رام: هم ايسي بد نصيب ڪه اب تڪ نه مر گئي،

آنکون کي آگي آگ لڳي آشياني مين!

اِڪ طرز تغافل هئه سو وه انڪو مبارڪ،

اِڪ عرض تمنا هئه سو هم ڪرتي رهينگي!

وه شاخ - گل په رهين يا ڪسي کي ميت پر،

چمن کي ڦول تو عادي هئن مسڪراني کي!

خدا پي ڇوڙ دي، ڊوبي ڪه پار هو ڪشتي،

"رضا" نه موجين هئن اپني، نه اپنا ساحل هئه!

ٻري هو يا ڀلي هو رات ڪٽ جاتي هئه دونون کي،

فرق اتنا هئه تم سوتي هو، هم فرياد ڪرتي هئن!

جواهرلال: (مرڪي مٺي نهاريندي) هم ڀي جاڳ رهي هئن!

(خوشيءَ سببان رام جي حالت ازحد خراب ٿي وئي ٿي. ڪجهه هوش نه ٿو رهيس. منڪو وڃڻو رهي ٿو. چوگرد رام لاءِ جڻ ڏنڊ چانئجي ٿيو وڃي. ڪجهه به چٽو نظر ڪونه ٿو اچيس. کيس هال ۾ ويٺل ماڻهو به جڻ عجيب و غريب حرڪتون ڪندا نظر ٿا اچن. نچن ٿا؟ ٽپن ٿا؟ ٽرن ٿا؟ ڊڪن ٿا؟ رام

کاوَن ماس پتنگان پڙڪي
شل ...
٣- جو ڪوئي نال اُنهان دي اڙيا
سر ڏيوڻ بن مُول نہ وريا
سر سُولِيءَ تنهن لٽڪي
شل ...
٤. عاشق "بهاول" مُول نہ هٽڪن
پتنگ وانگي شمع تي لٽڪن
سيف سيني وچ سٽڪي
شل ...

جواهر لال : خوبصورت گيت هئي. اِس صورت ڪي سندي
هم ڀي سمجهہ ليتي هئن. لائو يي ڪاغذ ....

(رام جواهر لال کي گيت وارو ڪاغذ ڏئي ٿو. پنڊت
جواهر لال ان تي دستخط ڪري ٿو ۽ راجيہ پال شري سري پرڪاش
کي ٻہ دستخط ڪرڻ لاءِ ڏئي ٿو. هو ٻہ دستخط ڪري ٿو. پوءِ
ڪاغذ رام کي موٽائي ڏئي ٿو.)

جواهر لال : خوش هُوئي ؟

رام : (خوشيءَ ۽ نيزاريءَ وچان) مئن ني خواب مين ڀي
نهين سوچا ٿا ڪ آپ کي اتني مهربانيان مجهي حاصل هونگي-
مئن ڪتنا خوش نصيب هون اؤر آپ ڪتني ٻڙي ڪلا کي
قدردان هئن!

جواهر لال : (رتنا ۽ ٻين ڇوڪرين ڏانهن منهن ڪري) گيت
تو پروفيسر ني گايا. تم لڙڪيان نمائش کي لئي اتني ٿين
ڪيا ؟

ايڪ ڇوڪري : آپ کي ساٿ ٻٺني ڪا اوسر ملي تو
ڪورس مين ايڪ ڀڪتي گانا ڀي ٻهت هئي.

جواهر لال : (گمڀير ٿي ڪري) هان، نهين هئ! ساهتيه اڪاڊمي مين يي نهين هئ. ڪڇ هو جائيگا.

(رام جواهر لال ڏانهن منتر - مگڌ ٿي نهاريندو رهي ٿو.)

جواهر لال : دهلي مين آئي هو؟ ملو... ڪارڊ پر اپني نام ڪي نيچي لکنا "مٽڪا والا" - مئن پهچان لونگا.

... .

سوترڌار : پيارن جو بيتاج بادشاه پنڊت جواهر لال نهرو واعدي جو پڪو نڪتو. جڏهن دهليءَ ۾ ساهتيه اڪاڊميءَ جي پهرين ميٽنگ ۾ صدارت لاءِ ويو تڏهن پاڻ اٿي ٻيهي صلاح ڏنائين ته سنڌيءَ کي ساهتيه اڪاڊميءَ جي جوڙجڪ ۾ ٻين چوڏهن ٻولين سان گڏ جاءِ ڏني وڃي.

پنڊت نهرو رام سان ٻيو دفعو بمبئي يونيورسٽيءَ جي ڪلب هائوس جي اد گهاٽن وقت گڏيو.

ڪلب هائوس.

(اسٽيج تي رام ويٺو آهي. اڳيان مٽڪو پيو اٿس. رام جا هٿ مٽڪي تي نچي رهيا آهن. سنگيت گونجي رهيو آهي. رام جي پاسي ۾ سندس ڌيءَ رتنا ۽ ٻيون ڇوڪريون به ويٺيون آهن. رام گيت ڳائيندو ۽ ڇوڪريون ڪيس ساٿ ڏين ٿيون.)

رام : شل نيڻهن نه ڪنهن سان اٽڪي
ڏاڍي زور نيڻان دي جهٽڪي
١- شاه حسن ديڻان فوجان چڙهيان
ڪاٽ نيڻان دي ڪد ڪر ڪڙيان
پير پيڇي ناهين هٽڪي.
شل ...
٢- ديکه نيڻان دي بيپرواهي
لت ڏيندي هن اميري شاهي

منچ تي پرڌان منتري اندرا گانڌي وچ ۾ ويٺي آهي. آس-
پاس جڳرامداس دؤلترام، ٻالچند پمناڻـــي ، گوبندرام پنڇومل
وغيره ويٺا آهن. منچ جي هڪ پاسي رام ويٺو آهي. سندس
اڳيان سدا جو ساٿي مٽڪو پيو آهي. رام مٽڪو وڄائي رهيو
آهـــي.)

رام : هرجا تيري مايا
پرڀوجي، انت نه تيرا پايا، هرجا ...

۱- تؤني قول ڪلا ڪر هر سو سب ڪو مست بنايا
چنچل شوخ ڪلي ڪي دل ۾ ارمانون ڪو سجايا
هرجا ...

۲- يه سندر سنسار بنا ڪر اپنا آپ ڇپايا
جب جب ڪشٽ ٻڙها اِس جگه ۾ توني اسي مٽايا
هرجا

(هال ۾ مڪمل خاموشي آهي. جيئن ته اندرا گانڌي پاڻ ته
سنڌيان سان گيت ٻڌي رهـي آهـي ان ڪري ڪنهن کي به چرپر
ڪرڻ جي همت ڪونه ٿي ٿئي. اڄ رام جو مٽڪو ڪجهه نئين
انداز ۾ وڄي رهيو آهي. اوچتو رام گيت جي لئه بدلي ٿو ؛
بيت وانگر هيٺيون سٽون ڳائي ٿو:)

(بيت) : تيري اِڇا سي هم سنڌي سنڌ ڇوڙ ڪر آئي،
سنڌ ڇوڙ ڪي هند ۾ آئي، ساري هند ۾ ڇائي،
ڀارت ڪي گودي ۾ آڪر هوگئي ڀارتواسي،
ساري دنيا ۾ هم ڦهلي هوگئي دنيا-واسي،
پرشارٿ ڪا جهنڊا جهلا ڪر آگي قوم ٻڙهايا،
دکه ڪا سڪا ديڪر سکه ڪا هم ني پدارٿ پايا،
تيرا سهارا ليڪر هم ني جيون جوت جگائي،
قسمت ڪي ڪاغذ پر هم ني ڪرم ڪي ڇاپ لڳائي،

(جواهر لال مرڪي ڇوڪريءَ جي ڳٽي تي ٺونڪي هڻي ٿو.

رتنا : پنڊت جي، هماري ساٿ ايڪ چتر کنچوائيئي ...

جواهر لال : (بناوٽي ڪروڌ ڪري) ڪيا ايسي بات هـ
تمهين جو ميري ساٿ تصوير کنچوائيگي ؟

رتنا : (هڪدم) جو لڙڪيان آپڪي اتني نزديڪ پهنچ
سڪتي هئن ان مين ڪوئي بات تو ضرور هوگي.

جواهر لال : (رتنا جي ڳل تي ٺونڪڙي هڻي) آئو ...

(جواهر لال رام ۽ سندس سائين ۽ ڇوڪرين سان گڏ تصوير
ڪڍائڻ لاءِ تيار ٿي بيهي ٿو. ڪجهه ٻيا ماڻهو به ان گروپ
فوٽو ۾ شامل ٿيڻ چاهن ٿا پر جواهر لال هٿ جي اشاري
تکيءَ نظر سان انهن کي هٽائي ٿو ڇڏي! فوٽو نڪرڻ وارو
آهي. جواهر لال وچ ۾ آهي ۽ پاسي کان رام بيٺو اٿس.)

جواهر لال : (اوچتو فوٽو گرافر کي) ٺهرو ...

(رام ڏانهن منهن ڪري) تم بيچ مين کڙا هون اور تـ
ميري ايڪ طرف ؟ گيت تم ني گايا هئه نه ؟ ڪلاڪار ڪـ
بيچ مين کڙا رهنا چاهئي ...

(رام کي ٻانهن کان پڪڙي) تم اِڌر آئو بيچ مين ...

(فوٽو گرافر فوٽو ڪڍي ٿو. رام جو ان وقت جواهر لال سان
نڪتل فوٽو پردي تي ڏيکاريو وڃي ٿو.)

... ...

(پردي تي لکجي ٿو وڃي.)

دهلي : ١٦ جون ١٩٦٦

(منچ پيڪيدار نموني سان سينگاريل آهي. ديوار تي ٻئي
درشڪن جي سامهون لکيل آهي :

دهلي سنڌي پنچات

دهلي

(گيت تي دستخط ڪري ٿي.)

اندرا گانڌي: بس؟

رام: بهت بڙي مهرباني. مئن ڌنيہ هو گيا.

(اندرا گانڌي پوءِ جڳرامداس دؤلترام ڏانهن منهن ٿي ڪري. هو ڪجهہ بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ٿو وڃي.)

اندرا گانڌي: (جڳرامداس ڏانهن منهن ڪري) مئن پچيس منٽ ڪي بجاءِ بيس منٽ بولون تو چليگا؟ مئن اِس پروفيسر سي ايڪ اؤر گيت سننا چاهون گي.

(رام خوشيءَ کان روئڻ وارو آهي پر پاڻ کي جهلي ٿو وڃي. رام ظفر جو مشهور غزل ڳائي ٿو.)

رام: ديکها اپني خودي کو جو همني متا

وه جو پرده سا بيچ مين ٿا نہ رها،
بس پرده وه پرده نشين نہ رها
ڪوئي دوسرا اپني سوا نہ رها. ديکها ...

١- نہ ٿي حال کي جب همين اپني خبر،
رهي ديکهتي اؤرون کي عيب و هنر،
پڙي اپني برائيون پر جو نظر،
تو نگاهون مين ڪوئي برا نہ رها. ديکها ...

٣- ظفر آدمي اسکو نہ جانئيگا،
هو وه ڪتنا هي صاحب فهم و ذکا،
جسي عيش مين ياد خدا نہ رهي،
جسي طيش مين خؤف خدا نہ رها. ديکها ...

(اندرا گانڌي تقرير ڪرڻ لاءِ اٿي ٿي. ماڻهو خوب تاڙيون وڄائن ٿا.)

اندرا گانڌي: (تقرير ڪندي) آپني سنڌي ڀاشا ڪو يوگيہ ستان ديني کي جو اپيل ڪي هئہ، اس کي طرف پورا پورا ڌيان ديا جائيگا. (درشڪ تاڙيون وڄائن ٿا.)

سنڌي ڀائيون ڪي قربانيون ڪي قدر هوني چاهئي.

دشمن نی جب للڪارا اؤر آفت ديش پہ آئي،
سنڌي نی ڀي ديش ڪي خاطر جان ڪي بازي لڳائي
چاندي، سونا، رت ڪي ھم نی، ماں پر ڀينٽ چڙھائي
ڌرم يڌ ۾ ڀاڳ ليا اؤر جيون سڦل بنائي،
آج خوشي ڪا اوسر آيا مؤج خوشي ڪي ڇائي،
ڪيون ڪ ھماري بيچ ۾ ديکو ديوي اندرا آئي،
لال جواھر ڪي بيٽي اؤر موتيلال ڪي پوتي،
آج بني ھئہ ڀارت ماں ڪي بيٽي وہ اڪلوتي،
ميري پاس تو اؤر نھين ڪڇ شبد ھي ميري پونجي،
ان شبدون ڪي ان ڪي لئي ھئہ مئن تي مالا گوندي
ڪيا مانگين ھم تم سي ديوي من ۾ ايڪ ھئہ آشا،
وڌان ڪي شيڊيول آٺ ۾ درج ھو سنڌي ڀاشا،

(پويون سٽون رام ڀريل گلي سان چوي ٿو. اندرا گانڌي تي
ان پڪار ڪجھ اثر ڪيو آھي اِئين لڳي ٿو. رام وري واپس
پنھنجي گيت جي ٽن ڏانھن وري ٿو.)

٣- ان ڪي سر پر رھي ھميشھ سائين تيرا سايا
آنچ نہ آئي اس پي ھرگز جس پر تيري ڇايا
ھرجا تيري مايا،
پربھوجي، انت نہ تيرا پايا. ھرجا ....

(رام جو گيت پورو ڪرڻ تي ھال جـو تاڙين سان گونجڻ
خود اندرا گانڌي بہ مرڪي تاڙيون وڄائي ٿي. رام گيت وار
پنو ھٿ ۾ کڻي اندرا گانڌيءَ جي اڳيان وڃي بيھي ٿو. سنڌ
مطلب صاف آھي تہ ڪيس گيت تي اندرا گانڌيءَ جي دستخ
کپي.

اندرا گانڌي: (پنو وٺندي) اردو يا سنڌي ۾ تہ دستخ
نہ ڪر سکونگي، انگريزي ۾ ڪر رھي ھون.

١٠. ڏور سنڌين جي جوڙي رکندا

جوڳي جادو لائي ويا - ڪڍب ڏھون

(ماڻهو خوب تاڙيون وڄائن ٿا.)

مان آشا ڪري ٿي هون ڪ سنڌيون اؤر سنڌيون ڪي پرتيندتي، هماري ايڪ بڙي بزرگ نيتا شري جئرامداس ڪ-ي ڪوشش اؤر اپيل ويرٿ نهين جائيگي.

(هال تاڙين جي آواز سان گونجي ٿو.)

اندرا گانڌي: (رام ڏانهن منهن ڪري) مين پرسون بمبئي پر آل انڊيا ڪانگريس اڌيويشن پر آ رهي هون. مجهسي ملنا ... آج پارليامينٽ ڪي ميٽنگ هئي، ديکون.

(رام جي چهري تي خوشيءَ سببان عجيب رنگ اچي وڃي رهيا آهن.)

اندرا گانڌي: (وري رام کي) اگر پروفيسر ايڪ گيت اؤر سنائي تو مين پانچ منٽ اؤر ٺهر سڪتي هون.

رام: (اٿي بيهي) آيو لال

درشڪ: (گڏ جي) جهولي لال

رام: آيو لال

درشڪ: جهولي لال

(ڌني زور ونندي وڃي ٿي)

اندرا گانڌي: (عجب مان) ساري سنڌي ساٿ دي رهي هئن!

رام: آيو لال

درشڪ ۽ اندرا گانڌي (هڪ سر پر) جهولي لال

رام: آيولال

درشڪ ۽ اندرا گانڌي: (گڏجي) جهولي لال

(رام جهولي لال جي ڌنيءَ تي مست ٿي جهومڻ لڳي ٿو. منچ تي ويٺل به جهومڻ لڳن ٿا. اندرا گانڌي به امنگ ۾ اچي جهومڻ لڳي ٿي. جهولي لال جا نعرا.)

(پردي تي پٺيان ڏيکن جي هڪ انگريزي اخبار جو وڏن اکرن ۾ ڇپيل سرو اڀري ٿو.)

Prime Minister Joins In The Sindhi Corus

سوترڌار: رام سندرتا ۽ پريم جو پوڄاري هو. هُو چاهيندو هو ته سڄو سنسار سندرتا جو آستان بڻجي ۽ زمين جي هڪ هڪ ڪُنڊ ۾ پريم جو واسو ٿئي. پريم ۽ سندرتا رام جا پراڻ ها.

پر رام کي سنسار جي انيتين نيتين جي به پوري پوري ڄاڻ هئي. کيس خبر هئي ته دنيا سندرتا جي پُوڄا ۽ پريم جي آرادنا کي واسنائن ۽ ترشنائن سان جوڙي ڇڏيندي. ان ڪري پريم ۽ سندرتا جي سڳنڌين کي هن اندر جو اندر ۾ پٽي دٻائي ڇڏيو ۽ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي تصور ۽ تخيل مان دلي سڪون ۽ دماغي تراوت پئي حاصل ڪئي.

درشيه: هڪ ڪار بمبئيءَ جي رستن تي ڊوڙي رهي آهي. ڪار جي اڳينءَ سيٽ تي رام جو ڀاءُ آنند ويٺو آهي. ڪار رام جو هڪ پريمي سڄڻ هلائي رهيو آهي. رام ڪار جي پٺينءَ سيٽ تي اڪيلو ويٺو آهي. رام جي عمر ستهٺ اٺهٺ سالن جي ارد گرد آهي. کيس کاديءَ جو اڇو لباس پيل آهي. اڪيلو رام پنهنجن ئي خيالن ۾ گم آهي. کيس آس پاس جي ڪابه خبر ڪونه آهي. اوچتو رام ڪجهه گنگنائي ٿو.

رام: حسن جي ئي نقاب ٿيندو آ
هڪ نئون انقلاب ٿيندو آ
عشق جيئن جيئن اداس ٿيندو آ
منهنجو پيئڻ ثواب ٿيندو آ. حسن جي ...

(دل لڀائيندڙ سنگيت شروع ٿئي ٿو. پردي تي هڪ وڏو پيالو ظاهر ٿئي ٿو. بوتل مان ان ۾ شراب اوتيو وڃي ٿو. شراب سان اٿل پٿل پيالي جي پنيان پاردرشي ڪپڙن ۾ هڪ حسين جوان ڇوڪري ڪر موڙيندي قاتل ادائن سان بدن جو انگ انگ لچڪائي رهي آهي. مرداڻي آواز ۾ غزل ڳائو وڃي ٿو.)

گيت

١. حسن جي ئي نقاب ٿيندو آ	رام
٢. سنڌو ديش مهان	آياز
٣. جي تو ڪانئر ڪکر ۾ - ١	اياز
٤. جي تو ڪانئر ڪکر ۾ - ٢	اياز
٥. هن ڀوميءَ جو وير	اياز
٦. هندو پڻو ۽ نڪو اسلام	منوهر بيدي
٧. هي سنگرام!	اياز

ڳاڙ :

سوترڌار
رام
آنند ڀنڀواڻي ۽ سندس مٽر
نرتڪي
نرتڪ
هوتچند آڏواڻي
پاڪستان مان آيل چار اديب
درشڪ
مولائي فقير
اياز
نارائڻ شيام.

۴- ھوُ ڪري غير تي ڇو ظلم ستم؟
پنھنجي تي ئي عتاب ٿيندو آ. حسن جي ...
(ھاڻي نرتيه سرڪسي ڪلابازين جو روپ ڌارڻ ڪيو آھي. ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو جسم سرڪس جي ڪلاڪارن وانگر وڄ - وڪڙ کائي ناچ جا عجيب نمونا پيش ڪري رھيو آھي. ناچ جي رفتار ڪافي تيز آھي. ڪئين رنگن جون روشنيون عجيب ماحول پيدا ڪري رھيون آھن.)
۵- ھي فقط دل جي درد جو آ ڪمال،
جو لکان انتخاب ٿيندو آ. حسن جي ...
(رام ڪار ۾ وڃي رھيو آھي.)
رام : ھڪ خوديءَ جي ئي ”رام“ مٽجڻ سان
ذرو پي آفتاب ٿيندو آ. حسن جي ...
(اوچتو ڪار بيھي ٿي. عمارت تي لکيل آھي :
Kishinchand Chelaram College
رام ڪار مان ھيٺ لھي ٿو. آنند ۽ ڪار ڊرائيو ڪندڙ ڪار ۾ ئي ويٺا آھن. اوچتو ھڪ ٻي ڪار به اچي اچي بيھي ٿي. ان ڪار مان پرنسپل ھوتچند آڏواڻي لھي ٿو. رام ھڪدم ھوتچند ڏانھن وڌيو ۽ جھڪي پرڻام ڪريس ٿو. ھوتچند کيس روڪي ڀاڪر ۾ ڀري ٿو.)
رام : دادا ...
ھوتچند : رام، اچا تنھنجو قدر ٿيو ڪٿي آھي. تو جھڙا شخص صدين ۾ به مشڪل سان پيدا ٿيندا آھن.
رام : توھان جي ھيڏي ڪرپا، ھيڏو پيار! مون ڪي نه ھر دفعي لڄي ٿا ڪري ڇڏيو.
ھوتچند : ھاڻي مان ڪجھ خوش آھيان. توکي ڪي. سي. ۽ جٿ ھند ڪاليج جي مئنيجنگ بورڊ تي ڏٺيو اٿائون. ھاڻ-ي

حسن جي اِي نقاب ٿيندو آ
هڪ نئون انقلاب ٿيندو آ. حسن جي ...

(خيامي لباس ۾ هڪ ڇوڪرو رنگين شراب سان ڀريل پڪي ٺلهه جي ڀرسان جام مان شراب پي رهيو آهي. اوچتو ٺلهه مان هڪ ڇوڪري ٻاهر نڪري ٿي. هوءَ شرابين وانگر ٿاٻا کائيندي کائيندي نچي رهي آهي.)

١- عشق جيئن جيئن اداس ٿيندو آ
منهنجو پيئڻ ثواب ٿيندو آ. حسن جي ...

(ڇوڪري کي ڪتل ۽ بدرنگ جين ۽ ڍلي ڍالي قميص پيل آهي. هو هڪ سرسبز واديءَ مان لنگهي رهيو آهي. اوچتو سامهون ٻهاڙيءَ تي هن جي نظر وڃي ٿي. ٻهاڙيءَ تي ڇوڪري گهاگهرو ۽ ڪوٽي پائي بيٺي آهي. هوا زور سان لڳي رهي آهي. ڇوڪريءَ جا وار اڏامي رهيا آهن. هن لاءِ ڪپڙن کي سنڀالڻ ۾ مشڪل ٿي رهيو آهي. ڇوڪرو ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريندو رهي ٿو.)

٢- مان نظر کي جتي ۾ ترسايان
هوءَ اتي بينقاب ٿيندو آ. حسن جي ...

(ڇوڪري منچ تي نرتيه ڪري رهي آهي. تيز ساز وڄي رهيا آهن. ڇوڪريءَ جي لڏڪ غضب جي آهي. ڇوڪرو به نرتيه ۾ هن جو ساٿ ڏئي رهيو آهي.)

٣- جو ڪڇي ڪين تنهنکي ڏوهه ڏجي؟
ماٺ ۾ ئي جواب ٿيندو آ. حسن جي ....

(ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ٻئي گڏجي نچي رهيا آهن. ناچ ناهي پر جڻ يڌ-ڪلائن جي نمائش آهي. نرتيه سان ڪنگ-فو، جوڊو ۽ ڪراٽي جا داوَ-پيچ ملي ويا آهن. ناچ ٽپرس ۾ وڃهندڙ آهي. اسٽيج تي جدا جدا قسمن جون ٻ سڪو روشنيون قسمين قسمين پکڙون ناهي رهيون آهن.)

ڳائيندو ڪر. تنهنجي راڳ ۾ روح آهي.

رام : توهان جي آڳيا اکين تي!

هوتچند : اڄ جو ڪهڙو پروگرام اٿيئي؟

رام : هتان ميٽنگ تان ٿي وري شام جو سيتا سندو پون ويندس. پاڪستان مان ڪجهه اديب دوست آيا آهن، انهن لاءِ ڪجهه سواڳتي اتسو رکيو اٿئون. توهان ضرور اچجو.

هوتچند : آءٌ شل ٿيا. بت تو پرامز.

(ٻئي هال ڏانهن وڃڻ لڳن ٿا.)

... ...

سيتا سندو پون.

(هڪ لمبي ڪار گيٽ کان اندر داخل ٿئي ٿي ۽ مکيه دروازي جي اڳيان اچي بيهي ٿي. ڪار مان رام، آنند ۽ چار پاڪستان مان آيل سنڌي اديب لهن ٿا. ٻن کي وڏيون سلواروں ۽ قميصون پيون آهن. هڪ جي لباس جو رنگ آسماني آهي ته ٻئي جي لباس جو رنگ ناسي آهي. مٿي تي ريشمي زري سان ڀريل گول ٽوپي پيئي اٿن. ٽئين اديب کي سوٽ ۽ بش شرٽ پيئي آهي ۽ چوٿين کي سفاري پيئي آهي.)

رام : سيتا سندو پون ۾ پاڻن جي مرحبا. جي ڪ پڌاريا. نيچ پڌاريا. اچو. اندر اچو. توهان کي ڏسي اسانجون اکيون ٺريون.

(رام، اديب ۽ ٻيا ماڻهو اندر داخل ٿين ٿا ۽ هال ۾ اچن ٿا.)

رام : هي آهي پون جو هال. جتي صوفين جو سٽسنگ ٿيندو آهــي، چونڪيون لڳنديون آهن، ڪوي سميلن ٿيندا آهن، سنگيت جا ڪاريه ڪرم ٿيندا آهن.

هڪ اديب : واه!

ٻيو اديب : خوب موڄ مچندي هوندي.

ڪجهه خوش آهيان ته تنهنجو تورو ڪ گهڻو قدر ٿيو آهي.

رام: مان توهان جا ٿورا ڪيئن لاهي سگهندس. مون کي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿو اچي.

هوتچند: پر مون تو لاءِ ڪيو ئي ڇا هي؟

رام: هيڏو ڪجهه ڪري به چئو ٿا ڪيو ئي ڇا هي؟ اڃا ڇا بهشت لاهي مون کي ڏيندءُ؟

هوتچند: (مرڪي) رام، تون ان کان به ڪنهن وڌيڪ قيمتي شيءِ جو حقدار آهين.

رام: بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ ريڊر جــو پد ڏياريوَ. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ آنرري پروفيسر بڻايوَ سو به پوريءَ پگهار سان! وري مٿان هي نئون پد ڏنوَ! اڄ ڪير تو ڪنهن لاءِ ڪجهه ڪري.

هوتچند: سنڌي جاتي ڪرتگهن آهـي ڇا؟ تون پاڻ ڪجهه ڪيئن ڪونه. اهو اسان جو ڌرم آهي ته تو ڏانهن پنهنجو فرض پاليون. تون سنڌين جي دلين جي ڌڙڪن آهين.

رام: دادا، مون کي لياقت کان وڌيڪ ڏنو اٿوَ.

هوتچند: نه، پاڻ گهڻو گهٽ مليو اٿيئي. خبر اٿيئي ته ساوتري هر هر اِها ڳالهه ورجائيندي هئي. هوءَ هاڻي خوش آهــي ته ماڻ واري جو مان ٿيو آهي.

رام: دادا، دنيا کي پنهنجن ٻولن سان ديوانو بڻائيندڙ مان رام، توهان جي اڳيان هڪ لفظ به ڪيي نه ٿو سگهان. دادا، توهان جي پريم جي شڪتي اپار آهي.

هوتچند: (کلندي) ڇو ٿو پلڇين ته مان پريسٽر آهيان.

رام: توهان ته منهنجا دادا آهيو. پر مان توهان جي هن اٿاه پريم جي موٽ ڪهڙيءَ طرح ڏيان؟

هوتچند: جي موٽ ڏيڻ ئي ٿو چاهين ته پڌ. مان جنهن بـ انسو ۾ شريڪ ٿيان، اُتي تون ليڪچر سان گڏ هڪ گيت ضرور

ڪيا آهيون، اسپتالون ٺهرايون آهيون. ادا، سرڪار اسان تي
گهڻو خرچ ڪيو آهي، ان کان گهڻو وڌيڪ اسان ديش ڪي،
سرڪار کي ڏيئي چڪا آهيون.

ٻيو ڏون اديب : شاباس هجيوَ ادا! سنڌ ۽ سنڌين جو نالو هر
حال ۾ اونچو رکڻو آهي.

رام : هندو ٿي. اونچو هندو ٿي. سنڌي معنيٰ سڀئي. سنڌي
معنيٰ صدقي. سنڌي معنيٰ ول - ڇل کان آجو. جنهنجو مـــن
جلو ۽ نيت صاف، تنهنجو سر ڪير ڪو جهڪائي سگهي؟

(رام ڇئني اديبن ۽ ٻين ڪجهه سائين سان منچ تي اچي
ٿو. سڀ پنهنجين پنهنجين ڪرسين تي ويهجي ٿا وڃن. هال ۾
ڪافي درشڪ ويٺا آهن.)

رام : (مائيڪ تي) اسان جا وڏا ڀاڳ جو سڀئي سنڌوين کي
ڌيڪ چمڪ بخشڻ لاءِ سنڌ جا، منهنجي ۽ جند ڙيءَ سنڌڙيءَ جا
چار اديب دوست پاڻ پير پيري آيا آهن.

(ماڻهو خوب تاڙيون وڄائن ٿا. سڀني جي چهري تي خوشي
انساه آهي.)

رام : (اديبن ڏانهن اشارو ڪري) مان پنهنجي اُدن کي عرض
ڪندس تہ ھو اڪر ڇئي ھن پريمين جي پياس بجهائن، جن جا
ڪن سنڌ جا آواز ٻڌڻ لاءِ سالن کان پيا ٿا سڪن.

(رام پاسيرو تي ويهي ٿو. هڪ اديب اٿي مائيڪ تائين اچي
ٿو.)

اديب : (هٿ جوڙي) نمستي! منهنجا نصيب کليا پيا جو
توهان پيئرن ۽ پائرن جـــا درشن ٿيا. اڄ سنڌ ۾ اسان پل پل
توهان کي ياد ڪندا آهيون ۽ هر هر دعائون ڪندا آهيون تہ
سدا سکي هجو. هند ۾ شاد آباد هجو. حقيقت ۾ اسان سنڌي
سڀ هندو هجون يا مسلمان، دنيا جي هر قوم کان نيارا آهيون.

رام: ادا، روح کي راحت ملي ويندي آهي. شرير کي ته روز پيا طعام کارايون ۽ لباس پارايون. روح کي ڏوه ڪيو ڇا؟ ٻه گهڙيون مستيءَ ۾ گذاريون آهن ته مهڻ جا مهما رنگ ڦڪو نه ٿيندو آهي.

ٽيون اديب: وطن کان وڇڙيا آهيو پر وطن وساريو ڪونه اٿوَ.

رام: ادا، ارادو ته اهو آهي ته هن هند ۾ اَئي سنڌ پيدا ڪنداسين. شاه آندو اٿئون، سچل آندو اٿئون، سامي ساه سان سانڍيو اٿئون. بيدل، بيڪس، دلپت ۽ روحل دل جي ڌڙڪن سان ملي هڪ ٿي ويا آهن. سڀ اَئي سورميون اڃا اسان جو آدرش آهن. هن رام ۽ ڪرشن جي پوميءَ ۾ اڄ به اسين صوفي لاڪوفي آهيون. ڇيڄ وجهندا آهيون. هوجمالو ڳائيندا آهيون. سڀ کان وڏي ڳالهه ته زنده پير لال سائين جهولي لعل اسان جو اشٽ ديوتا آهي.

(رام هڪ طرف اِشارو ڪري ٿو. سڀ ان طرف نهارين ٿا. سامهون امر لال جي هڪ من-موهڪ وشال مورتي پيئي آهي.)

چوٿون اديب: يعني سڀئي سنڌو پون ڪي توهان هند ۾ سنڌيت جو مکيه مرڪز بڻائڻ چاهيو ٿا؟

رام: هائو. سپنا ته وڏا آهن. پر جيڪا مالڪ جي مرضي. آءٌ ڪا پاڻ وهڻي؟

ٽيون اديب: ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. سنڌ جي ٻي ڳالهه آهي. پر هتي هڪ هڪ شيءِ توهان کي ملڻ ۾ مشڪلات ٿيندي. زمين ٻي. ماحول ٻيو.

رام: ادا، منهن ڏيندا سين. هتي خالي آيا هئاسين. اڄ ٻنهي هٿن سان دان ٿا ڪريون. آياسين ته ڪئمپن ۾ اچي رهياسين، دڪن تي اچي ڏڪا کاڌاسين، رستن تي پٽڪاسين. اڄ فلئٽن ۾ رهون ٿا، ڪارن ۾ گهمون ٿا، ڏنڌا هلايون ٿا، ڪاليج کڙا

مان آندو ڪونه ويو آهيان ...

(هال ۾ وڏي زوردار تاڙيون.)

اديب : اياز اسان سنڌين جي زبان آهي. اياز اسان جي جان آهي. اڄ اسان چارئي اديب توهان جي اڳيان اياز جو هڪ گيت چونداسين- سنڌ جي ساراهه ۾ لکيل هڪ باغي ۽ ملڪ جي ديواني شاعر جو لکيل گيت :-

(باقي ويٺل ٽي اديب به اچي مائيڪ جي اڳيان بيهن ٿا ۽ ائڪشن سان گيت ڳائن ٿا. جيتوڻيڪ ساز ڪونه ٿا وڄن پر هنن جي آواز ۾ سمايل جنون ۽ جذبو گيت کي مڌر بڻائي ڇڏي ٿو.)

هڪ : سنڌو ديش مهان!

سڀ : سنڌو ديش مهان!!

هڪ : ١- لاڙ وچولو اُتر - ڪڇ ڪراچي بندر،
هيڏو سارو ٿر - ڪيڏو ڪوهستان!

سڀ : سنڌو ديش مهان!!

ٻيو : ٢- جيءَ جيءَ انداتا - تنهنجا سڏ سڃاتا،
آزاديءَ لئه آتا - توتي سڀ قربان!

سڀ : سنڌو ديش مهان!!

ٽيون : ٣- سنڌ لکه سپوتو! - هوشو، هيمون ٻڍڄو،
هرڪو جهڙو دودو - دولهه دريا خان!

سڀ : سنڌو ديش مهان!!

چوٿون : ٤- سچل، ساميءَ پارا - ڪيڏي جيءَ جيارا،
آڏيءَ راڄ اُمارا - ڀٽ ڌڻيءَ جو ٻان!

سڀ : سنڌو ديش مهان!!

سڀ (گڏجي) : ٥- پيڙو آه پيڙڪو - ڄر ڄرانو ڄرڪو!
آڄو ٿيندو هرڪو - هر مزدور ڪسان!

سنڌو ديش مهان!!

اسان مذهب ۽ ڌرم کان مٿي آهيون. اِها حقيقت ٻين قومن کي سمجهڻ ۾ اڃا صديون لڳنديون. عمل تہ الائي ڪڏهن ڪندا! پر اها حقيقت اسان سنڌين جي خون ۾ سمايل آهي. انسان کان مٿي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي، اسان سنڌين کي اِها ڄاڻ تہ ماءُ جي پيٽ ۾ ئي پئجي ويندي آهي ...

(سڀ زور زور سان تاڙيون وڄائن ٿا. رام بہ مرڪي ۽ تاڙيون وڄائي اديب جي خيالن جو قدر ڪري ٿو.)

اديب : ورهاڱي وقت اسان سنڌي مسلمانن جي روشن دماغ، دل، ضمير ۽ فطرت جي مٿان هڪ مصنوعي، هڪ هٽراڙو پردو پئجي ويو هو. هڪ قسم جو ڌنڌ ڇانئجي ويو هو ۽ اسان مان ڪي، پاڻرو ياد رکجو سڀ نہ، پر ڪي، اهو ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا جيڪو اسان جي سڀاءُ جي ابتڙ هو ۽ جيڪو اسان جي نہ طبيعت سان ملي ٿي آيو ۽ نہ فلسفي سان. هڪ صوفيءَ جو فرقيپرست ٿيڻ ناممڪن آهي. پاڻرو، اهو پردو، اهو ڌنڌ جلدي هٽي ويو. ڌارين اچي اسان کي ذهن نشين ڪرائي ڇڏيو تہ اسان پنهنجو اصلوڪو سڀاءُ ڇڏي ڪيڏي وڏي غلطي ڪئي هئيسين. ان جو زنده مثال سائين جي. ايم. سيد آهي. اسان فقط چيو ٿي نہ پر ڪيو پڻ. اڄ سنڌ ۾ اسان سنڌي مسلمانن چاهي هندن جو قومي هيرو راڄا ڏاهرسين آهي. اڄ سنڌ ۾ اسان سنڌي مسلمان ۽ هندو هر سال راڄا ڏاهرسين جي شهادت جو ڏينهن وڏي شان مان سان ملهائيندا آهيون ...

(هال ۾ زوردار تاڙيون وڄن ٿيون. سڀني ٻڌندڙن جا چهرا ٻهڪي رهيا آهن. ٻڌندڙ منتر مگڌ ٿي اديب جا گفتا ٻڌي رهيا آهن.)

اديب : ڇا ٿيو جي منهنجو نالو محمد ٿيو يا خان؟ مان سنڌ جي مٽيءَ مان پيدا ٿيو آهيان، عربستان يا ايران يا افغانستان

صوفي فقير: هندو پڻو ۽ نہ ڪو اسلام!
دليون سنڌين جون جوڙي رکندو
شاهہ، سچل، ساميءَ جو ڪلام. هندو پڻو ...

١- ڌرم وڙهايو انسانن کي مذهب ڏنڊ وڌايو،
راجنيتيءَ جي خنجر معصومن جو خون ڳهايو،
اڀراڏين تي رکي ڀروسو، خدا بہ ٿيو بدنام! هندو پڻو ...

(پهرينءَ قطار ۾ وچئين چار اديب چاهي رام ۽ سندس ٻيا ساٿي لطف وٺي رهيا آهن.)

٢- مٿل اسان تي ڇو مارو ڪن، پستڪ وير وڌائن؟
رسمون ٻڌي ناڳ اسان جي ٻچڙن کي ڇو کائن؟
جڳ جي مذشالا ۾ ڇا لئہ پيئون زهر جو جام؟ هندو پڻو ....

(رنگمنچ جي سامهون واري ديوار سئنيما جي پردي ۾ بدلجي ٿي وڃي. جنگ جو نظارو سامهون آهي. گوليون هلي رهيون آهن. گولا وسي رهيا آهن. شهر ۽ بستيون آگ ۾ جلي رهيا آهن. هيڏانهن هوڏانهن لاشن جا ڍير پيا آهن. انسانن جون چيخون دل ۾ ڏڪ پيدا ڪري رهيون آهن.

اوچتو چؤگرد ڏنڊ ڇانئجي وڃي ٿو. ان ڏنڊ ۾ سنڌ جي عظيم شاعر شيخ اياز جو خاڪو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هو ڏنڊ ۾ اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن جي هٿ ۾ بندوق آهي. هو سامهون بندوق تاڪي ٿو. سامهون بہ ڪو انساني خاڪو چرپر ڪري رهيو آهي. اياز ڪجهہ غور سان نهاريٿو. سامهون ڪوي نارائڻ شيام بيٺو آهي. اياز جي بندوق جهڪي ٿي وڃي.)

شيخ اياز: هي سنگرام!
سامهون آ نارائڻ شيام!
هن جا مدهڌجا قول بہ ساڳيا

(سڄو هال تاڙين سان گونجي ٿو وڃي. رام ۽ اُستاد ٻاهر اچي ويو آهي. هو مائيڪ جي اڳيان اچي ٿو بيهي.)

رام: سلام! منهنجا پيارا اياز! توکي رام جو سلام! ڪا ڄڻي ته اياز جهڙا ڄڻي جيڪي ڏاڍن کان نه ڏرن ۽ سچ چوندي نه ڇرڪن! اڄ مان سنڌ جي منصور، پنهنجي ملڪ جي سرمد جي عزت ۾ سندس ئي ڪلام ٿو سڻايان ...

(هال ۾ تاڙيون. چارئي اديب ۽ خوش ٿي ٿا وڃن ۽ وڃي ڪرسين تي ويهن ٿا.)

رام: ١- جي تو ڪانئر ڪک ۾، سنڌي ماءُ نه ڄڻين،
هيٺي همت نه هيريون، ڏاڍي کان نه ڏرون،
ڪيئي پهڻ پٽون، لڱ اسان جا لوه جا.
٢- جي تو ڪانئر ڪک ۾، تنهنجو گهوٽ نه هيءُ،
مون نه ڏٺو منهن - ڦيرڻو، ڪوئي سنڌي پيءُ،
هن ڌرتيءَ جي ڌيءُ، ڪيئن ڄڻيندي جامڙا!
٣- هن پوميءَ جو وير، ماڻس نه ڪائي موٽ کان،
سدا سهاڳڻ سنڌڙي، ڪريو نه تنهنجو ڪير،
توڙي نيڻين نير، نه ٻه ٻوڙها ڳاڙها رت سان.
(هال ۾ تاڙيون.)

رام: اسان جا ڪلاڪار سنڌ مان آيل پنهنجن ملوڪ مهمانن جي اڳيان هڪ سنگيت روپڪ پيش ڪرڻ ٿا چاهين. اميد آهي ته ساڻيهه مان آيل سڄڻن کي اسان جي دل جي اُڌمن جو اندازو ان مان لڳي ويندو.

(ڪئميرا ڪلعدڙ پردي تي آهي. پردو پورو کلي ٿو. درشيه هڪ ماٿريءَ جو آهي جنهن جي چوگرد برفاني پهاڙ آهن. هڪ طرف کان هڪ سرمست قلندر قسم جو مولائي صوفي فقير مستيءَ ۾ نچندو ۽ ڳائيندو اچي رهيو آهي.)

ڏور سنڌين جي جوڙي رکندو
شاهه سچل ساميءَ جو ڪلام!!
مان هوند هيئن چوان :
هندو پٽو ۽ نه ڪو اسلام!
ڏور سنڌين جي جوڙي رکندا،
شاهه، سچل، سامي ۽ رام!! هندو پٽو ...

(هال ۾ وينل سڀ تاڙيون ٿا وڄائن ۽ ”واهه واهه خوب خوب“ جا آواز ٿا اچن.)

اديب : نه آئون ۽ آئي ڳايو ۽ جهمر پايو ...

(ڳائي ٿو)

ڏور سنڌين جي جوڙي رکندا،

سڀ : شاهه، سچل، سامي ۽ رام! شاهه ...

(اديب جهومي ٿو. هن جـــي ديکا ديکي درشڪ به آئي بيهي جهومن ۽ ڳائن ٿا.)

ڏور سنڌين جي جوڙي رکندا،
شاهه، سچل، سامي ۽ رام! شاهه ...

(ڏن ئي سڀ جهومي رهيا آهن ۽ فيڊ آئوٽ.)

ٻول ٻه ساڳيا.
هو ڪوتا جو ڪاڪ - ڏٺي ٻر
منهنجا رنگ - رلول ٻه ساڳيا.
ٻت ٻه ساڳيو، ٻول ٻه ساڳيو
هانءَ ٻه ساڳيو، هول ٻه ساڳيا.
هن ئي ڪيئن بندوق کڻان مان !
هن کي گولي ڪيئن هڻان مان !
ڪيئن هڻان مان !!
ڪيئن هڻان مان !!!
ڪيئن هڻان مان ...
سامهون آ نارائڻ شيام ......

(اهو نظارو ڏند ۾ غائب ٿي ٿو وڃي. هاڻي وري منچ لي
شروعاتي ماتريءَ وارو نظارو آهي. صوفي فقير نچي ۽ ڳائي رهيا
آهـــي .)

صوفي فقير : هندو پڻو ۽ نه ڪو اسلام!
دليون سنڌين جون جوڙي رکندو
شاه سچل ساميءَ جو ڪلام! هندو پڻو ...
٣- جيئڻ اسان کان سکي زمانو پيار ڪرڻ جو رستو،
چيز مهانگي آهي ماڻهو، ڌرم نه آهي سستو،
عشق بنا هر مذهب کوٽو، پريم بنا ناڪام! هندو پڻو ...

(صوفي فقير وجد ۾ اچي نچي رهيو آهي. اوچتو پردو هيٺ
ڪري ٿو ۽ هال تاڙين سان گونجي ٿو. آسماني رنگ جو لباس
پاتل اديب اوچتو پنهنجيءَ جڳهه تان اٿي درشڪن جي سامهون
اچي بيهي ٿو ۽ امنگ ڀريل آواز ۾ ڳالهائي ٿو.)

اديب : صوفي فقير چيو :
هندو پڻو ۽ نه ڪو اسلام!

١١. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه

آد پور.

هال بلڪل پريل آهي. پير رکڻ جي جڳهه به ڪانهي. هال جا در کليا پيا آهن. ڪوئي به اچي سگهي ٿو پر جاءِ هجي نه. ڪوئي داخل ٿئي نه! ماڻهو هال کان ٻاهر به بيٺا آهن.

وايو منڊل ۾ مٺڪي جو سريلو سنگيت گونجي رهيو آهي. هارمونيم، طبلو، ڍولڪ، وايولين، بانسري ۽ مٺڪي جو گڏيل سنگيت پريو آواز عجيب قسم جي موج مچائي رهيو آهي. وچ وچ ۾ سڀ ساز بند ٿي وڃن ٿا ۽ فقط مٺڪي جو آواز ئي وايو منڊل کي لرزائي ٿو.

منچ تي رام پنهنجن ساٿين سان مٺڪو وڄائي موج مچائي رهيو آهي. ماڻهن تي جادوءَ جو اثر ٿي ويو آهي. جوڳين جيءَ ۾ جادو ڪيئن هنيو هوندو - جنهن ڏٺو تنهن سمجهيو.

رام: مڌر مڌر مرلي ڪانه وڄائي مکه سان،
ٻڌي گوپ گوال جي سامي! سرت پلي
اوڏيا ڳنڍ کلي، ڏسي منهن محبوب جو.
(سنگيت جو پيس.)

لِن نئنن ۾ وهَ سانوري مورت ديکت آن اَري سو اَري،
اب تو هٺ نباهوو ہاکو پلو "هرچند" جو پريت ڪري سو ڪري،
اَن کنجن ڪي مد - گنجن سون اکيان يہ هماري لري سو لري،
اَب لوگ چواؤ ڪرو تو ڪرو، هم پريم ڪي ڦند پري سو پري!

پريم ۾ ڦاٿا سي ڦاٿا هاڻي پڇتائڻ ڇا جو، هاڻي گلا شڪوا ڇا جي؟ پريم ئي نه آهي جو توهان هٿي وينا آهيو، پريم ئي نه آهي جو مان هٿي چڪجي آيو آهيان. راڌا کي پريم هو سانوري ڪرشڻ سان. اسان کي ۽ توهان کي پريم آهي سنڌيت سان، سنڌ سان، پنهنجيءَ سنسڪرتيءَ سان، پنهنجي ساهتيه سان. سڀ کان وڌيڪ پنهنجي جهولڻ سان، پنهنجي امرلال سان.

گيت

١. مٺڙ مٺڙ مرلي	سامي
٢. ان نئنن ۾ وه سانوري مورت	هريشچندر
٣. اسي کا سب هئہ جلوه	رسا (هريشچندر)
٤. مور مکٽ گهنشيام	آغا صوفي
٥. آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه	درياه خان
٦. لال سائين جوئين وارو	منوهر ٻيدي

پاتر :

سازندا

درشڪ (اناه)

دلگير

د ڪايل

ڀڳوان ابيچنداڻي

نوجوان ڇوڪرو

موهن ڪلپنا

گدو سامتاڻي

ڪاليجي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون.

١- گهوٽ گهڻيون ئي گوپيون توکي
تون ئي منهنجو ڀتار. اچي ...
٢- تنهنجي ڏسڻ لئه شيام پيارا،
هردو ڪيو هردوار. اچي ...
٣- تون آغا جو آغا تنهنجو
سانولا سردار. اچي ...

ڪرشڻ جي ليلا ۽ منهنجي لال جي ليلا ۾ ڪوئي فرق ئي ڪونهي. ڪرشڻ گوپ گوالن جو يار هو، رکوالو هو، آڌار هو ۽ منهنجو امر لال به پنهنجن ڀڳتن ۽ پريمين جو آڌار آهي، پرتپال آهي، ندگپال آهي. ڪرشڻ ڪنس جو ناس ڪيو ۽ منهنجي اڏيرلعل به دئيت جو انت آندو. ڪرشڻ جي گيتا پڙهي انسان سنسار جي مايا - جار مان مڪت ٿئي ٿو ۽ منهنجي لال سائينءَ جي سامهون سڪ سان ٻيهڻ سان ئي گيان جي گنگا جو سنان ٿي ٿو وڃي. لال جا جهاني چئو- جهوُلي لال ...

درشڪ : جهوُلي لال
رام : آيو لال
درشڪ : جهولي لال
رام : جيڪو چوندو جهولي لال
درشڪ : تنهنجا ٿيندا ٻيڙا پار

(رام مٽڪو وڄائي ٿو. هال ۾ شانتي ڇانئجي ٿي وڃي. ٻيا سازيندڙ به رام کي سات ڏين ٿا. ڌيري ڌيري سازن مان ڌن اڀري ٿي.)

رام : آءٌ ڪانگا ڪر ڳالهه، مون سان ٿن ماروئڙن جي. آءٌ ...
١- ٻن عمر ٿنهنجيون ماڙيون ٻنگلا،
ڪِهه ڏريون ڪٽ مال. آءٌ ...
آڏيوڙ ۾ ايندو آهيان ته سمجهندو آهيان جڻ سنڌ ۾ اچي

راڌا نچي برجراج موهن لاءِ ته اسان لوڪ لاج کي تياڳي جهومون ٿا، ڳايون ٿا، وڄايون ٿا پنهنجيءَ سنڌيت لاءِ ۽ پنهنجي اڏيري لال لاءِ. پريم اهو ئي آهي پاڻ بدلجي ويا آهن، ڪردار ٻيا ئي ويا آهن. اڄ ڪرشن هو راڌا هئي گوپيون هيون هاڻي سنڌ آهي، سنڌيت آهي، لال سائين آهي ۽ رام آهي، دلگير آهي، دڪايل آهي، ڪيرت، مالهي ۽ اتم آهن، گمو ۽ ڪلپنا آهن. اسان جو پريم به ڪو گوپين کان گهٽ ڪين آهي. اسان جيئرا آهيون - آمهون سامهون آهيون ته قدر ڪونهي. اسان جي عشق جي ڪٿ، اسان جي جنون جي پرکه ته ٿيندي پر تڏهن جڏهن اسين نه هونداسين.

(هال ۾ تاڙيون وڄن ٿيون. رام مٽڪي کي وڄائي ٿو.)

جهان ديکو وهان مؤجود ميرا ڪرشن پيارا هي،
اسي ڪا سب هي جلوه جو جهان ۾ آشڪارا هي.
ٽيرا دم ڀرتي هين هندو اگر ناقوس بجتا هي،
تجهي هي شيخ ني پياري اَذان ديڪر پڪارا هي.
هين بت پٿر ڪي تو ڪعبي ۾ ڪيا جز خاڪ و پٿر هي،
بهت پڙولا هي وه اس فرق ۾ سر جسي مارا هي.
نه هوتي جلوه گر تم تو يه گرجا ڪب ڪا گر جاتا،
نسارا ڪو يهي تو آخر تمهارا هي سهارا هي.
گنهه بخشو رسائي دو ’رسا‘ ڪو اپني قدمون تڪ،
برا هي يا ڀلا هي جيسا هي پياري تمهارا هي.

۽ اسان جي سنڌ جو آغا صوفي ڇا چوي ڪرشن کي؟ ٻڌو

(رام مٽڪو وڄائي ڳائي ٿو.)

مور مڪٽ گهنشيام!
اچي راڌا سان ڪر رچهه ڪا،
مور مڪٽ مهنجا يار! اچي ...

سنڌ آهي سنتن جي نگري ۽ درويشن جـو ديس. هرڪو سنڌي صوفي. صوفي معنيٰ صاف سچو ۽ ڀيد ڀاوَ کان دور. سچ لئي سر ڀ وڃي نه وڃي.

سچ تا مرد چون ڪنهن کي وٽي نه وٽي،
ڪوڙي دوستيءَ جو دم ڀٽي نه ڀٽي.

اِها آهـي ساڪ جا سچل ڏني، شاه ڏني ۽ ساميءَ ڏني. ٻيدل ۽ ٻيڪس جي به ٻولي اِهائي. روحل، دلپت ۽ ڌرمونءَ به اِهوئي آلاپ آلاپيو، ته قطب، ڪوجهي ۽ ٻيوس به ساڳي وائي ورائي. ضيا ۽ وفا به اِها جوت جڳائي ته نوُريءَ، دلگير ۽ دڪايل به اهـو دود دڪايو. شيام، پارتيءَ، شاد ۽ موتـي پرڪاش به اِهائي ٻره جي ٻات ٻتائي.

جن کي دوُر درد جو، سبق سور پڙهن،
هر فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جن ۾ پسن پرينءَ کي.

سنڌين اڪ انڪائي اُنهيءَ سان جنهن کان پوءِ ٻئي ڪنهن سان اڪ اڙائڻ جي اون ئي ڪانه رهين.

نيڻن لايو نينهن، نور محل جي ناٺ سان،
جتي سج نه چنڊ ڪو، جتي رات نه ڏينهن،
بنا بادل مينهن، "سامي" سدائين وسي.

پرينءَ جي پسڻ کان پوءِ ڇا جي حاجت؟ کهڙي گهرج؟ پڙهڻ ۽ پرجهڻ ٿيو پورو.

لهڙا چاليها نه چاليهه، جهڙو پسڻ پرينءَ جو،
کهڙي ڪالب تون ڪرين مٿي پنن پيهه،
جي ورق ورائن ويهه، ته اڪر اُهوئي هڪڙو.

"اوم" ۽ "الله" هڪ هستيءَ جا ٻه نالا. سنڌين ۾ ٻيائي نـه هئي نه آهـي. راجنيتيءَ اچـي رولا وڌا، سياست سنڌا وڌا،

ويو آهيان. مٽيءَ ۾ اهائي مهڪ، هوائن ۾ اهائي خوشبوءِ.
ڌرتي اهائي، آسمان اهوئي. وڏي ڳالهه ته چوطرف ٻولي اهائي!
ڪڇ ڪو سنڌ کان الڳ آهي ڇا؟ ڪڇي ٻولي به ته سنڌي
ڀاشا جي ئي هڪ اُپڀاشا آهي. هتي اچي، منهنجيون ته سنڌ
جون سڪون ئي لهي وينديون آهن.

(دُرشڪ تاڙيون وڄائن ٿا.)

رام: الائي ڪنهن پئي سوچيو، دلگير هو الائي دکايل
هو، الائي ڀڳوان ابچنداڻي هو ته پڇ مان رات جو حيدرآباد
جون بتيون نظر اينديون آهن. پلي نظر اچن، سدا نظر اچن. پر
مون کي ته هتان ئي پنهنجي سوني سنڌ سڄيءَ جي سڄي نظر
اچي رهي آهي. اڙي، ڪن سنڌ جا آواز جهٽي رهيا آهن ...

(دُرشڪ خوب تاڙيون وڄائن ٿا.)

رام: (ڳائي ٿو) ٢- پٽ ڦوريندي ڪين ڪي عمر،
ور لوئيءَ سان لال. آءٌ ...
٣- "درياه خان" ماروئڙن ري هنئڙي،
هڻ هڻ کهڙو حال. آءٌ

اسان سنڌي جڳ جو خير چاهيندڙ- اسان ڇا جاڻون سياست،
اسان ڇا جاڻون حرفت. اسان ته فقط لفظ ئي ٻه جاڻون. هڪ
قرباني ٻيو محبت. محبت معنيٰ قرباني. ملڪ سان محبت هئي
تڏهن ته هيڏي وڏي قرباني ڏنيسي. ماروئيءَ جا ڏک سڃاتا
شاه. اسان مان هڪ هڪ سنڌي آهي ماروئي. اسان جي ڏکن
۽ پيڙائن کي چٽڻ لاءِ ڪئين لکين ڪوي، لکين چترڪار. پر شاه
جهڙي ڏکڻي دل اڄ آهي ڪٿي؟ شاباس هجي سنڌين کي
جيڪي چپ سهي وه جو ڍُڪ پي ويا ۽ اڳي کان اڳرا ٿي ويا.
ايڏو صبر ۽ ايڏو آتم وشواس سنڌين ۾ آيو ڪٿان؟ ان جو به
اتهاس آهي.

مونکان ٿو اهو ڪلاڪار پڇي ته توهان سنڌي دؤلت جا ايترا ديوانا ڇو آهيو. توهان سنڌين تي الزام آهي ته ڏن ئي توهان جو ڌرم آهي، ڏن ئي ڪرم. مون چيومانس ته بلڪل سچ ٿو چوين. هائو، اسان سنڌي دؤلت جا ديوانا آهيون، پئسي جا پريمي آهيون پر توهان ڪڏهن اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته اسان سنڌي پئسي ڪي ڇو پيار ڪندا آهيون. اسان سنڌين ڪــي پئسو ڪپي توهان لاءِ، توهان هندواسين لاءِ. اسان کي پئسو ڪپي جيئن توهان لاءِ اسڪول کولي سگهون، ڪاليج کولي سگهون، اسپتالون جوڙائي سگهون، ڪارخانا هلائي سگهون.

(زوردار تاڙيون وڄن ٿيون.)

جاپان تي ائٽم بم ڪريا ته اُن ملڪ جو ڪايا ڪلپ ٿي ويو. مٽيءَ مان مٽيا نڪتا. اسان سنڌي چاهــيندا آهيــون ته بنا برباديءَ جي فقط دماغ ۽ محنت سان ڀارت کي جاپان بڻايون. ڀارت جي هڪ هڪ گهر ۾ هنر هلي ۽ هڪ هڪ ڳوٺ ۾ ڪارخانا هجن ......

(دردناڪ زوردار تاڙيون وڄائن ٿا.)

.... اسان سنڌي جتي ڪمايون اُتي لڳايون. هــن ڀارت کان سواءِ اسان سنڌين جــو آهــي ڇا ڪو ٻيو ملڪ؟ دنيا مان ڪمايون ٿا ڀارت ۾ لڳايون ٿا. اسان جــو باغ به اهو ته بوستان به اهو. سڄي سنڌ قربان ڪري آياسين پر هيڏي وڏي ڀارت ۾ پنهنجي لاءِ هڪ پرانت ته ڇا پر هڪ نگر به ڪونه گهريوسين. اسان جو هڪ هڪ سنڌي مهاداني شبي آهي، مهاداني ڪرڻ آهي. پر پنڊورا پٽڻ اسان جي خون ۾ ڪونهي. جنهن کي اکيون هونديون سو پاڻهي ڏسندو، جنهن کي دل هوندي سو پاڻهي محسوس ڪندو.

(زوردار تاڙيون.)

ورهاڱي جي ڪري وير وڌيو. سوارٿي اڳوانن جي ڪري نفرت جي باهه ڀڙڪي. سادن سودن سنڌي مسلمانن پڇاڙيءَ ڏانئين ڀهنجائيءَ جي پڪ ڏني پر جڏهن ٻراون اچي مرڪ مچايو تڏهن شپ ويچار رکڻ وارا ويچارا ڇا ڪن؟ مذهب جي آڙ ۾ مهاجرن، سڌورن سنڌين کي صدقي جي ٻڪري بڻائي ڇڏيو.

مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو مڙجهايا،
شيخي، پيري، بزرگي بيحد ٻلايا،
ڪي نوڙي نمازون پڙهن، ڪن مندر وسايا،
اوڏو ڪين آيا، عقل وارا عشق کي.

هاڻي سنڌي ٻيا سنڌين کي ساڙين. هند مان ڪو سنڌ ۾ وڃي ته ڏس ڪيتري نه خاطرداري ڪئين ٿيس ۽ سنڌ مان ڪو هتي اچي ته ڪيتري نه مرحبا ٿئيس.

سنڌيءَ جو سڀاءُ سڀني کان نرالو آهي. سنڌي ڪڏهن ائين ڪونه چوندو ته - هي پرماتما، مون کي ڪجانءِ سگهي، باقي جڳت ڏکي ......

(هال ۾ فضيلت ٻري هلڪي ڪل.)

...... پر سنڌي هميشه چوندو:

”سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،
دوست، تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.“

سنڌي جيڪڏهن ڪجهه گهرندو به ته اڪيلي لاءِ نه، پر عالم لاءِ! دنيا جون گهڻيون قومون اهڙي هام هڻي سگهنديون؟

(هال ۾ تاڙين جو ٺهڪو. رام مٽڪي تي هٿ هڻي مٿا سر ڪري ٿو. هال ۾ وري مڪمل خاموشي ڇانئجي ٿي وڃي.)

رام: (مٽڪو وڄائڻ روڪي) هنديءَ جو هڪ وڏو ليکڪ آهي. ٽي. وي. ٽي جدا جدا ماڻهن کان انٽرويو وٺندو آهي. هڪڙي دفعي مون کي به ٽي. وي. وارن گهرايو، انٽرويو لاءِ.

لائي ڪهڙا لنبا لنبا ۽ وڏ وڪڙن وارا ساز وڄڻ لڳا ۽
ون سان گڏ اسٽيج تي ڪيترائي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اچي
سڪو ڊانس ڪرڻ لڳا ۽ ”آيو لال - جهولي لال“ جو مڌر نعرو
ور ڏور تائين ڦهلجي ويو.

(سازيندڙن ڏانهن منهن ڪري.)

وڄايو، وڄايو، ڊسڪو ڌن وڄايو ته هتي اسي اهو نظارو
ڪري ڏيکاريان.

(سازيندڙ ڊسڪو ڌن وڄائن ٿا. رام ڊسڪو ڊانس ڪرڻ
شروع ٿو ڪري. ڊانس ڪندي ڪندي ”آيو لال - جهولي لال:
يو لال - جهولي لال“ به ڳائي ٿو. ماحول ۾ بجليءَ جي لهر ڊوڙي
ي وڃي. هرڪو درشڪ ساهه روڪي ۽ اکيون ڦاڙي ستر سالن
جي عمر واري رام کي نؤجوانن وانگر ڊسڪو ڊانس ڪندو
سي رهيو آهي. اوچتو درشڪن مان هڪ نؤجوان اٿي اسٽيج
ي وڃي ٿو رام سان گڏ نچي. نؤجوان خوب دم لڳائي نچي
ٿو، جسم کي موڙي ٿو، شيڪنگ ڪري ٿو ۽ وڏ وڪڙ کائي ٿو
ر رام رام آهي. سڄو هال زوردار تاڙين سان گونجي ٿو. ماڻهو
موج ۾ اچي پيرن سان ڌرتي تي ٺڪ ٺڪ پيا ڪن ۽ ”واهه واهه“
پيا ڪن. ڪئميرا هال ۾ درشڪن کي ڪور ڪندي ڪندي اٿي
وڃي ٿي جتي ڪلپنا، گنو ۽ هري دلگير ويٺا آهن.)

ڪلپنا : جادوگر آهي، جادوگر.

گنو : ستر سالن جي عمر، دل جي بيماري ۽ هيئن جهوني
ناچ. مون کي ته فڪر ورڙهي ويو آهي.

دلگير : فڪر ڪرڻ جي ڪا ڳالهه ئي ڪانهي. مان رام کي
چڱيءَ طرح سڃاڻان. هن شخص جي ناٽڪ ئي اها آهي.

گنو : اسٽيج تي ته هن جي شخصيت ئي بدلجي ٿي وڃي. هڪ
ئي وقت هو سنگيتڪار، گايڪ، نرتڪ، ائڪٽر، ليکڪ ۽ شاعر

ڪڏهن ڪڏهن ڪي سچا سوال ڪندا آهن تہ توهان جو امرلال پلي تي سواري ڪندو آهي. ڇا اهو ممڪن آهي؟ مان چوندو آهيان، آهي ضرور آهي. جيڪڏهن گڻيش جي سواري ڪوئو ٿي سگهي ٿي ۽ سرسوتيءَ جي هنس تہ منهنجي لال سائينءَ جي سواري پلي تي ڇو نہ ٿي ٿي سگهي؟ لال سائينءَ جي تہ ٻٽي سواري آهي، پلو بہ تہ گهوڙو بہ. سچو اهو سچو سمبل آهي، پرتيڪ آهي، اشارو آهي. پلي تي سواري يعني امرلال جل ۾ بہ رکوالو. گهوڙي تي سواري معنيٰ ٿل تي بہ رکيا ڪندڙ ۽ لال سائينءَ جي اڳيان سدائين جلندڙ جوت جي هڪ معنيٰ اها بہ آهي تہ امرلال آڪاش ۾ بہ نگهباني ڪري ٿو. جوت يعني پرڪاش. پرڪاش ملندو آهي سورج مان، چنڊ مان ۽ تارن مان ۽ اهي سڀ آهن آسمان ۾. منهنجا سنڌي ڀائرو، پاڻ کي گهٽ نہ سمجهو. پنهنجن گڻن جي پرڪاش کي سڃاڻو. ياد رکو، اسان پرماتما جي ڪن چونڊيل قومن مان هڪ آهيون.

(درشڪ زور سان تاڙيون وڄائن ٿا.)

ويجهڙائيءَ ۾ آمريڪا وڃڻ ٿيو. اهو ڏسي ڏاڍو ڏک ٿيو تہ اسان جي سنڌي نئين پيڙهي سنڌيت کان بلڪل غير واقف آهي. نہ شاهہ جي ڄاڻ اٿن نہ سچل جي ۽ نہ ساميءَ جي. نہ اڏيري کان واقف نہ ٻهراڻي کان. نہ ڪڏهن ڪافي ٻڌائون نہ وائي، نہ ڏوهيڙو، نہ ٻوءِ سنڌيت جي سڳنڌ ڪٿان ماڻين؟ ها، باقي ڊسڪو ۾ پڙ. شيڪ ڊانس ۾ شير. بريڪ ڊانس ۾ بهادر. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سڀ ماڊ. سو مون سوچيو تہ جيڪو ڄاڻن ان جي آڌار تي ئي اٿلائل جي ڄاڻ ڏيان، سو وٺي ڊسڪو جي فاسٽ ڌن تي "آيو لال - جهولي لال" ڳائڻ شروع ڪيم ۽ خوب جسم کي ڦڏڪائي نچڻ لڳس. بس پوءِ تہ جادو ٿي ويو.

بڻي : لال سائين ....
(ڊسڪو ڊانس)
ڇوڪري : ٣- لڙڪ وهائي ڪري،
نيڻ ڪن آرتي - پڌ ڏکين جي سدا
تنهنجي سنسار ۾،
بيڪسن جي مٿان - ظلم ڪيڏا ٿيا
بڻي : لال سائين ...

(ساز تيز رفتار سان وڄن ٿا. ڊانس ڪندڙ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا پير به سازن جي رفتار سان ئي تيز ۽ تيز ٿي ٿيندا ٿا وڃن. جنون جو عالم طاري ٿي ويو آهي. نچڻ ۾ ڪنهن کي ڪائي سڌ ڪونه ٿي رهي. اوچتو دروازي وٽان تاڙين وڄائڻ جو آواز ٿو اچي ۽ ڪوئي چوي ٿو "واه! واه!! واه!!!"

ڪئميرا دروازي طرف مڙي ٿي. اتي رام بيٺو آهي ۽ تاڙيون وڄائي رهيو آهي. هن جي منهن تي مرڪ آهي ۽ اکين ۾ چمڪ. سندس پرسان هري دلگير بيٺو آهي. آس پاس ٻيا به ٻه ٽي ڄڻا بيٺا آهن.

(ڊسڪو ڊانس رڪجي ٿي وڃي.)

رام : نوجوانو، جيڪڏهن توهان امر لال جي اڳيان ڊسڪو ڊانس ڪندي کيس ياد ڪندؤ ته ان ۾ ڪوئي اهم ڪونهي. نچو، جهومو، ڳايو ته جيئن زندگيءَ ۾ زنده دلي اچي. جيڪڏهن ڇيڄ ۽ ڀڳت زنده دليءَ جي نشاني آهي ته ڊسڪو ۽ بريڪ ڊانس ته اڃا به وڌيڪ زنده دليءَ جو ثبوت آهي.

ڪجهه ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون : ٿينڪ يوُ سر. توهان جهڙي راتوڪي مثال ئي اسان کي همٿايو...

هڪ ڇوڪري : اسان ته سوچيو به نه ٿي سگهاسين ته ڪو لال سائينءَ جا گيت ڊسڪو ۾ به ڳائي سگهجن ٿا.

ٿو لڳي. سڀ ڪان وڏيڪ آهي هن جي زبان جو جادو. ڏسو
سڀ درشڪ ۽ شروتا ڪيئن ويٺا آهن منتر مگد ٿي!
(هال وري تاڙين سان گونجي ٿو. راڄ نچڻ بند ڪري چڪ
آهي. نؤجوان منچ تان هيٺ لهي رهيو آهي.)

... ...

(ڪاليج جي هال ۾ ڪجهه ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڊسڪو ڊانس
ڪري رهيا آهن. ساز تيز آواز ۽ رفتار سان وڄي رهيا آهن
نؤجوان ڊسڪو ڊانس ڪندي جهولي لال جو گيت ڳائي رهيا
آهن.

ڇوڪرو : لال سائين جوتين وارو جهولي جهولي
ساريءَ دنيا جو رکوارو جهولي جهولي
سائين جهولي جهولي.

ڇوڪري : ڪر ديا مهربان - ٻار آ تو مٿان
ٻر غريبن جي جهول -- ڊر جهليو آ اسان

ڇوڪرو : لال سائين ...
(ڊسڪو ڊانس)

ڇوڪري : ١- ڪو سهارو نه آ،
ٻيڙي تون پار ڪر - ڪو ڪنارو نه آ
تو ۾ آ آسرو،
تو ۾ ٿي آس آ - ٻيو ڪو چارو نه آ

ٻئي : لال سائين ...
(ڊسڪو ڊانس)

ڇوڪرو : ٢- من دکي آ گهڻو،
دل پريشان آ - هرڪو حيران آ
ڇو نه ٿو تون اچين
سار سائين لهين - سوئي ارمان آ

١٢. ڪلنڊو آيو مست بهار

جوڳي جادو لائي ويا - ڪتاب ٻارهون

هڪ ڇوڪرو: اِئين نہ سر، هتي گجرات ۾ ڊانڊيا ڊسڪو مشهور آهن.

رام: دلگير، هنن نؤجوانن ۾ اُتساهہ آهي، اُمنگ آهي، جوش آهي، جنون آهي. اڄ هنن جي دل ڊسڪو تي آهي نہ ڀلي ڊسڪو ڪن. سڀاڻي اِهي ڇيڄ ۾ وجهي سگهندا، ڪٿڪلي بہ ڪري سگهندا.

دلگير: نيڪ آهي نؤجوانو. رام جي اجازت بہ اٿوَ نہ آسيس بہ. هاڻي هڪ دفعو اسان کي بہ ڊسڪو ڊانس ڪري ڏيکاريو.

رام: کڻي اچو منهنجو مٽڪو...

(هڪ ڇوڪرو ڊڪي ٻاهران مٽڪو کڻي ٿو اچي. رام ويهي مٽڪو وڄائي ٿو. دلگير ۽ ٻيا ساٿي آس پاس ويهجي ٿا وڃن. ڊسڪو ميوزڪ شروع ٿي وڃي ٿي. ان ۾ مٽڪي جو آواز بہ صاف ٻڌڻ ۾ ٿو اچي. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ڊسڪو ڌنن تي خوب بدن موڙي سروٽي ڊانس ڪن ٿا. مٿهن مان ڪي ڪي ”آيو لال- جهولي لال“ بہ چوندا وڃن ٿا. جنون ڀريو ناچ ۽ فيڊ آئوٽ.)

(ڇيٽي چنڊ جو ڏينهن آهي. شام جو وقت. سنڌونگر واسين شوڀا ياترا ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان شوڀا ياترا جي وسيلي هو پنهنجي سڀيتا ۽ سنسڪرتي، ڪلا ۽ ڪاريگريءَ جي ڪجهه جهلڪن جو پردرشن ڪرڻ ٿا چاهين. هر هڪ جهلڪ لاءِ هڪ الڳ الڳ رٿ آهي. وڏين ٽرڪن کي ئي رٿن ۾ بدليو ويو آهي. دور کان هر هڪ رٿ ڄڻ هڪ رنگمنچ لڳي رهيو آهي. اوچائيءَ تي هئڻ ڪري درشڪ دور دور کان به آنند وٺي سگهن ٿا.)

درشيہ : واسواڻي گارڊن جي نرنڪاري منڊل جي سامهون واري ڦاٽڪ جي ٻاهران، گول ميدان جي رستي تي ڪافي ڀيڙ آهي. پر ماڻهو انتظام ۾ آهن. رستي جي ٻنهي پاسي قطارون ٺاهي بيٺا آهن. ڪئميرا واسواڻي گارڊن جي مکيہ ڦاٽڪ کان ماڻهن جي قطارن کي ڪور ڪندي نرنڪاري منڊل طرف وڌي ٿي. جمع ٿيل ماڻهن ۾ مرد، عورتون ٻار ٻڍا، جوان نوجوان سڀ شامل آهن.

ڪنهن ڌاتوءَ مان ٺهيل پنج ڪن فوٽ ڊگهي ۽ ٽي ڪن فوٽ ويڪري چادر تي لکيل آهي:

آيو ڇيٽي چنڊ
سنڌي سنڌي پاڻ ۾ ٿين کير ۽ کنڊ

ان چادر جي ٻنهي پاسن کان ڊگهيون لٺيون لڳل آهن. ٻه ماڻهو جن کي اڇو پاجامو ۽ ڪڙتو پيل آهي، هڪ هڪ لٺ کي جهلي بيٺا آهن. لٺيون ڌرتيءَ تي ٽڪيل آهن. ان نعري ۽ پهرينءَ جهلڪ واري رٿ جي وچ ۾ ڪجهه جڳهه ڇڏيل آهي. اتي پنج ٻالڪ بيلٽ ڪراٽي ايڪسپرٽ مارشل آرٽ جو پردرشن ڪري رهيا آهن. هنن جي جسم جي چستي ۽ تيزي درشڪن جا حوصلا خطا ڪري رهي آهي. ڏڪ هڻڻ ۽ ڏڪ بچائڻ جي ڪلا ۾ هو بيجوڙ آهن. ڪڏهن ته، وڏي اڇل کائي هو

گيت

١. ڏولھ جي دربار مان- ڏک مٽائي سک ڪندو (پنجڙا)
٢. اوڏيل جا اوتار اڏيرا ! منوهر ٻيدي
٣. لال اڏيرو انترِيامي ٻرتو
٤. جيڪو ڪٿي ايندو خير سان منوهر ٻيدي
٥. نيري گهوڙي تي هسوار منوهر ٻيدي
٦. هٿي جا چڏي هٿم نندڙي (لوڪ گيت)
٧. مندن ۾ منڊ قائم بسنتي منوهر ٻيدي
٨. ديوار ڊهي ته ملان توسان اياز
٩. ڏسان عرض منهنجو منوهر ٻيدي
١٠. هلندا هلو منهنجي ادل جا جاچي (لاڏو)
١١. ڪلندو آيو مست بهار شاد

پاتر :

رام
ڪرائي ايڪسٽرٽ
امرلال جا اپاسڪ پنجڙا ڳائيندڙ
چيچ وجهندڙ مرد ۽ ڊهلاري
سؤرڻ گيت ڳايڪ
پکٽ ۽ ٻيلي
جهمر وجهندڙ عورتون
ٽهڙو نچندڙ ڇوڪريون ۽ ڀولڪيا
ڀانگڙا نچندڙ مرد
قوال
سازندا، درشڪ ۽ رسڪي جي پيڙ.

لکي سگهجن ٿا يا وري ٽيپ ڪري وڄائي به سگهجن ٿا.)

امر لال جي مورتن جي هيٺان رام ويٺو آهي. سندس اڳيان منڪو پيو آهي. رام جا هٿ منڪي تي هلي رهيا آهن. منڪي مان مڌر سر نڪري رهيا آهن. هن سڄي درشيه ۾ منڪي جو آواز پوڙان روپ ۾ ٻڌجي ٿو. پڻ - ڪلائن جي پرڊرشن ڪان وٺي منڪي جا سر چالو آهن. هيٺو ٽيڪ ان وقت رام ڪئميرا جي فوڪس ۾ ڪونه آهي.

رام : (پنجڙا ڳائيندي)

١- دولهه جي دربار مان ڪيئي ڪوٽ ورسڄي ويا،
درزي، قرضي، مرضي، اچي ٽڏڙي ٽنهنجي پيا،
ڏنم ٿوريءَ مدت ۾، سيئي ڏاڻ وٺي گهر ويا،
پير پيغمبر اوليا، پنڻ ٽنهنجي پيا،
ڏسي رنگ نيڻ ٺريا، مهر ڪجانءِ مسڪين تي.

٢- دڪ مٽائي سک ڪندو، منهنجو امر لال رنگي،
ويساهين سان واهرو، منهنجو ڏرت مٽائي ٽنگي،
ڪلجگ ۾ ظاهر آهن، جندا ٽنهنجا دان امنگي،
ننگ يڪبج ڏنگي، مهر ڪجانءِ مسڪين تي.

(سنگيت ۾ ڦيرو اچي ٿو. رام منڪو وڄائيندي امر لال جي استتيءَ ۾ گيت ڳائي ٿو.)

رام : او جل جا اوتار اڏيرا!
لهه پيارن جي سار اڏيرا!!
جڳ جا پيڙا ٽار، او جهولڻ!
ڪنهن کي ڪين وسار، او جهولڻ!!
لال جتي پي جوت جڳائين، ڪين ڪجانءِ اڄ مور انڌيرو،
راتيون جاڳي جهمر جي پائن، تن جي پاڳ ۾ لکج سويرو.
او جل جا...

هوا ۾ وچي هڪ ٻئي سان ٽڪر ٿا کائين. رکي رکي هدن جي منهن مان هؤها، هؤها جا آواز نڪري رهيا آهن. پٺ ـ ڪلا جو پردرشن آتم وشواس وڌائيندڙ ۽ من ۾ اُمنگ پيدا ڪندڙ آهي.

ٻهرئين رٿ تي امرلال جون ٻه وشال مورتون سنگمرمر جون ٺهيل رکيون ويون آهن. هڪ مورت ۾ امرلال پلي تي سوار لهرن ۾ تري رهيو آهي ۽ ٻيءَ مورت ۾ ويرويش ۾، مٿي تي ڪلنگي ڌارڻ ڪري، گهوڙي تي سوار آهي. انهن ٻنهي مورتن جي وچ ۾ مشعال وانگر هڪ جوت جلي رهي آهي. رٿ جي پاسن کان ڪارڊ بورڊ مان ڪٽي ڪي درشيه به سجايا ويا آهن. انهن درشين ۾ امرلال جي جيون ـ ڪٿا ڏنل آهي.

١- اُرداس : (فقط لفظ ـ سري وانگر)

٢- مؤلوي : (مرکه کي) جهان پناه ! جيڪڏهن سنڌ جي سڀني هندن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪندؤ ته خدا توهان کي بهشت عطا ڪندو، جتي بيشمار حورون هونديون ۽ شراب جون نديون پيون وهنديون.

٣- مرکه : (هندو مکين کي) جيڪي به هندو منهنجي راڄ ۾ رهن ٿا سي يڪدم ڪلمو پڙهي مسلمان ٿين ته ته ...

٤- ٽئنل تيل ۾ پيل هندو، قاسيءَ تي لٽڪيل هندو. ڪسجندڙ بار، پچايون ويندڙ عورتون ۽ ڇوڪريون.

٥- هندو مکي : (مرکه کي) بادشاه سلامت ! اسان کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيو. اسان پنهنجن اشٽ ديوي ديوتائن جي استتي ڪرڻ چاهيون ٿا.

(مرکه جو زوردار ٽهڪ ـ مورلي)

٦- هندو جنتا : (سنڌو نديءَ جي ڪپ تي) اي جل ٿل اگن پون اُپ جا سوامي ! نماڻن جي ماڻ ! بيوسيلن جا وسيلا ! هيڻن جا همراه ! آءُ، اچي اسان گگدامن جي رکيا ڪر.

(نوٽ : مٿي ڏنل ٻائلاگ تصويرن جـي هيٺان يا پاسي ۾

نهرو چونڪ.

(ماڻهن جا حشام قطارن ۾ بيٺا آهن. شوڀا ياترا جي مٿان گلن جي ورکا ٿي رهي آهي. پهريون رٿ اڳتي وڌي ٿو وڃي. ڪئميرا ٻئي رٿ تي آهي. ياترا ڪجهه وقت روڪي ٿي وڃي. ٻئي رٿ ۾ هيٺيون جهانڪيون سجايل آهن:

١- امر جنم. (سرو)

٢- آسمان ۾ جهڙ. سنهيون بوندون وسن پيون. مورن جو ناچ. هندن جو هردو اتساه ۽ وشواس سان ڀريل. هٿ جوڙي آسمان طرف نهاري رهيا آهن.

٣- امرلال ٻالڪ روپ ۾ ماتا جي گود ۾. ٻالڪ جو روپ سج جي تيج ۽ چنڊ جي شيتلتا جو انوکو سنگم آهي.

٤- ٻالڪ امرلال جو ماتا اڳيان مک کولڻ. مک اندر سندو درياه وهي رهيو آهي. انيڪ جل جا جيو تري رهيا آهن. هڪ مهاپرش سفيد ڏاڙهيءَ ۽ سفيد ڪپڙن سان، امرلال کي سندو درياه مان ڏات ڏيئي رهيو آهي.

رٿ جي پٺيان اوتريءَ ئي اونچائيءَ واري ڦيٿن تي هلندڙ هڪ اسٽيج ٻ جڙيل آهي. ان اسٽيج تي ڪي سازنده هارمونيم، ڍولڪ، ڏڪڙ، يڪتارو، جهانجهه وغيره وڄائي رهيا آهن ۽ چار ڪن امرلال جا اُپاسڪ پنجڙو ڳائي رهيا آهن. هنن جي مستي ڏسڻ وٽان آهي. سڀ بيٺا آهن ۽ کين اڇي رنگ جي ڌوتي، ڪڙتو ۽ ڳاڙهي رنگ جي ٽوپي پيل آهي. هنن جو ناچ جوش ۽ جذبي سان ڀريل آهي.)

هڪ : لال اڏيرو انترجامي هندورن ۾ جهولي لال

سڀ : هندورن ۾ جهولي لال.

هڪ : ١- جنهن ٻيڙيءَ تي ٻاجهه ڪيائين،
سا ٻيڙي نا لڏي لال.

جن جي گهر ۾ جهوٽن پينگها، تن جا پينگها قائم رکجانءِ،
جنهن در تي پيو ڪيڏن ٻچڙا، تنهن در جو تون راکو ٿجانءِ.
او چل جا ...
نينهن - نهوڙيل دل نه رُئارج، چاهه وارن جي چاهه نه ٽوڙج،
وڇڙيا هوت ملائج سائين، ڪنهن پيار جا رشتا جوڙج.
او چل جا ...
جيڪي وڃن ٿا موت سان کيڏڻ، واپس آڻج تن کي ڀائي،
هي سهاڳڻيون ويٺيون اٿئي، ڪيئن نه آس جي جوت جڳائي.
او چل جا ...
ڪنهن نه پيءُ جي روئي نه رکڙي، ڪنهن نه ماءُ جي جلي نه ممتا،
جنگ پري ٿئي دنيا ۾ پر تون، پانڇارو، پيار ۽ سمتا.
او چل جا ...
ڀارتين ڀيڻ جو خير منائي، پوءِ ٿا پنهنجو خير منايون،
تڏهن نه دنيا جي ڪنڊ ڪنڊ ۾ اسين ٿا سنڌي سائين چوايون.
او چل جا ...

(گيت هلندي شويا پاترا وڃڻ شروع ٿي ڪري. ماڻهو وستي جي ٻنهي پاسن کان قطارون ٿاهي بيٺا آهن. ڀارتين نعري وارا اڳتي وڌن ٿا. انهن جي پٺيان بلڪ بيلٽ بانڪا يد ڪلائون ڏيکاريندي اڳتي وڌن ٿا. ڀارتيون رت جنهن ۾ رام وينل آهي، اڳتي وڌي ٿو. ٻيا ڪيترائي رت واسواٽي گارڊن ۾ اندر رنگمنچ جي سامهون قطار ۾ بيٺا آهن. انهن ۾ به ڇوڪر اچي ٿي. هڪ رٿ ڦاٽڪ کان ٻاهر نڪري رهيو آهي.

وستي ۾ ماڻهو امرلال جي مورتين ۽ رام جي مٿان گلن جي ورکا ڪن ٿا. ڪي ماڻهو هٿ ٿا جوڙين ۽ ڪي پلوَ پائي به بيٺا آهن. نظارو دل کي ڇهندڙ آهي. رام جا هٿ مٿڪي لاءِ نچندا رهن ٿا.)

آهن. هو ڳول ڦري رهيا آهن ۽ آمهون سامهون وارا هڪ ٻئي سان ڏوڪلا ٽڪرائيندا به رهن ٿا. پاسي کان هڪ دهلاري دهل وڄائي رهيو آهي ۽ شرنائيءَ وارو شرنائي وڄائي رهيو آهي. سنڌي ڌن هلي رهي آهي. ڌيري ڌيري دهل جو آواز ۽ رفتار وڌندا ٿا وڃن. ان سان گڏوگڏ ڇيڄ وجهندڙن جي پيرن جي رفتار ۽ ڏوڪلا ٽڪرائڻ جي گت به تيز ٿيندي ٿي وڃي. ڇيڄ وجهندڙ ڄڻ وجد ۾ اچي ويا آهن.

اوچتو ڌن بدلجي ٿي. هاڻي "هوجمالو" جي ڌن هلي ٿي. دهلاري دهل به ٿو وڄائي ۽ هوجمالو به ٿو ڳائي. ڇيڄ چالو آهي.

دهلاري : جيڪو کٽي ايندو خير سان

ڇيڄ وارا : هوجمالو.

دهلاري : جيڪو خبر ڏيندو خير سان

ڇيڄ وارا : هوجمالو.

دهلاري : ١- جنهنجي نيڻن ۾ شراب آ - هوجمالو
جنهنجي ڳلن تي گلاب آ - هوجمالو
جنهنجو چهرو ماهتاب آ - هوجمالو
جنهنجو جوڀن آفتاب آ - هوجمالو
جيڪو دل کسيندو خير سان

ڇيڄ وارا : هوجمالو.

سڀ : جيڪو کٽي ايندو خير سان ... هوجمالو

دهلاري : ٢- جيڪو يارن جو ته يار آ - هوجمالو
جيڪو ويرن لئه تلوار آ - هوجمالو
جيڪو دکين جو دلدار آ - هوجمالو
جنهنکي تو سان مونسان پيار آ - هوجمالو
جيڪو سهائي ٿيندو خير سان

ڇيڄ وارا : هوجمالو

سڀ : جيڪو کٽي ايندو خير سان - هوجمالو.

سڀ : لال اڏيرو ....

ھڪ : ٢- گھوڙو تنھنجو قائم دائم،
سير مٿان تو ڪڍي لال.

سڀ : لال اڏيرو ...

ھڪ : ٣- قبو تنھنجو ھيرن جڙيو،
آڪاشي ٿي لڏي لال.

سڀ : لال اڏيرو ...

(ياترا اڳتي وڌي ٿي. چئني طرفن کان "آيو لال-جھولي لال" جا نعرا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.)

ايگل ھوٽل.

(آيو لال - جھولي لال جا نعرا. شو يا ياترا جي مٿان گلن جي ورکا. ڪئميرا ٽئين رٿ کي ڪور ٿي ڪري. ياترا ڪجھ دير لاءِ رڪجي ٿي. ٽئين رٿ ۾ ھي جھانڪيون ڏيکاريون ويون آھن:

١- پاپ ڌڪائين ٿا. (عنوان)

٢- مرکھ بادشاھ سوني پلنگ تي سمھيو پيو آھي ۽ ھڪ ڀيانڪ سپنو ڏسي رھيو آھي. خوف ۽ ھراس جا ڀاو مرکھ جي منھن تي صاف ظاھر آھن.

امرلال پلي تي سوار سنڌو درياھ ۾ براجمان آھي. ڪناري تي بيٺل ھزارين ھندو استري- پرش ھٿ جوڙي ارداس ڪري رھيا آھن. (سپنو روپ بدلائي ٿو.)

٣- ڪلنگيءَ وارو امرلال ويرويش ۾ نيري گھوڙي تي سوار آھي. ھو مرکھ کي وارن کان ڇڪي گھلي رھيو آھي. مرکھ منٿيءَ ۾ ليلڙيون پائي رھيو آھي.

رٿ جي پٺيان لڳل اسٽيج تي ڇيڇ جو اسم پيش ڪيو ٿو وڃي. ڪجھ مرد گول ٿاھي بيٺا آھن. سنڌن ھٿن ۾ ڏوڪلا

اَهڙي ڪان ڇيڇ نڪري ٿي وڃي.
(چوٿين رٿ جي پٺيان جوڙيل اسٽيج تي بسنتي وڳا پاتل پنج - ڇهه ڪن بانڪا بهادر هٿن ۾ تلوارون کڻي نچي ۽ ڳائي-ي رهيا آهن. هنن جي انگ انگ مان جوانمردي، نڊرتا ۽ ڦڙتي ٿي ظاهر ٿئي.)

هڪ : نيري گهوڙي تي هسوار،
آيو ورڻ - ديو اوتار،
دشمن سڀ ناس ڪندو!

ٻيو : ديس هيٺ جو آڌار،
جل - ٿل، اگن - پون جو سار،
اسان تي قياس ڪندو!

سڀ : دشمن سڀ ناس ڪندو!
هڪ : ١- تنهنجي جهنڊي جي ڇايا ۾ سنڌي شينهن ٿي اڙندا
ٻيو : تون جي هوندين ساٿ ته ڪلهندي مرندا، مور نه هٽندا
سڀ : ٿيندءِ چوڌاري جئڪار! آيو ...
هڪ : ٢- ڏس تون پنهنجا شير ٻچا، ڪيئن پائي بسنتي چولا،
ٻيو : سر جو سانگو لاهي نڪتا آهن ناهي ڏولا،
سڀ : تن جو ڪندين نه ونگو وار! آيو ...

(شوڀا پاترا اڳتي وڌي ٿي. تلوارن جي ڪڙڪ ڪڙڪ ۽ تلوار-بازن جي پئنتري - بازي اڃا چالو آهي. ڪشميرا قطارون ناهي بيٺل ماڻهن کي ڪور ڪندي شوڀاءِ جي پٺيان تي نڪي ٿي بيهي.)

هيرا گهاٽ.

(ڪشميرا شوڀا پاترا کي مٿان ڪور ٿي ڪري. پاترا سترهين سيڪشن وٽان هيرا گهاٽ ڏانهن مڙي رهي آهي. ڀيڙ اڻاڻ آهي. رٿن جي وڏي قطار ۽ رنگمنچن تي پيش ڪيا ويندڙ

(شوڀا ڀاڱرا اڳتي وڌڻ شروع ٿي ڪري. هو جمالو ۽ آيو لال-
جهولي لال ڄاجا نعرا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا.

شواجي چؤنڪ.

(شوڀا ڀاڱرا چؤنڪ وٽان مڙي رهي آهي. پيڙ جو انتو مٿو
ڪونهي. رفتار ڍري آهي. چؤگرد ڄڻ گلن جي ورکا ٿي رهي
آهي. ڪئميرا هينئر چوٽين رت ڪي ڪور ڪري ٿي. ڀاڱرا
چؤنڪ وٽ روڪي وڃي ٿي. چوٽين رت ۾ هي جهانڪيون
رکيل آهن :

١- اهڙو آئيءَ ۾ (عنوان)

٢- اهڙو (گل ۾ زهر وجهي رهيو آهي) هاڻي ڏسان ته
هندن جي اوتار کي هن قاتل زهر کان ڪير ٿو بچائي ؟

٣- اهڙو (رتن راءِ کي) منهنجي مرضي آهي ته تنهنجي
ٻالڪ کي ڏسان.

٤- اهڙو ٻالڪ امر لال کي گل سنگهائڻ ٿو چاهي. امر لال
مرڪي ڦوڪ ٿو هڻي. گل اڏامي وڃي ٿو.

٥- اهڙو امر لال جي پيرن تي ڪري مورڇت ٿي ٿو وڃي.
اهڙو مورڇت اوستا ۾ ڏسي ٿو ته امر لال ٻالڪ مان هڪ ٺاهوڪو
نؤجوان ٿي ويو آهي ۽ پينگهي ۾ لڏي رهيو آهي. اوچتو اهو
نؤجوان هڪ سفيد ڏاڙهيءَ واري بزرگ ۾ بدلجي ٿو وڃي ،
جيڪو پينگهي ۾ لڏي رهيو آهي.

(سڀئي روپ بدلائي ٿو.)

٦- امر لال راج - ويش ۾ تخت تي ويٺو آهي. هندو مسلمان
امير اُمراءَ ڪيس سوغاتون ڏيئي رهيا آهن. (سڀئي بدلجي ٿو.)

٧- امر لال ويڙ - ويش ۾ نيري گهوڙي تي سوار آهي ۽ جل
جا اجگر ۽ مڇ ماڻهن جو روپ ڌاري سينا ٺاهي امر لال سان
گڏ بيٺا آهن.

ڇمڪ ۽ هٿن جون مدرائون ڪافي دلڪش آهن.

ڀڳت : هٿي جا چڙي هٿم ننڍڙي، ڙي اما، اما
ناهي راول ڏيءَ! ناهي سؤداگر ٺُنهن!
ناهي وندل ٻائي! ڙي اما، اما!

ٻيلي : ڀڳت صاحب! مون کي نه منجهائي ڇڏيو
اهو گيت نه نه مون کٽين ٻڌو
۽ نه اڳئين ڏٺو!

ڀڳت : چئو ستنام!

ٻيلي : واهگرو! واهگرو!!

ڀڳت : پيارا، هيءَ اٿيئي هڪ ننڍيءَ ڪنوار جي
دکن دردن جي ڪهاڻي!
جنهنکي ٻڌي هوند جبل به واڪا ڪن
۽ پٿرن جي نيڻن ۾ به
اچي وڃي پاڻي!!

ٻيلي : ڀڳت صاحب، اڄ مان روئڻ جي موڊ ۾ ڪونه آهيان.

ڀڳت : نانڪ دکيا سڀ سنسار
جڳ ۾ دکن جو آر نه پار
ٻيلي ڪيئن خوشيون منائي سگهندين
جڏهن ڌرتي ۽ آڪاش
روئي رهيا آهن زارون زار

ٻيلي : (روئڻ جو مکر ڪندي) ڀڳت صاحب! بس ڪريو.
بس ڪريو. مان نه چا ۾ منهنجو اوڙو پاڙو ۽ منهنجو يار اغيار
به روئڻ لاءِ سؤ سيڪڙو تيار ٿي ويا آهيون.

ڀڳت : وندل نالي هڪ ننڍيءَ ڪنوار کـي ڏاڻي سس کهي
ڇڏيو.

ٻيلي : اچا ٺانئين کهنديون آهن، پاهيون ڏينديون آهن.

جدا جدا اسم من - موهڪ لڳي رهيا آهـن. ماڻهو ٻاتڙا تي گل اُڇلائي رهيا آهن.

ڪئميرا رٿ پنجين کي ڪَوَر ڪري رهي آهي. رٿ پنجون ڌيري ڌيري هلندو هيرا گهاٽ وٽ رڪجي ٿو وڃي. ان ۾ هيٺيون جهانڪيون ڏيکاريون ويون آهن :

١- مرک جي من ۾ ڦيرو (عنوان)

٢- اهڙو (مرک کي) جهان - پناه ! اهو سچ آهي ته هندن جو اوتار ۽ خدا جو ولي نصرپور ۾ رتن راءِ وٽ پيدا ٿيو آهي. امرلال جي شرڻ وٺو. خطائون معاف ڪرايو. هندن سان سٺا پير ڀـري ڀـو.

٣- مرک (اهڙي کي) هڪدم سنڌو درياه جي ڪناري تي وڃ. امرلال کي عرض ڪر ته مون کي هتي درشن ڏيڻ جي ڪرپا ڪري.

٤- پنهنجي محلات جي مکيه دروازي وٽ مرک بادشاه ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي پيشوائيءَ ۾ بيٺو آهي. امرلال نيري گهوڙي تي سوار، ڪلنگي ڌارڻ ڪري، راجائي ويش ۾ سامهون اچي رهيو آهـــي.

رٿ پنجين سان جڙيل اسٽيج تي سنڌي ڀڳت جـــو اسم پيش ڪيو پيو وڃي. اسٽيج تي ٻه جڻا بيٺا آهـن. هڪ مکيه ڀڳت ۽ ٻيو هن جو ٻيلي. هنن کي روايتي ڀڳتن وارو لباس پيو آهي يعني سفيد رنگ جو جامو، چيلهه ۾ لونگي ٻڌل ۽ مٿي تي ڳاڙهي رنگ جي پڳڙي. سازيندڙن ۾ هڪ باجي وارو، هڪ طبلچي، هڪ ڍولڪيو ۽ هڪ سرندي وارو آهن. جيڪي هڪ طرف کان ويٺا آهن. انهن جو لباس به ٺيٺ سنڌي آهي. ڀڳت ۽ سندس ٻيلي هڪ ٻئي جي سامهون بيهي سنڌي ڌن تي نچي رهيا آهن. هنن جي پيرن جون ادائون، چهري جي چمڪ

الائي ڪنهن سان هلي ويئي.
مان ٻيڙي، اکين کان اڏ انڌي
ڪنن کان ٻوڙي
هن گهوڙيءَ کي جهليان ته ڪيئن جهليان؟

ڀڳت : الائي ٽڙ ٿي ويئي، الائي ٻرٻٽ ٿي ويئي،
مون سان ته ڀيڙا قهر ڪري ويئي!

ٻيلي : نسورو ظلم ڪري ويئي!

ڀڳت : پاپ ڪرين پاتال ۾ ڀوڳهت ٿئي آڪاس!
خون ڪستوري ۽ ڪڏهن لڪيا؟
ٻت جي نظر وڃي ٿي پوي خون تي
۽ ماءُ کان ٿو پڇي:
هيءَ جا ڏسان ٿو رت ترائي، ڙي اما، اما!
تنهن راڻي گهاءُ ڪيو
ناهي راول ڏيءَ! ناهي سوداگر ننهن!
ڪاٿي آ وندل ٻائي! ڙي اما، اما!

ٻيلي : ڀڳت صاحب! پاپيءَ جا ڏينهن پنج،
هاڻي هڇاري سس ته ڦاسي ويئي!

ڀڳت : آخرين حيلو هلائيندي سس ڇوي ٿي:
رات جو آيو ڪاسائيڙو، ڙي ابا، ابا!
تنهن ته ٻڪرڙو ڪٺو،
شهزادي وندل ٻائي!

ٻيلي : چيائين ته سچ ڀڳت صاحب!
ننهن کي ته ٻڪري وانگر ڪٺو هوندائين نه!

ڀڳت : ٻت رڙ ڪري چويس ٿو: ڪوڙي! خونڻ!!
ڪوڙ ٿي ڪرين ڙي ڪوڙي خونڻ!
تو ته ڪڙي ڪوار!

ڀڳت : وندل جو گهوٽ ويو هو پرديس.

ٻيلي : ويو هو ٻ ٻڌيءِ، ويو هو سينگاپور. ڇٻو ڀڳت صاحب، اهو سمگلنگ جو روڳ، سنڌين کي صدين کان لڳل آهي.

ڀڳت : گهوٽ واپار ڪري، خرچيئين ۾ خزانا ڀري واپس گهر اچي ٿو ۽ پنهنجيءَ ڪنوار کي گهر ۾ نه ڏسي ماءُ کان پڇي ٿو.

ٻيلي : ڇا ٿو پڇي؟

ڀڳت : هٿ جا ڇڏي هيم ننڍڙي، ڙي اما، اما!
ناهي راول ڏيءِ! ناهي سؤداگر نهن!
ناهي وندل ٻائي! ڙي، اما، اما!

ٻيلي : ڀڳت صاحب، ماءُ ڇا ٿي جواب ڏئيس؟

ڀڳت : ماءُ چويس ٿي: پٽڙا! او مڪٽا!!
رات جا ويئي جدا ٿي ڙي ابا، ابا!
سا وري نه موٽي! شهزادي وندل ٻائي!

ٻيلي : جدا جدا ڪري نهاريم ڙي اما، اما!
ناهي راول ڏيءِ، ناهي سؤداگر نهن!
ناهي وندل ٻائي! ڙي، اما، اما!
(ٻئي ڪجهه دير نچن ٿا.)

ڀڳت : رات جا ويئي جيڏئين، ڙي ابا، ابا!
سا وري نه موٽي! شهزادي وندل ٻائي!

ٻيلي : هڪ هڪ ڪري پڇيم ڙي اما، اما!
ناهي راول ڏيءِ، ناهي سؤداگر نهن!
ناهي وندل ٻائي! ڙي اما، اما!

ڀڳت : هڇاري سس سؤ بهانا ٿي ڪري، پٽ کي ٿي سمجهائي ته مان نردوش آهيان، مان گنگا جمنا جيان پاڪ صاف آهيان.

ٻيلي : ٻر پٽ، تنهنجي جوءِ ٿي نڪتي ڇنال،
الائي ڪيڏانهن هلي ويئي.

قسم جو ٽامي جو چلو پيو آهي ۽ ان سان ٻوڪ تي ٺڪ ٺڪ ڪري رهي آهي. هنن جي پاسي ۾ ٻي چار ڪن عورتون ٿالهه وڄائي رهيون آهن. سڀني آڱرين ۾ ٻه ٻه ڇلا پيا آهن. ٻه ڇوڪريون ٻوڪ ۽ ٿالهه جي سرتال تي جهمر وجهي رهيون آهن. نرتڪيون هٿن جي چرپر ۽ اکين جي اشارن سان ٻه گهڻو ڳجهه ڇڏي رهيون آهن. نرتڪين جي پيرن ۾ چانديءَ جون گجريون پيون آهن. گجرين جي ڇم ڇم جو آواز ڪافي من موهڪ آهي. هونئن جهمر وجهندي عورتون ڪا ساکي يا ڪو لاڏو به ڳائينديون آهن، پر هتي فقط ڪائي مڌر سنڌي ڌن هلي رهي آهي ۽ ان تي ئي نرتڪيون جهمر وجهندي بدن جي لوچ، اکين جي اشارن ۽ نرتيه- ڪلا جو پردرشن ڪري رهيون آهن.

رٿ- ياترا ڌيري هلڻ شروع ٿي ڪري.)

پڇويهون سيڪشن

(ڪئميرا هيمون ڪالاڻي جي پتلي تان لنگهندي ڦوهاري کي ڪور ڪري رهي آهي. شوڀا - ياترا آهستي آهستي اڳتي وڌي رهي آهي. رستو ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. وايو منڊل ”آيو لال-جهولي لال“، ”شهيد هيمون - زنده آباد“ ۽ ”هيمون ڪالاڻي - امر آ“ جي نعرن سان ڀريو پيو آهي. ڪئميرا سرگس تان ٿيندي، وڃي ٿي رٿ- سٽين تي ٽڪي. ان ۾ هيٺ ڏنل جهانڪيون رکيون ويون آهن:

١- وناش ڪالي وپريت بڌي (عنوان)

٢- امرلال مرکه جي دربار ۾ سنگهاسن تي ويٺو آهي. مرکه (سوچي ٿو) هندن جو پير هاڻي اڪيلو آهي. ملان (سوچين ٿا) بادشاه کي سٺو وجهه مليو آهي، هندن جي پير کي هڪدم قيد ڪري.

٣- امرلال: (مرکندي) مان توهان جا خيال صاف صاف

ناهي راول ڏيءُ! ناهي سؤداگر نئهن!
ناهي وندل ٻائي! ڙي اماں، اما!

ٻيلي : ڀڳت صاحب! ٻوءِ ؟

ڀڳت : ٻڌ ...

اي چنڊ، ٻي آڻ، ڙي اباں، ابا!
جهجها ڏيانس وڳا!
شهزادي وندل ٻائي!
ڇا تيو جي وري نہ آئي ؟

(ڪئميرا ڀڳتن جي ٻيرن تي ٽڪيل آهي. شويا پاترا اڳتي وڌي ٿي.)

ڇوٿون نمبر او. ٽي.

(حشام ماڻهن جي وچمان شويا - پاترا اڳتي وڌي رهي آهي. ڪئميرا ڇوٿين نمبر جي او. ٽي. ڇؤنڪ کي ڪور ڪري رهي آهي. رت اڳتي وڌي رهيا آهن ڌيمي رفتار سان. هاڻي ڪئميرا رت ڇهين کي ڪور ٿي ڪري. ڇهين رت ۾ هيٺ ڏنل جهانڪيون ڏيکاريل آهن:

١- ايڪ نؤر تي سب جگ اپجيا (سرو)

٢- امرلال راجائي پوشاڪ ۾ مرک جي راج - دربار ۾ تخت تي ويٺو آهي. مرک، آهيو، وزير ۽ درٻاري هٿ جوڙي ادب سان امرلال جي سامهون بيٺا آهن.

٣- امرلال (اپديش ڏيندي) هڪ الک، پورڻ پرش، پار برهم، الله و اڪبر آهي. هندو ۽ مسلمان هڪ ئي پرم - پتا جي سنتان آهن. نؤر ساڳيو آهي، فقط نالا جدا جدا آهن.

رت ڇهين جي پٺيان جوڙيل اسٽيج تي جهمر جو اسرپيش ڪيو پيو وڃي. هڪ عورت ويهي ڍولڪ وڄائي رهي آهي. سندس سامهون ٻي عورت ويٺي آهي، جنهن جي آڱر ۾ خاص

ڪنهن کي ڳل جي آنچل سرڪيو، يا ڪسڪي وڃي ڇولي !
منهن ۾ مند ...

(گيت جي پوري ٿيڻ تي ڇوڪريون ڪجهه تيزيءَ سان ٽپڙو ناچ ڪن ٿيون ۽ شويا پاترا اڳتي وڌي ٿي.)

نيتاجي ڇؤنڪ

ڪئميرا دور ڪان نيتاجي ڇؤنڪ وٺان سرڪندڙ شويا پاترا کي ڪور ڪري ٿي. رٽ - انهن سان ڪجهه دير پٽن ڪري ٿي. رٽ - انهن جو ڪلوز اپ. ان ۾ هي جهانڪيون ڏيکاريون ويون آهن :

١- پرليه ۽ شرٽ (سرو)

٢- مرک بادشاه جو محلات ۽ سڄو شهر ٻوڏ هيٺ اچي ويو آهي. مرک، آهٺو، قاضي، ملان، درٻاري، عورتون، مرد سڀ غوطا کائي رهيا آهن. بئڪ گرائونڊ ۾ امرلال جو مرڪندڙ مک ڀهڪي رهيو آهي.

٣- مرک : (امرلال جي پيرن تي ڪري ٿو) بچايو، مونکي بچايو.
امرلال مرک کي بچائي رهيو آهي.

رٽ - انهن جي پٺيان لڳل رنگمنچ تي ڪجهه نوجوان پنجابي پانگرا جو اسر پيش ڪري رهيا آهن. کين تهمد ۽ بلو پالوڪڙتو پيو آهي. ڪڙتي تي ڪاري صدري ۽ پيٽي اٿن. صدريءَ ۽ ڪڙتي تي پرت پريل آهي. مٿي تي صافو ٻڌل اٿن. ڪن جي هٿ ۾ رنگين رومال ۽ آهي. ۽ - ٽي پولڪي وڏا وڏا ڍول وڄائي رهيا آهن. جيئن جيئن ڍول جو آواز تيز ٿيندو ٿو وڃي، تيئن تيئن پانگرا نچندڙن جي قدمن جي رفتار ۽ تيز ٿيندي ٿي وڃي. رکي رکي هو پنهنجي منهن مان ”هو- شاباش“ جا آواز ۽ ڪڍي رهيا آهن. هڪ جٿو نچندي نچندي گيت ڳائي ٿو، ٻيا ان ڌن تي نچندا رهن ٿا.)

سمجهي رهيو آهيان. توهان جي مت ماري ويئي آهي.

٤- امرلال ڀينڪر گرجنا ڪري پرڪاش جو روپ ڌارڻ ڪري انترڌيان ٿي وڃي ٿو.

٥- **قاضي** : ڊرپوڪ، ڀڄي ويو.

ملان : بدليو ڌرم سڀني هندن جو.

مرڪم : الله و اڪبر!

رنگ-ستين جي پٺيان ڳنڍيل اسٽيج تي "نِرتو" اسم پيش ٿي رهيو آهي. اسٽيج تي وچ ۾ امرلال جي سنگمرمر جي مورتي پئي آهي، جنهن جي پاسي ۾ جوت جلي رهي آهي. پاسي ۾ بينل ۽ ڀولڪيا ڀولڪون وڄائي رهيا آهن. ڪجهه ڇوڪريون امرلال جي مورتيءَ جي چوڌاري ڦرندي نِرتو ناچ نچي رهيون آهن. ناچ ڪندي هو تاڙيون به وڄائين ٿيون. سندن پيرن ۾ پيل ڇهنگهرو سنگيت جو رس وڌائي رهيا آهن. سنگيت جي گتيءِ وڌڻ سان گڏوگڏ نرتڪين جي پيرن جي چرڙ ۽ تاڙين جي ڦهڪي جي رفتار به وڌندي ٿي وڃي. آخر ۾ هو جڏهن وجد ۾ اچي ٿيون وڃن. هڪ ڇوڪري پاسي کان بيهي هوليءَ جو گيت ڳائي ٿي.)

ڇوڪري : مندن ۾ مند ڦاڳ بسنتي، ڌڻ آ ڏٺن ۾ هواي
لج لاهي ڪيئن سونهن جي ديويءَ پنهنجي جواني کولي
مندن ..

١- ڦول ڦول تو مهڪي، پن پن مگن لهرائي،
پريم جو پياسو ڀؤنرو پن پن گل کي هرڪائي،
سونهن جي دواري ٻيڌوءَ وانگر جهلي پيار جي جهولي!
مندن ۾ مند...

٢- طوطي هيڏانهن سر آلاپيو، مئنا هوڏانهن بوليو،
جڙ- چيتن جو ڀيد ڀلائي، هر ڪنهن پاڻ آ کوليو،

١- جتي ٻير اتي خير (عنوان)

٢- حيران، پريشان، مايوس، دلشڪستو، لٽيل، ڦريل سنڌين جو قافلو پرديس ۾.

٣- محنت ڪندڙ سنڌي. ٻار ڪلهن وڪڻي رهيا آهن. ڪاٺيءَ ۾ ٻڌل ڦوڪڻا وڪڻي رهيا آهن. مرد ٻار ڍوئي رهيا آهن. پٿر ڪٽي رهيا آهن. ڇٻا کڻي مال وڪڻي رهيا آهن. پبلڪ نلڪي اڳيان زالن، مردن ۽ ٻارن جون وڏيون قطارون. عورتون ۽ ڇوڪريون پاپڙ وڙيون ڪري رهيون آهن، ڪپڙا سبي رهيون آهن ۽ ڀرت ڀري رهيون آهن. رات ڏينهن ڪم ڪم ۽ ڪم.

٤- سنڌين جا پنهنجا دڪان، پنهنجا گهر، پنهنجون فلئٽون، فئشني ڪپڙن ۾ باغن ۾ سير ڪندڙ سنڌي مرد ۽ عورتون.

٥- جسلوڪ هاسپيٽل جو ماڊل. پاسي ۾ ٻين اسپتالن جا ماڊل.

٦- ڪاليجن ۽ اسڪولن جا ماڊل.

٧- ڪنور رام ڌرمشالا ۽ ٻين ڌرمشالائن جا ماڊل.

٨- ڪارخانن جا ماڊل.

٩- بسڪوٽ فئڪٽرين جا ماڊل.

١٠- گهرو هنرن جا ماڊل.

١١- ساڌو ٻيلا، ٽيئونرام، ٽج ڌام، وسڻ گهوٽ وغيره مکيه مکيه آشرمن ۽ درٻارن جا ماڊل. ساڌو واسواڻي ڌرم - پيٺ پونا جو ماڊل.

١٢- هڪين جي هڪ مٺائيندڙ لنگر جو نظارو.

(رڪ - نائين جي پٺيان جيڪا اسٽيج لڳائي وئي آهي، ان ۾ سنڌي قواليءَ جو اسم پيش ڪيو ٿو وڃي. قوالي ڀڳتي- رس واري آهي. سازنده ٻاجو، طبلو، ڍولڪ، سارنگي وغيره وڄائي رهيا آهن. ٻه ٽي ڄڻا قوالي ڳائن ٿا، باقي ٻيا تاڙيون

هڪ : ديوار ڀڃي نہ ملان توسان
کو واجھہ نہ آ ڪا وٽ نہ آ!
مون جيڪو تنھنجو روپ ڏٺو
ھٿ ريکہ ۾ تنھنجي ڪٿ نہ آ!! ديوار ...
١- ديوار ڀڃي نہ ملان توسان
تو سڏ اچي ھر پل ٿئي،
تون آھيو آھين پڙاڏي جيان،
مون آھي تنھنجي جھانءِ جھڙي. ديوار ...
٢- ديوار ڀڃي نہ ملان توسان-
ھي ڏؤرا تو لاءِ ٿا ڏورن،
۽ منھنجا ھٿ ھٿوڙن جيئن-،
ٿا پٿر پٿر کي پورن! ديوار ...
٣- ديوار ڀڃي نہ ملان توسان-
ھر پور پگھر ۾ آلو آ،
آ ٿامي جھڙو سڄ لٿو
۾ مون وٽ جيءَ جھڙالو آ! ديوار ...

(ٻول جو آواز وڌندو ٿو وڃي. پانگرا ڇنڊڙن جي ناچ جي رفتار بہ تيز ٿيندي ٿي وڃي. اوچتو رفتار گھٽجڻ شروع ٿئي ٿي ۽ اُن سان گڏ ئي شويا پاترا اڳتي وڌي ٿي.)

نج - ڏام روپ

(شويا - پاترا ڌيمي ڌيمي وڌي رھي آھي. ماڻھن جا حشام قطارن ڪري بيٺا آھن. ڪيترا ماڻھو عمارتن جي بالڪنين مان شويا پاترا ڏسي رھيا آھن. ڪئميرا رڪ ٿا ئين کي ڪور ڪري ٿي. ان ۾ ھندستان ۾ سنڌين جي ڪيل ترقي ڏيکاريل آھي. پناھگير ڦري ڪيئن پرشارٿي ۽ پرشارٿين مان ڦري ڪيئن دانوير بڻيا، اھا ڪھاڻي ماڊان رستي ڏيکاريل آھي.

(ساز وڄندا رهن ٿا. قوال آلاپ ڪندا رهن ٿا. ساٿي
ڙيون وڄائي رهيا آهن ۽ شوپا پاترا اڳتي وڌڻ شروع ٿي
ري.)

پرپا رام مندر.

(ڪئميرا آس پاس جي ماحول کي ڪَوَر ڪرڻ کان پوءِ
ت - ڏهين ٿي اچي ٽڪي ٿي. پاترا ڪجهه وقت لاءِ ان جڳهه
ي روڪي وڃي ٿي. رت - ڏهين ۾ سنڌ جي اِتهاس مان
ينيون جهانڪيون ڏيکاريون ويون آهن. هاڻي رات ٿي چڪي
هي، اِن ڪري شوپا پاترا ۾ روشنيءَ جي جهرمر آهي.

١- سنڌوپتي مهاراجا ڏاهرسين جو وشال پتلو. هٿ ۾ تلوار
ويڙ - ويش ۾.

٢- هڪ عرب گهوڙيسوار ڏاهرسين جي ڪنيائن کي گهوڙن
ي پنيان ٻڌي، گهلي رهيا آهن. چٽڙون ۽ رتو رت ٿيل
ڪنيائن جا شرير.

٣- هيمون ڪالاڻي مرڪي ڦاسيءَ جو ڦندو گلي ۾ وجهي
رهيو آهي.

رت - ڏهين سان جيڪا اسٽيج ڳميل آهي، ان ٿي ڪٺ-
پتلين جو کيل ڏيکاريو ٿو وڃي. ڪٺ - پتلين جي وسٽي ڪلاڪار
جيج جو درشيه ڏيکاري رهيو آهي. گهوٽ سان گڏ ڄاڃي لاڏا
ڳائيندا، ڪنواريتن ڏانهن وڃي رهيا آهن. گهوٽ گهوڙيءَ تي
سوار آهي. پنيان آهنر ڪاٽي ڪٺي ويٺو آٽس. ڄاڃي خوشيءَ ۾
جهومي رهيا آهن. گهوٽ جي پيءُ لاڏا ڳائڻ شروع ٿي ڪري.

گهوٽ پيءُ: هلندا هلو منهنجي آدل جا ڄاڃي!
پايل جا ڄاڃي، منهنجي جوڙل جا ڄاڃي!
هلندا هلو ....

وڄائي ڪين ساٿ ڏيئي رهيا آهن. قوالن کي پٽڪ پهريل ڪرتا ۽ ڊگهي پاڇي وارا پاجاما پيا آهن. منچ جي هڪ پاسي امرلال جي هڪ وڏي مورتي رکي آهي.)

هڪ : ڏسان عرض منهنجو ڪڏهن تو اگهامي ؟

ٻيو : ڏسان عرض منهنجو ...

ٽيون : ڪڏهن تو اگهامي ؟

هڪ : ڏسان عرض منهنجو ڪڏهن تو اگهامي ؟

١- تنهنجي در تي مان پيو سوالي
اچي ٻهتو آهيان ڇڏيندين نه خالي
سڏائين تو خود کي تون دنيا جو والي

ٻيو : ڏسان عرض منهنجو ...

ٽيون : ڪڏهن تو اگهامي ؟

هڪ : ڏسان عرض منهنجو ڪڏهن تو اگهامي ؟

٢- نه دؤلت تو چاهيان نه شهرت تو چاهيان
نه ڪنهن گل بدن جي محبت تو چاهيان
فقط تنهنجي نظر- عنايت تو چاهيان. ڏسان عرض ...

٣- لڳي دل آ تو سان ته دنيا کپي ڇا ؟
حقيقت ملي جي نه ڇايا کپي ڇا ؟
ڇڏي تو کي ٻي ڪا تمنا کپي ڇا ؟ ڏسان عرض ...

٤- زماني جي ياريءَ ۾ دوکو ئي دوکو،
هتي ڪم نه ڪوئي ڪڏهن ڪنهنجي آيو.
ڇڏي گل ڪندن سان رکي ڪير ناتو ؟ ڏسان عرض ...

هڪ : ٥- ڏسان عرض منهنجو ڪڏهن تو اگهامي ؟

ٻيو : ڏسان يار منهنجو ڪڏهن هت تو تامي ؟

ٽيون : ڏسان دل جي اڱڻ ڪڏهن تون وسامي ؟

سڀ : ڏسان عرض ...

آهي. ”آيو لال - جهوليلال“ جي نعرن سان سنڌي پنهنجي من جو اُتساهه ظاهر ڪري رهيا آهن. ڪئميرا ”آيو چيٽي چنڊ“ جو بورڊ کڻندڙ ٻن ماڻهن ۽ ڪرائي جا ڪرتب ڪندڙ ايڪسپرٽس کي هڪ ئي وقت ڪَوَر ڪري ٿي. پوءِ ڪئميرا جي فوڪس ۾ امرلال جون ٻه مورتيون، جوت ۽ منڪو وڄائيندڙ رام اچي ٿو.

منڊپ کان ڪجهه پرڀرو رٿ - ڀيريون اچي بيهي ٿو. هيٺ لهڻ لاءِ هڪ ڏاڪڻ رٿ - ڀيرئين جي اڳيان رکي وئي آهي. ڪئميرا رام کي ڪَوَر ڪري ٿي. رام چئني پاسي نهاري ٿو. مرڪي ٿو. هٿ جوڙي جنتا کي پرڻام ڪري ٿو ۽ آهستي آهستي ڏاڪڻ تان هيٺ لهڻ شروع ٿو ڪري.

ماڻهو زوردار تاڙيون وڄائن ٿا ۽ ”آيو لال - جهوليلال“ جي نعرن سان آسمان گونجي ٿو وڃي.)

... ...

(رام اسٽيج تي ويٺو آهي. اڳيان منڪو پيو اٿس. پاسي ۾ سندس ساٿي سازندا ويٺا اٿس. رام ڪجهه دير منڪو وڄائي ٿو. ماڻهن جي ويهڻ لاءِ منڊپ ۾ ڪرسيون وڇايون ويون آهن. سڀ ڪرسيون ته ڀرجي چڪيون آهن، پر ماڻهو ميدان ۾ به بيٺا آهن. رام منڪو وڄائڻ ڇڏي اوچتو اُٿي ٿو بيهي.)

رام: منهنجا سنڌي بهادرو! اڄ توهان جنهن ايڪتا، جنهن امنگ، جنهن اُتساهه ۽ جنهن زنده دليءَ جو ثبوت ڏنو آهي، ان لاءِ ڪجهه نه چوڻ ئي، ان جي وڏي ۾ وڏي ساراهه آهي. سنڌين جو هي سمنڊ! منهنجون ته اکيون ئي نه ٿيون ڪڍن ان نظاري تان! اڄ ته منهنجي دل ٿي چاهي خوب نچان، ڳايان، ٽپڙ ٽڪايان، ڦيريون پايان ۽ چيٽي چنڊ جون، بهار جي مند جون ۽ سڀ کان وڌيڪ سنڌين جي هن زنده دليءَ جون خوشيون ملهايان.) (رام نچي ۽ ڳائي ٿو.)

١- پايل گھوڙيءَ ٿي جهج ۽ گاڏين ۾،
پيگه پيئندا هلو، هلندا هلو،
منهنجي اَدل جا جاچي!
٢- ٿوت هٽن ۾ کردا کيسن ۾،
ناٽو گھوڙيندا هلو، هلندا هلو،
منهنجي اَدل جا جاچي!
٣- جهج پايل جي ڏايي رباب سان،
ٻر چوڙيندا هلو، هلندا هلو،
منهنجي ادل جا جاچي!

(سيٽين جي آواز ٿي ڪٽ - پٽلين جي جهج اڳتي وڌي ٿي ۽ ان سان گڏ ٿي شوپا پاٽرا به وڌڻ شروع ٿي ڪري.)

... ...

(شوپا پاٽرا بس اسٽاپ وٽان پنجين نمبر جي او. ٿيءَ طرف وڌڻ شروع ٿي ڪري. چئني طرفن کان "آيو لال - جهولي لال" جا نعرا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا. ماڻهن جو انساه ڏسڻ وٽان آهي. روشنيون دل بهار بهار ڪري رهيون آهن.)

... .

(ميدان ۾ هڪ شاهي منڊپ لڳايو ويو آهي. منڊپ جي خوبي اها آهي جو ان ميدان چئنيءَ وانگر فقط ٻڪ - ٻڙدو آهي ان ڪري ڪيترا به ماڻهو سمائجي سگهن ٿا. منڊپ جي مکيه گيٽ تمام وڏي ۽ خوب سينگاريل آهي. مکيه گيٽ جي ٻنهي پاسن کان دهلاري ۽ شرنائيءَ وارا، سنڌي سنگيت جي ٻرڪا برسائي رهيا آهن. روشنين جي جهرمر راس کي ڏيهن کان ۽ اجلو بڻائي رهي آهي.

ڪئميرا منڊپ جي مکيه دوار ڏانهن نيندي، رستي کي ڪو ڪري ٿي. مکيه دوار کان مکيه رستي تائين اڻاه ماڻهو قطار ناهي بيٺا آهن. سامهون کان شوپا پاٽرا ڌيري ڌيري اڳتي وڌي رهي

١٣. وڃي رهندو واس

جوڳي ڄادو لائي ويا - ڪڏهن اچرهون

رام : ڪلندو آيو مست بهار!

١- پانت پانت جا ڦول ٽڙيا جن لائي جڳ مڳ جائي،
هر هر خوش ٿي آنند جي ڏس وڻ ٽا ڏين واڌائي
ساوڪ سهڻي
من کي مهڻي
ناچ نچي هر نار! ڪلندو آيو مست بهار!

٢- شاخ شاخ ٿي پنڇي پيارا، نچن ٽپن چوڌاري
مٺڙيون مٺڙيون ٻوليون پکين جون گلشن ۾ ٿيون جاري
راڳ الستي
موج ۽ مستي
لالين جي للڪار! ڪلندو آيو مست بهار!

٣- نيڻ نشي ۾، من مستيءَ ۾، دلڙي ٿئي مدهوش
پري بسنت ڏي مد جي پيالي، هرڪوئي مدهوش
هير خماري
جادوءَ واري
رڳ رڳ ۾ ٿئي تار! ڪلندو آيو مست بهار!
ڪلندو آيو مست بهار!

(ٽاڙين جو ٺهڪو. رام نچي ۽ ڦيريون پائي ٿو. فيڊ آئوٽ.)

سوترڌار : پرماتما ڪن انسانن کي سنسار ۾ ڪي خاص ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليندو آهي. ان ڪري ئي چوندا آهن ته ”ڪري ٿان پر ڪنهنجي هٿان“. رام به اهڙن انسانن مان هڪ هو. پر پرماتما کيس هڪ نه بلڪ انيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ سنسار ۾ موڪليو هو. رام ۾ جيڪا وچتر ۽ اسيم ڪاريه- شڪتي هئي، ان جو ڪارڻ اِهو ئي هو. جسم برابر رام جو هو، پر ان ۾ شڪتي، يوگيتا ۽ پرڀاءُ سدائين پرماتما ڀريندو رهندو هو.

رام پنهنجو پاڻ ۾ هڪ سانسڪرتڪ ۽ سڀيتڪ سامراجيه هو، تمدني ۽ تهذيبي سلطنت هو. هن جا پنهنجا قانون هئا، پنهنجا قاعدا هئا، پنهنجيون اختياريون هيون، پنهنجا اُصول هئا ۽ پنهنجيون سيما- ريکائون هيون. ٻاهران ٻاهران ائين لڳندو هو ته هوُ ٻاهر- مکي (ايڪسٽروورٽ) آهي، پر حقيقت ۾ هو انتر- مکي (انٽروورٽ) هو. هو جيترو ٻاهر هو، ان کان ڏهوڻو وڌيڪ اندر هو.

رام جي من- ساگر ۾ هميشه منٿن ٿيندو رهندو هو. پر اُن منٿن جي پيڙا ۽ پرڪريا کي هن ڪڏهن به عام اڳيان ظاهر نه ڪيو. ان منٿن مان، اُن ولوڙ مان جيڪي موتي نڪتا، جيڪي امرت- ڪلش نڪتا، اُهي هن سنسار کي ارپي ڇڏيا. شو شنڪر وانگر رام زهر جا ڍڪ پاڻ پيتا ۽ نانگن جا ڏنگ پاڻ سٺا.

رام کي سهارو هو امرلال جو، ستنام جو، واهگروءَ جو ۽ کيس پت هئي توهان جي، هن جي، هن جي- عام جنتا جي. رام جي صحت هئي سنگيت. جهمريون پائي ۽ هنبوچيون هڻي هن روڳن کي دور ڀڄايو. گيت ڳائي ڳائي ۽ عام جنتا جون دليون ريجهائي ريجهائي، رام پاڻ کي به سدا جوان ٻئي رکيو ۽ سنڌي جاتيءَ کي به اَجر- اَمر صحت ۽ جواني ٻئي بخشي.

گيت

۱. واهگرو واهگرو واهگرو جي — ن ڪايل
۲. ڪلنگيءَ وارا لال گهڙي اچ گهر ۾ — رام
۳. ٻادل آيا ٻهار ميان — پوڄو
۴. ڪول اکيون ڏس واٽ ... — دلگير

پاتر :

سوتردار
رام
ڏيون پوڄواڻي
هري دلگير
۲۴ ڪن سنڌي شاعر
ٺاڪر چاولا
ڏوڏيچا ۽ سنڌس دوست
مالهي ۽ ٽيڪچند مست
هري (رام جي پتني)
رکشا (رام جي ننهن)
ٻارو چاولا
سريتا سيٺي
ٺاري
مرليڌر
شنڪر
انيل، همي، آڏيراج
پرسرام (جهولي لال)
ڪومل
مهيندر (رام جو سوٽر)
ڏولي، رتنا، ڊاڪٽر لکاڻي
اٿاهه درشڪ.

مضمون : سهڻون. اَدبي گلشن. يادگيريون. گڏجاڻيون.

ترجما : پدما. ياد ڪندا. دوست ڪيئن ڪجن ۽ دليون ڪيئن کٽجن.

چونڊ ڪلام : چونڊ ڪلام. سنڌ جي سوکڙي. سڪ جي سوغات. چونڪيءَ جا گيت. سنڌي شعر جو انتخاب.

ڪوتا سنگره : وڳي تنبوري جي تان.

(نوٽ : جيڪڏهن ڪي ڪتاب رهجي ويا هجن ته جوڳي جڳهه تي جوڙي سگهجن ٿا.)

سوترڌار : رام سنڌيت جو پيغام دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچايو. سينگاپور، هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ، تاشقند، دبئي، آمريڪا، ڪئناڊا، اوڀر کان اولهه ۽ اتر کان ڏکڻ تائين رام سنڌيت جي سڳنڌ ۽ جهولي لال جو جهنڊو ڦهرائي آيو. هانگ ڪانگ ۾ ته رام ڀيراڻو به ڪٺايو. ولايت جي هندو مندرن ۾ ڪيس ڪيرتن ڪرڻ ۽ چونڪي وجهڻ ۾ انوکو آنند ملندو هو. پرينتوان سنڌي جڏهن سنڌس ٻڌي ۾ اچي وهندا هئا ته جڻ مستن جي محفل مچي ويندي هئي. زالون مرد، ٻار ٻڍا سڀ ملي ڳائيندا هئا ۽ تال ۾ تال ڏيندا هئا. ٻئنگ ٻنگ مڙس جن جا لکن ۾ پيا ليکا هلن ۽ ڪروڙ پيا ڪاغذن تي چڙهن، اهي به اٿي رام سان گڏ نچندا هئا! رام ثابت ڪري ڏيکاريو ته نچڻ ۽ ڳائڻ ڪنهن به قوم جي زنده دليءَ جو روشن ثبوت آهي.

(واسطو رکندڙ ۽ نهڪندڙ فوٽو گراف ڏيکاريا وڃن.)

... ...

سوترڌار ! رام پدوين ۽ لقبن جي پٺيان ڪو نه هوندو هو. انيڪ پدويون ۽ لقب هٿ ٻڌي سندس پٺيان ڦرندا هئا. رام، پنهنجو سڀ ڪجهه پنهنجي ديش کي، پنهنجيءَ قوم کي،

رام هڪ مهان ساهتيڪار هو. هن انيڪ پستڪ لکيا. سندس لکڻيءَ جي مکيه خوبي آهي - سلاست. هو صاف، سٿري، سرل ۽ محاوريدار ٻولي لکندو هو. ڏکئي ۾ ڏکي ۽ پيچيده ڳالهه به هو سرل، سهڪ ۽ سلوڻي نموني ۾ چئي، پڙهندڙن کي اپرس ۾ وجهي ڇڏيندو هو. سرل ٻولي رام جي گهري اڀياس ۽ سرل سڀاءَ جو ثبوت آهي.

ساهتيه، ليکڪ جي آزمودن جو چٽ آهي. رام زندگي ڏٺي هئي ۽ ڪئين انوکا آزمودا حاصل ڪيا هئا. حاصل ڪيل آزمودن تي هن سوچيو هو. هن جو سنگ ۽ سات عالمن، اديبن، صوفي درويشن ۽ مهاپرشن سان رهيو هو. ان جو اثر سندس ساهتيه تي پوڻ لازمي هو. رام جي درشٽي نه فقط آستڪوادي هئي پر آشاوادي به هئي. ايشور جي ڪرپا، من جي ٻل ۽ آشا جي شڪتيءَ تي هن جو اٽوٽ وشواس هو.

رام جا ڪردار نڪو اجنبي آهن ۽ نه الوڪڪ. اهي ٿوهان جا ۽ اسان جا چڱيءَ طرح ڄاتل سڃاتل آهن. رام جي ڪردارن کي اسان سؤلائيءَ سان پنهنجي آس پاس ڏسي سگهون ٿا. رام جو ساهتيه يعني انوکا آزمودا، سرل ڀاشا ۽ ڄاتل سڃاتل ڪردار.

(پردي تي رام جا لکيل ڪتاب ڏيکاريا وڃن ٿا.)

اُپنياس : قيدي. شرميلا. لطيفا. اسانجو گهر.
چانديءَ جو چمڪو. زندگي ۽ موت. آهي نه آهي.
شل ڏيئَر نه ڇڄن.

ناٽڪ : پکي ۾ پدمڻي. سنڌ جا ست ناٽڪ. تياڳ ۽ مکتي.
آيو نئون زمانو. ست رنگ.

ڪهاڻي سنگره : انوکا آزمودا. وچتر واقعا.
عجيب آکاڻيون. تنهنجا منهنجا تجربا.

سوترڌار: ”مدر انڊيا“ جي سمپادڪ ۽ پرسڌ آلوچڪ شري بابوراءِ پٽيل، راشٽريه ايڪتا ۽ لوڪ - سنگيت جي حوالي ۾ رام جي ڪاريه جي آساڌارڻ ساراهه ڪندي لکيو هو:

بمبئيءَ جو رهواسي هڪ پروفيسر، بمبئيءَ کان دور، بنگلور ۾ هزارن جي ميڙاڪي ۾، دل منجهان ڳائيندي، ديشواسين کي فرقيپرستي ۽ جاتيپڻي جي ويڇن کان پري رهڻ جي پرارٿنا ڪري ٿو. هن جي ننڍڙي سنگيت ٽوليءَ ۾ شامل آهن ملازم، ڪاليجي وديارٿي، بئنڪ جا بابو ۽ ٽائيپسٽ! سنگيت ۾ آهن صوفي ڪلام، غزل، قومي ترانا ۽ قواليون. گيتن ۾ اهڙي واڻي ڀريل آهي، سچائيءَ ۽ صداقت جو اهڙو مقناطيسي تاثير آهي، جو ٻڌندڙ بيخود بڻجي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين هڪ لئه، هڪ سر ۽ هڪ تال ۾ ڪنڌ ڌوڻين ٿا ۽ تاڙيون وڄائي فضا کي سنگيت ميه بڻائي ٿا ڇڏين. درشڪن ۾ ڪو ڀيد ڀاءُ نه ٿو رهي. ان وقت نه ڪوئي هندو رهي ٿو نه مسلمان، سڀ بڻجي وڃن ٿا سنگيت روپي شمع جا پروانا. سنگيت جا مستانا، پارسي - هندستاني! راشٽريتا جا مجسم! اهو جادونگار شخصيت جو مالڪ، جنهن انڪل ٽن ڪلاڪن لاءِ ديشواسين کي جاتيپڻي ۽ ڀيد ڀاوَ جي زهريلي اثر کان دور رکيو آهي: جئه هند ڪاليج جو پروفيسر رام پنجواڻي!

(پردي تي ”مدر انڊيا“ مخزن، بابوراءِ پٽيل ۽ رام جا فوٽوگراف فلئش ڪيا وڃن ٿا.)

... ...

سوترڌار! رام کي اسان کهڙن نه پيارن نالن سان پڪاريو آهي! اڄ سنڌيت ۽ رام جڻ هڪ ئي معنيٰ وارا ٻه لفظ لڳي رهيا آهن.

سنڌين جو سانسڪرتڪ ايلچي!

لوڪ - ڳائڪ!

انسان - ذات کي ارپي ڏنو هو. ان لاءِ دنيا جي هر نعمت کيس پاڻمرادو ملي ٿي وڃي.

"انوکا آزمودا" پستڪ تي کيس ڀارت سرڪار ساهتيه اڪاڊميءَ جو انعام ڏنو. نئشنل بوڪ ٽرسٽ جو ميمبر ٺاهيو ويو. ساهتيه اڪاڊميءَ جي صلاحڪار بورڊ تي کنيو ويو. بامبي يونيورسٽيءَ جي بورڊ آف اسٽڊيز جو چيئرمين ۽ سنڌي وشيه جو ڀريون ريڊر ٺاهيو ويو. رٽائر ڪرڻ کان پوءِ کيس ڪي. سي. ڪاليج جي گروهن لاءِ ڊپارٽمينٽس ۽ ڪلچرل اڪٽويٽيز جو آنرري پروفيسر مقرر ڪيو ويو. پاڻ فقط بي. اي. پاس هو، مگر پي. ايڇ. ڊي ڪندڙن جو گائيڊ مقرر ڪيو ويو هو ... ۽ آخر ۾ سنڌي جاتي ڌنيه ٿي ويئي جڏهن سنه ١٩٨١ع ۾ ڀارت سرڪار رام جي آساڌارڻ ڪارين جي قدرشناسي ڪندي کيس پدم- شريءَ جي پدوي ڏني. اهڙا لاکيڻا لال ئي پنهنجيءَ جاتيءَ جو ڳاٽ اوچو ڪندا آهن.

(پردي تي رام جون وڏن ۽ مکيه ماڻهن سان نڪتل تصويرون ڏيکاريون وڃن ٿيون. فقط تصويرون، آواز نه.)

رام ۽ مهاتما گانڌي	رام ۽ جواهر لال نهرو
رام ۽ راجيندر پرساد	رام ۽ راڌا ڪرشنن
رام ۽ مرارجي ڊيساءِ	رام ۽ ڪرشنا مينن
رام ۽ اندرا گانڌي	رام ۽ ڪرڻسنگهه
رام ۽ ڪامراج	رام ۽ يشونتراءِ چوهاڻ
رام ۽ آغا خان	رام ۽ ساڌو واسواڻي
رام ۽ ڊاڪٽر چوئٿرام	رام ۽ جئرامداس دولترام

(نوٽ: جيڪڏهن موجود هجن نه ڪن ٻين مکيه شخص سان نڪتل فوٽو گراف جوڙي سگهجن ٿا.)

(جئه هند ڪاليج جو ڊراما هال. هال درشڪن سان ڀريو
پيو آهي. اسٽيج تي رام سان گڏ ٻيا شاعر آهن: دلگير، دڪايل،
شاد، وفا، راهي، نرمل، گاجرا، ڪمل، آنچل، سڪايل، منوهر
ٻيدي، آشا، مست، فاني، پريم، ٻولڻ، حاسد، موهي، پارتي،
هريش، خادم، شيام، هريڪانت، ڪومل ۽ اندر.

رام: (مائيڪ جي اڳيان وڃي صدارتي تقرير ڪندي) :

اهو ساهتيه جنهن جي بنياد ۾ اخلاق نه آهي، اهو سچي ۽ معنيٰ ۾ ساهتيه نه آهي. انگريزي اديب جان رسڪن جا به اهڙائي خيال هئا. انگلنڊ جي جڳ - پرسڌ ڪويءَ جان ملٽن چيو آهي ته - منهنجي جيون جو مکيه اُديش آهي انسان جي اڳيان ايشور جي اچائن کي صحيح ثابت ڪرڻ. هڪ دفعو جيڪڏهن انسان اهو محسوس ڪري ۽ ان تي وشواس ڪري ته ايشور جيڪي ڪري ٿو سو انسان جي ڀلائيءَ لاءِ ۽ ايشور ڀوت نه ڪو ناحق آهي ۽ نه بي - انصافي ته پوءِ ڪنهن به انسان جي من ۾ لڙائي، جهڳڙي، ڪشمڪش، تناءُ، نراشا، اَرٿ - هينتا جي ڀاونا لاءِ ڪائي جڳهه ئي نه رهندي.

جيڪي ساهتيڪار عام جنتا جي ڪمزورين جو فائدو وٺي، الي ۽ ناٽڪي لاءِ فاحش ادب لکن ٿا، اهي اديب نه آهن بلڪ انسان جا دشمن آهن. سيڪس ۽ ڪرائيم جا وشيه تمام گهڻو ڙن ٿا، ڇو ته اهي معصوم جنتا جي حيواني جذبات کي سڪين ڏين ٿا. هونئن ته دنيا ۾ چڙهڻ ڪان ڪرڻ گهڻو سؤلو هي. سچا ساهتيڪار آهيو ته جنتا کي مٿي چاڙهيو. ماڻهوءَ جي ڪمزورين جيتڻ ۾ مدد ڪريو. انسان جي ڪمزورين ۽ هيڻ- اونائن تي مالهائون نه چاڙهيو.

توهان مون کي اڄ جي ڪوي - سميلن جو صدر بڻايو، ان ۽ مان توهان جو شڪرگذار آهيان، پر اڄ منهنجي طبيعت ذرا

A Living Legend !

سنڌيت جي سڃاڻپ !

سنڌ جي امانت !

پر اسان نه هوند ائين چئون نه رام هڪ Dancing Apic هو. هڪ نرليه-شيل مهاڪاويه !

(رام گول گول ڦيريون پائي نچي رهيو آهي. فيڊ آئوٽ.)

... ...

(ڦيڊ ان. پردي تي لکيل آهي.)

٢٨ مارچ ١٩٨٧

چنبور

(صبح جو وقت آهي. سيتا سنڌو پون جي مکيه ڦاٽڪ وٽ رام ۽ ڏيون پوڄواڻي بيٺا آهن.)

رام : منهنجا سڀ فوٽا تيار ڪري رکه. خبر نه آهي ڪهڙي وقت اچي ضرورت پوي.

ڏيون : ٺيڪ آهي. مان اڄ ئي ان ڪم کي لڳي ٿو وڃان.

رام : غفلت اصل نه ڪجي. ڪوئي وقت پڇي ڪونه ٿو اچي.

(ڏيون پوڄواڻي عجيب نظرن سان رام ڏانهن نهاري ٿو.)

رام : اڄ به آرام ڪونه ملندو. دلگير آيو آهي آديپور مان. يار سان به ڪجهه روح رهاڻ ڪندس. وري شام جو مشاعرو به آهي. طبيعت به ڪجهه ٺيڪ ڪونه ٿي لڳي.

ڏيون : پوءِ آرام ڪريو نه. ايڏي هٺ-پٺوڙ ٺهي نه ڪونه ٿي.

رام : آرام؟ ڪنداسين، پيارا ڪنداسين !

ڏيون : مشاعرو ڪٿي رکيو اٿائون؟

رام : جئه هند ڪاليج ۾- ساهتيه اڪاڊميءَ وارن سڏايو آهــــي.

... ...

ڏوڏيجا : مان شخصي فائدن جي ڳالهه ڪونه ٿو ڪريان. سنڌين ۾ هن جهڙا ايڪتا آندي آهي ان ايڪتا جي طاقت کي هڙُ جاتيءَ جي فائدي لاءِ ڪم آڻي نه سگهيو آهي. وڏي ڏک جي ڳالهه ٿيندي جيڪڏهن رام هڪ شخص واري جماعت ٺهي رهجي ويندو.

دوست : برابر، اهو جاتيءَ جو درياڳ ٿيندو.

ڏوڏيجا : رام برابر مهان ڪرم-يوگي آهي پر جوت مان جوت جلڻ گهرجي. سنڌي جاتيءَ کي اهڙن ڪرم-يوگين جي قطار جي، زنجير جي ضرورت آهي.

(رام مالهيءَ ۽ مست سان گڏ ڪاليج جي عمارت کان ٻاهر ايندو نظر اچي ٿو. آس پاس ڪجهه ٻيا ماڻهو به بيٺا آهن. رام مالهي ۽ مست هڪ هنڌ ٻيهي رهن ٿا ۽ ڳالهائڻ لڳن ٿا. ڪجهه ٻيا ماڻهو به آس پاس اچي جمع ٿين ٿا.)

مالهي : اڄ توهان جي طبيعت ٺيڪ ڪونه ٿي لڳي.

رام : گوبند، انسان طبيعت تي نه پر آتم وشواس تي زنده رهندو آهي. شرير کان من جي شڪتي ۽ من کان آتما جي شڪتي گهڻو گهڻو وڌيڪ آهي.

مست : چيٽي چنڊ وارا هي ڏينهن توهان لاءِ آهن به ڏاڍا مشغولين وارا.

رام : هرڪو ٿو زور ڀري نه هتي اچ، هتي اچ. نه ڪرڻ تي مان سگهيو ٿي ڪونه آهيان. مست، بس مستي هلائي رهي آهي. باقي جسم تي ڪو ڀروسو ڪونه رهيو آهي.

مالهي : سائين، نه ڪرڻ سگهو.

رام : (مرڪي) لڳي ٿو مالهي، جسلوڪ وارو واقعو ڀلائي ويٺو آهين.

(ڪئميرا گوبند مالهيءَ جي چهري تي. مالهيءَ جو

نيڪ ڪونه ٿي لڳي. مان آخر ڪائين توهان جو ساٿ ڏيئي نه
سگهندس. ان ڪري مان پنهنجي جوابداري ...

(هري دلگير ڏانهن منهن ڪندي)

... سنڌي زبان جي اعليٰ شاعر ۽ بيجوڙ گيتڪار پنهنجي
پياري دلبر دوست ۽ گرپائي هري دلگير کي سونپيان ٿو ۽
توهان کان معافي ٿو طلبيان ...

(رام هٿ جوڙي سڀني کي نمسڪار ڪري ٿو ۽ گلدستو
(بڪي) هري دلگير جي حوالي ڪري اٿي ٿو ۽ ٻاهر وڃڻ لاءِ
اڳتي وڌي ٿو.)

(ڪاليج جي مکيه دروازي وٽ هڪ ڪار بيٺي آهي. ڪار
جي ڊرائيونگ سيٽ تي ناڪر چاولا ويٺو آهي. رام ڪاليج کان
ٻاهر نڪري رهيو آهي. هن سان گڏ ٻه ـ ٽي ماڻهو به آهن.
رام ڪار جو دروازو کولي اندر ويهي ٿو ۽ خالي نظرن سان
ڪاليج جي عمارت ڏانهن نهاري ٿو. ناڪر چاولا ڪار اسٽارٽ
ڪري ٿو.) (فيڊ آئوٽ.)

(فيڊ ان. پردي تي لکيل آهي.)

٢٩ مارچ ١٩٨٧
آرتوار

(صبح جو وقت. نئشنل ڪاليج باندرا. ڏونڏيچا ۽ سندس
دوست هڪ پاسي کان بيهي چانهه به پي رهيا آهن ۽ ڳالهه
ڳالهائي به رهيا آهن. ٻنهي جي عمر پنجونجاهه جي ارد گرد آهي.)

ڏونڏيچا : رام هڪ بهترين اسٽيٽمئن ته آهي پر سياستدان
ڪونهي. پنهنجيءَ مقناطيسي ڪشش مان هو پورو فائدو وٺي
نه سگهيو آهي.

دوست : اجا بيو ڪهڙو فائدو وٺي؟ ماڻهن کي ديوانو بڻائي
ڇڏيو اٿائين.

مالهي : (مرڪندي) ۽ مجبوري به آهي.

رام : هائو. جڏهن ڏينهن اسان کي ماڻهو نه مليا، تڏهن ڏينهن اسان جيئري ٿي مڇن جي قطار ۾ هوندا آهيون. مون کي يقين آهي ته اسان کي مٿي دم تائين هزارين ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ ملندا.

(مالهي عجيب نظرن سان رام ڏانهن نهاري ٿو. مالهيءَ جي چهري جو ڪلوز اپ. چهرو ڌنڌلو ٿيندو ٿو وڃي. فلئش بئڪ ختم. رام، مالهي ۽ نيڪچند مست ساڳيءَ جڳهه تي ويٺا آهن. آس پاس ڪجهه ماڻهو به آهن. مالهيءَ جي چهري تي ڦڪي مرڪ آهي.)

رام : گوبند، اڄ کان ٢٠ (ويهه) ڪن سال اڳ مون کي پهرين هارٽ اٽيڪ ٿي هئي. ڊاڪٽرن ڇهه مهنا مڪمل آرام جو نسخو ڪڍي هٿ ۾ ڏنو. هاڻي مان ڪو ڇهه مهنا چپ ڪري ويهڻ وارو هوس؟ وڃي ڊيوٽيءَ تي چڙهيس. پروگرام به ڏيڻ شروع ڪيم. سائينءَ کي پل پل جو حساب ڏيڻو آهي. وقت ڪيئن وڃايان. سوچيم بيماريءَ مان نيڪ ڪيو اٿائين ته اڳتي به پيو خيال رکندو. سو مست، اسان جا ساڳيا لاٽون ساڳيا ڇگهه.

مالهي : (ڪجهه گنڀير ٿي) اها ويهه سال اڳ جي ڳالهه آهي. ويهن سالن ۾ شرير خبر ناهي ڪيتري شڪتي وڃائي چڪو هوندو.

رام : (ڪنڌ لوڏي) سمجهان ٿو، گوبند مان به سمجهان ٿو. ان ڪري اڄ چوان ٿو ته هاڻي مون تي نه ڀاڙيو. اسان هلڻ وارا آهيون. هاڻي جوابداري توهان تي آهي.

(مالهي ۽ مست گنڀير ٿي ٿا وڃن.)

رام : شخصي مت - ڀيدن ۽ فائدن کي پاسيرو ڪري جاتيءَ جو ڀلو اڳيان رکو. شخص کان جاتي هر حال ۾ مٿي آهي. اسان سنڌين تمام گهڻو وڃايو آهي. اسان ۾ وڏيڪ وڃائڻ جي توفيق

ڪلوز- اپ. چهرو ڏنڊلو. فليش بيڪ شروع.)

(جسلوڪ اسپتال جو انٽينسو ڪيئر يونٽ. شيشي جي ديوار واري ڪمري ۾ رام بستري تي ليٽيو پيو آهي. رام جي پاسي ۾ سندس ڀيڻي هري ويٺي آهي ۽ مالهي بيٺو آهي.)

مالهي : (هٿ ٻڌي) سائين، هيئر رڳو اسان ٽي آهيون- توهان، دادي ۽ مان. ڪجهه عرض ڪريان؟

رام : (اکيون مالهيءَ جي منهن ۾ اٽڪائي) گوبند، تون ته منهنجو ٻچو آهين. ننڍي ڀاءُ سمان آهين. دل کولي چئي ڏي، جيڪو چوڻ ٿو چاهين.

مالهي : (رنيل جملو دهرائڻ واري نوع ۾) توهان ”نه“ ڪري سگهو. (ڪجهه دير ترسي) توهان پروگرام گهٽايو، گو سلو.

هري : (شڪايتي نوع ۾) توهان سمجهايوس. هاڻي اڃا جلگانو ۽ ناگپور مان پروگرام ڏيئي موٽيا هئا. مان ته ڪيترو ٿي سمجهايان. پر منهنجي ٻڌي ڪير ٿو! هي حال ته ڏسو پيا ٿا.

رام : (ڌيمي آواز ۾) گوبند، اها صلاح تون پاڻ کي ڏيندين؟ منهنجيءَ ڌيءَ ڀڳونتيءَ کي ڏيندين؟ (مرڪي) اصل نه ڏيندين.

مالهي : (ڪجهه ڦڪو ٿي) توهان جو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي. اڄ- ڏهه ڏينهن کان پروگرام نه هوندو آهي ته ڀڳونتي چوڻ شروع ڪندي آهي- هلو ته ڪنهن مندر ۾ ئي هلي ڳايون- مفت ۾.

رام : (چمڪيلي اکين سان مالهيءَ ڏانهن نهاريندي) بلڪل ٺيڪ. گوبند! ڀڳونتي ۽ مان نرالا ڪلاڪار آهيون. اسان ماڻهن جا ڪلاڪار آهيون. اسان کي هزارين ٻڌندڙ کپن. ماڻهن جا ٽهڪندڙ چهرا کپن. اسان چاهيندا آهيون ته جنتا تي اسان جو جادو سدائين چڙهيو پيو هجي. اها اسان جي خوراڪ آهي، شڪتي آهي، زندگي آهي.

رڪشا : ٻيو ڪجهه ڪڇيو؟

رام : نه پُٽ، پنهنجا ڪاڻ جا ڏينهن نه ڪڏهوڪو ويا هليا.

(فون جي گھنٽي وڄي ٿي. رڪشا فون ڏانهن وڪائيءَ سان نهاري ٿي. رام فون کڻي ٿو. رڪشا ٻئي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي.)

رام : (فون ۾) رام آهيان فرمايو.

(فون ۾ ڪجهه دير ٻڌي ٿو)

رام : ادا، اڄ سومر جو ڏينهن آهي. اڻٽيهن سالن کان منهنجي گهر ۾ سومر جي چونڪي ٿيندي آئي آهي، ان ڪري ڪنهن ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ مون لاءِ ممڪن ئي ڪونهي ...

آواز : (رام کي اڌ ۾ ڪٽي ـ فون مان) دادا، توهان "هـا" ڪئي هئي. توهان پاران قبوليت ڏني هئي ...

رام : (اڌ ۾ ڪٽي) مڃان، ها ڪئي هئم جو "نه" ڪري نه ڄاڻان. چڱو، مان ڪوشش ڪندس. ڀڳوان سڀ ڀلي ڪندو.

(فون هيٺ رکي ٿو.)

رام : (پاڻ سان ڳالهائيندي) جيڪا سائينءَ جي اڇا. جيڪو ٿيندو، نيڪ ئي ٿيندو.

(فون جا نمبر گهمائي ٿو) ناري آهين؟ مان رام. پاڻڙا، تو وٽ ميلي ۾ ايندس. نچندس، ڦيريون پائيندس. ٽوڪي، مرليڌر کي ۽ شنڪر کي نچائيندس. ٻڌ ياءُ، پنهنجيءَ ڪڪيءَ هنيءَ ۽ نانيءَ انيل کي به گهرائجانءِ. سندن ڪڪي اڌڙاج کي به جهولائيندس ۽ ٻالڪ لاءِ پلئه پائيندس!

(فون رکي ٿو ۽ وري ٻيو نمبر ڊائل ڪري ٿو)

رام : (فون ۾) ٺاڪر! پٽ، ڪو مڃي ئي ڪونه ٿو. فون ٿي فون پيو اچي. لڳيٽو اڄ سيٺي وٽ هلڻو ئي پوندو. ڀاروءَ کي چئو ته جلد تيار ٿئي. ٽون پنهنجي ڪار کڻي هل. نه نه واپسيءَ مهل ڪانئي موٽر ئي ڪونه ملندي ـ ٻهراڻون ساڍ ـ ٻيلي هلنداسين.

... ...

ڪونهي. حقيقتون ٻڌڪيو ۽ وقت جي گهرج مطابق ڪارڻ ڪريو. نه نه .... نه نه ... اسان جي سڄي جائي ٽڪر ٽڪر ٿي ويندي، ڏاڍو ڏاڍو ٿي ويندي.

ٺاڪر: (اوچتو اچي) دادا، ڪار آندي اٿم - سنڌو پون ٻـ- هلڻو اٿوَ نه؟

رام: هائو پٽ. چيٽي چنڊ ملهائڻو آهي نه. هل، چڱو سدائين آباد رهو، باغ بهار رهو.

(رام ٺاڪر چاولا سان اڳتي وڌي ٿو وڃي. مالهي ۽ مست پنيان نهاريندا رهن ٿا. فيڊ آئوٽ.)

... ...

(فيڊ ان. پردي تي لکيل آهي)

٣٠ مارچ ١٩٨٧

سومر

(رام محل، مهيم ۾ گرائونڊ فلور واريءَ پنهنجيءَ فليٽ جي روم ۾ رام فون تي ڪنهن سان ڳالهائي رهيو آهي. فون ڪنڊ وٽ پيو آهي ۽ رام ڪوچ تي ويٺو آهي - ٿڪل ۽ ڪجهه ڪجهه ڪمزور. صبح جو وقت آهي. رام کي اڇو گهرو لباس پيو آهي.)

رام: ادا، سڀني ٻانيڪارن ڪارڊ ۾ منهنجو نالو ڇپائي ڇڏيو آهي. ٻر مان اڪيلو ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن ويندس! هرڪو ٿو چاهي ته مان هن وٽ پنج منٽ ئي وڃان. ڪوئي منهنجي مجبوري ته سمجهي ئي ڪونه ٿو.

(ڪجهه دير رسيور ۾ ٻڌڻ کان پوءِ)

رام: چڱو ادا، ڪوشش ڪندس، جهولي لال مڙيوئي ڀلو ڪندو.

(فون رکي ٿو. سندس نُهن رکشا، پاڻيءَ جو گلاس کڻي اچي اڳيان رکيس ٿي.)

اڃا ٻه ٿورو ٿورو پرساد کائي رهيا آهن.)

رام: اڄ مڙيوئي ڀوڳي چنڊيءَ تي هلڻو آهي.

ٻارُو: لڳي ٿ. اِئين ٿو.

ٺاڪر: توهان اِهي شيون وڌيڪ نه کائجو.

رام: پرساد کڙو به هجي، امرت آهي پر ... ۽ هاڻي وري هي وهم ڇا جا ؟

(ڪار ڦرڙاٽ ڪندي رستي تان ڊڪندي ٿي وڃي.)

... ...

ڪار. جهولي لال مندر جي ٻاهران لڳل پنڊال.

(پنڊال ڪان ٿورو پري رستي تي ڪار اچي بيهي ٿي. ڪار مان رام، ٺاڪر ۽ ٻارُو لهن ٿا. ماڻهن ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ٿي وڃي. "آيو لال - جهولي لال" جي گرجنا سان آسمان گونجي ٿو. سڄو پنڊال ماڻهن سان ڀريو پيو آهي. ڪئميرا پنڊال ۾ ئي ٺاهيل ڪچيءَ اسٽيج کي ڪَوَر ڪري ٿي. رام، ٺاڪر ۽ ٻارُو اسٽيج تي اچن ٿا. رام آس پاس نهاري ٿو. سازنده نظر ڪونه ٿا اچن.)

رام: (هڪ شيواڌاريءَ کي) سازن وارا ڪونهن ؟

شيواڌاري: (ششدر ٿي هٻڪندي) نه - سائين سازن وارا...

رام: (پرواهه نه ڪندي) ٺيڪ آهي.

(رام اسٽيج تي ٺهي بيهي ٿو. ماڻهو شانت ٿي ٿا وڃن. رام منڊ مرڪ پکيڙي سنگت ڏانهن نهاري ٿو.)

رام: جيڪو چوندو جهولي لال!
تنهنجا ٿيندا ٻيڙا پار!!
آيو لال

سڀ: جهولي لال

رام: جهولي لال

سڀ: آيو لال.

ساڳ - پهريون آشرم. صبح جا ڏهه لڳا آهن.

(آشرم جي مکيه دروازي وٽ ڪار بيٺي آهي. ڪار مان رام، ناڪر ۽ پارو چاولا لهن ٿا. ماڌوَ جا حشام بيٺا آهن ۽ رام جو انتظار ڪري رهيا آهن. رام کي ڏسندي ئي سڀ خوشيءَ مان ڪيس ڪيڪارن ٿا ۽ ڪجهه ماڌو اندر ڊوڙي وڃن ٿا. "آيو لال - جهولي لال" جا نعرا لڳي رهيا آهن. رام عام لوڪن کي هٿ جوڙي نمسڪار ڪري ٿو ۽ دروازي کان اندر وڃي ٿو. ناڪر ۽ پارو هن جي پٺيان پٺيان آهن.)

(ڪئميرا لال سائينءَ جي مورتيءَ کي ڪور ڪري رهي آهي. رام لال سائينءَ جي اڳيان جهڪي پرڻام ڪري ٿو ۽ اسٽيج تي اچي ٿو. سوامي گڻيشداس کان آشيرواد وٺي ٿو ۽ ماڌوَ ڏانهن منهن ڪري ٿو)

رام: آيو لال

ماڌو: جهولي لال

رام: جيڪو چوندو جهولي لال !

ماڌو: تنهنجا ٿيندا بيڙا پار!!

(رام جهمر پائي ٿو)

(ڪئميرا آشرم جي دروازي وٽ بيٺل ڪار کي ڪور ڪري رهي آهي. ماڌوَ جي اچ وڃ لڳي پيئي آهي. دروازي کان رام، ناڪر ۽ پارو چاولا ٻاهر نڪرن ٿا. سندن هٿن ۾ آشرم مان مليل پرساد جا پئڪيٽ آهن. ٽيئي ڄڻا ڪار جي پرسان اچي ڪجهه پرساد ورهائين ٿا ۽ پوءِ ڪار ۾ چڙهن ٿا. ناڪر ڪار اسٽارٽ ڪري ٿو.)

... ...

(وسٽي تان ڪار ڊوڙندي وڃي رهي آهي. رام ۽ پارو چاولا پٺينءَ سيٽ تي ويٺا آهن. ناڪر ڪار هلائي رهيو آهي. هو

رام : ڪير؟
سڀ : ستنام ستنام ...
رام : ٢- سنڌس نام سمرڻ جو پل پل ڪري
تتل هردو تنهنجو تو سيتل ڪري
پارو : ڪيڏي مئل ٻڌ کي تو اوُجل ڪري
ڏيئي آتم گيان تو پربل ڪري
رام : ڪير؟
سڀ : ستنام ستنام ...
رام ۽ پارو : ٣- ڀڳت ڀاونا سان پڪاري اچي
ڪري دور دک درد ٽاري اچي
ڪيڏي لهر لوڏن مان تاري اچي
"دکايل" لڳائي ڪناري اچي - ڪير؟
سڀ : ستنام ستنام ...

(ماڻهو ڏن تي تاڙيون وڄائيندا رهن ٿا)

رام : (پاروءَ کي) هاڻي هنن کان موڪلايون .... ۽ هلون اڳتي.

(رستي تي هڪ ڪار ڊوڙي رهي آهي. ڪار ۾ اندر اڳيان ٺاڪر ۽ رام ويٺا آهن، پارو چاولا پنهنجي سيٽ تي ويٺي آهي.)

رام : (واچ ڏسندي) ڇهه ٿي ويا آهن. رڳو پون ٻه اجهو پهتاسين.

ٺاڪر : دادا، توهان ٿڪجي پيا هوندا؟ سڄو ڏينهن هڻ- پتوڙ ڪئي اٿوَ.

رام : حال نه ٿڪ کي ياد ٿي نه ڪرڻو آهي، سڀاڻي ڏسبو. سائينءَ چاهيو نه اڳوپوءِ آرام ڪنداسين.

(رام ٽهڪ ڏئي ٿو.)

....

رام: شاباس! خاموشيءَ جو تالو نه ٽٽو. جهولي لال جا پيارو! ڪار سان منهنجو خاص ناتو آهي. ورهاڱي کان اڳ به مان هتي ڪيئي دفعا آيو هوس. مهاتما گانڌيءَ سان منهنجي پهرين ملاقات هتي ڪار ۾ ئي ٿي هئي. گيان-گهر هتي ئي آهي؛ اڄ منهنجي جهولڻ، منهنجي لال سائينءَ جو مندر به هتي نه ٿي ويو آهي. سڀ ليلا آهي سائينءَ جي، ويٺو ڏس ۽ مرڪ. ٿيو سڀ پيو آهي، فقط اکين سان ڏسڻو آهي.

(ماڻهو تاڙيون وڄائن ٿا.)

رام: هتي آيس نه پتو پيو ته ساز ته آهن ئي ڪونه. سٺو ٿيو. لال سائينءَ جي ڀڳتن کي سازن جو به محتاج ڇو ٿيڻ گهرجي. هيءَ پرٿوي، هي آڪاش، هي سج، هي چنڊ، هي تارا، هي وڻ-ٽڻ، هي نديون، هي پهاڙ، ڇا اهي سڀ ساز نه آهن، جن تي پرماتما سدائين امرتا جو راڳ ڳائيندو رهي ٿو؟ منهنجا ساز توهان آهيو. مان ۽ پارو ڳايون ۽ توهان تاڙيون وڄايو. ان کان وڌيڪ ٻيا ڪهڙا ٻئنڊ باجا کپن؟ هلي آءُ پٽ پارو! لڳاءِ ستنام جي ڌني.

(پارو چاولا به اچي رام جي اڳيان بيهي ٿي. ٻئي ڳائن ٿا ۽ ماڻهو تاڙيون وڄائي ساٿ ڏين ٿا.)

رام: ستنام ستنام ستنام جي
واهگرو واهگرو واهگرو جي

پارو: ستنام ستنام ستنام جي
واهگرو واهگرو واهگرو جي

رام: ١- تون جپ پاڻ پيارا ٻين کي جپاءِ،
نمڻ ٻرڪي شرڌا سان گرو گيت ڳاءِ

پارو: رکي پريم ستنام سان لنءُ لڳاءِ
اچي انت ويلي جو ٿيندءِ سهاءِ

رام: (ڳائڻ روڪي ۽ سازندن کي بہ رڪجڻ جو اشارو ڪري) ٽرسو، ٽرسو. ناري، هلي آءُ اسٽيج تي. مرليڌر، تون بہ اچ ۽ شنڪر تون بہ هلي آءُ. هني، انيل ۽ ڪڪو اُڌيراج بہ اچن هتي - منهنجي اڳيان. اڄ اسان سڀ گڏجي نچنداسين، جهمر پائينداسين. ڦيريون پائينداسين.

(ماڻهو زور سان تاڙيون وڄائن ٿا. ناري، مرليڌر، شنڪر، هني، انيل ۽ ٻالڪ اُڌيراج اسٽيج تي اچن ٿا. رام سازندن کي اشارو ڪري ٿو. هڪ مڌر ڌن وڄڻ شروع ٿئي ٿي. ان ڌن تي رام سان گڏ ناري، مرليڌر ۽ شنڪر بہ نچن ٿا. انيل بہ ناچ ۾ هنن کي ساٿ ڏئي ٿو. هنيءَ جي گود ۾ اُڌيراج آهي. هني ۽ پارو پيرن سان تال ملائن ٿيون ۽ ڦهيمندي ي نگہ سان بدن ۾ لوچ آڻين ٿيون. هڪ عجيب قسم جو ماحول پيدا ٿي ٿو وڃي. اوچتو رام ٻالڪ اُڌيراج کي هنيءَ کان وٺي پنهنجي گود ۾ جهلي ٿو ۽ ٻالڪ سان گڏ نئي جهمر وجهي ٿو. ماڻهو خوب تاڙيون وڄائن ٿا. ناري وغيره پاسيرا ٿي وڃن ٿا. اسٽيج تي هاڻي فقط رام ۽ پارو آهن. ساز وڄي رهيا آهن.)

رام: بادل آيا بهار ميان!

پارو: ڪرڪا وسڻ جي يار ميان!!

ٻئي: بادل آيا ...

رام: گل گلابي ڪنول ڪوماڻا،
ٽوڙي چمن چوڌار ميان! بادل آيا ...

پارو: ڪري وسڪارو پر تون ٻاريون،
ڪڙن گل گلزار ميان! بادل آيا ...

رام: وڻ ٽڪا سڀ ساوا ڪر تون،
ٽيين انب انار، ميان! بادل آيا ...

رنگ - ڀون جي اسٽيج.

(ٽي. وي. ڪلاڪار سريتا سينٽي هٿ ۾ مائيڪ جهلي بيٺي آهي. سامهون نهاري ٿي. رام ٺاڪر ۽ پارو اندر هال ۾ اچي رهيا آهن. سريتا جي اکين ۾ چمڪ اچي ٿي وڃي.

سريتا: (مائيڪ ۾) لو، آ گئي سنڌيون کي سرتاج ...

(هال تاڙين سان گونجي ٿو. ڪيترا ماڻهو ڪنڌ ورائي پٺيان نهارن ٿا. رام آس پاس جي ماڻهن کي ڪيڪار جو جواب ڏيندو، مرڪندو، ڏيمي چال سان اڳتي وڌي ٿو. جنهن صوفا تي ٽڪٽي لڳل آهي "رام پنجواڻي" اُتي وڃي ويهي ٿو. پاسي ۾ پارو ۽ ٺاڪر چاولا به ويهن ٿا.)

سريتا: (مائيڪ ۾) اَب هم پدم شري رام پنجواني اوُر شريمتي پارو چاولا جي سي اَنروڌ ڪرينگي ڪ وي صاحب اسٽيج پر آئين اوُر اپني گيتون سي جادو جگائين ...

شري رام پنجواني جي اوُر پارو چاولا جي ...

(پنهنجا نالا ٻڌڻ سان ئي رام ۽ پارو اسٽيج ڏانهن وڃڻ شروع ڪن ٿا. سريتا جو جملو پورو ٿيڻ سان گڏ ئي هو اسٽيج تي پهچي ٿا وڃن. سريتا هڪ طرف هٽي ٿي وڃي. هاڻي اسٽيج رام ۽ پاروءَ جي حوالي آهي. ماڻهو تاڙيون وڄائن ٿا. رام فخر ڀري مرڪ سان پاروءَ ڏانهن نهاري ٿو. مطلب ته هاڻي ميدان اسان جي هٿ ۾ آهي. ساز وڄڻ شروع ٿين ٿا ۽ رام ۽ پارو ڳائن ٿا.)

رام: بادل آيا بهار ميان!
ڪڙڪا وسڻ جي يار ميان!!

پارو: بادل آيا بهار ميان!
ڪڙڪا وسڻ جي يار ميان!!

ٻئي: بادل آيا ...

رام : يار، اِها سڪ ئي نہ چڪي آٽي ئي. لکين دفعا انجام ڪيم نہ ڪٿي ڪون ويندس ۽ لکين دفعا اُئي هڪ ڏڪ سان ٽوڙي ڇڏيم.

پرسرام : بلڪل هڪ شرابيءَ جي توبهہ وانگر.

(پٽي زور سان کلن ٿا)

پرسرام : هان وٺو هي پرساد.

(رام کي ريوڙين جو پئڪيٽ ڏئي ٿو.

پرسرام : هاڻي هلو اسٽيج تي. ماڻهو توهان لاءِ اکيون وڇائي وينا آهن.

(ڪئمپرا ميدان ۾ ڏاهيل اسٽيج کي ڪوَر ڪري رهي آهي. اسٽيج تي ڪجهہ سازندا وينا آهن جيڪي ڪائي ڌن وڄائي رهيا آهن. رام ۽ پارو چاولا اسٽيج تي اچن ٿا.)

رام : جهولي لال

سڀ : آيو لال

رام : جيڪو چوندو جهولي لال !

سڀ : تنهنجا ٿيندا بيڙا پار !!

(رام ۽ پارو چاولا ڳائڻ لاءِ تيار ٿين ٿا. سازن وارا ڌن ڇيڙن ٿا.)

رام : ڪلنگيءَ وارا لال گهڙي اچ گهر ۾ !

پارو : گهڙي اچ گهر ۾، اکيون منهنجون ٺر ۾ !!

پٽي : ڪلنگي ...

رام : ا- مسڪينن تي مهر ڪرين ٿو
گهرجائن جا جهول ڀرين ٿو
بيحد تنهنجا پال، گهڙي اچ گهر ۾ !

پٽي : ڪلنگي ...

ٻَئي : "پوڄي" کي نت آس جا آهي،
لهندين سار سنڀار، ميان! ٻادل آيا ...

(رام ڪجھ دير ڏن تي جهمر وجهي ٿو. ماڻهو ناڙين سان سڄو هال مٿي تي ٿا وٺي کڻن.)

... ...

(رات جو وقت آهي. رستن تي بجليءَ جي بتين جي روشني جهرمر ڪري رهي آهي. هڪ ڪار تيز رفتار سان ڊوڙي رهي آهي. ڪار ۾ رام، ٺاڪر ۽ پارو ويٺا آهن.)

رام : هاڻي پٽ هل ڪوپريج.

ٺاڪر : دادا، ڏهه وڄڻ وارا آهن. ڪجھ پنهنجيءَ صحت جو ته ڪو اونو رکو.

رام : پرسرام جهولي لال وارو پنهنجو دلبر يار آهي. ان جي دل ٽوڙڻ دل نه ٿي چاهي.

پارو : دادا، توهان جا ته سڀ دلبر يار آهن.

رام : ان ڪري نه پٽ، مان ڪنهنجي دل نه ٽوڙيندو آهيان.

... ...

(ڪوپريج. بتين جي جهرمر رات کي ڏينهن بڻائي ڇڏيو آهي. ميدان ڪچا ڪچ ڀريو پيو آهي. ڪئميرا رام جي ڪار تي. ڪار ميدان جي پرسان بيهي ٿي ۽ ان مان رام هيٺ لهي ٿو. هن جي پٺيان ٺاڪر ۽ پارو لهن ٿا. ڪئميرا امرلال جي تصوير کي ڪور ڪري ٿي. ڪيترائي ماڻهو اچي وڃي رهيا آهن. هڪ پاسي کان پرسرام جهولي لال وارو به ويٺو آهي. رام اچي ٿو. ڀيرون جهولي لال جي مورتيءَ کي هٿ جوڙي پرڻام ڪري ٿو ۽ پوءِ پرسرام سان گلي ملي ٿو.)

پرسرام : وڏي ڪرپا ڪئي توهان جو به پير ڀري هتي آيو. هن سڄي ميدان تي موجود جنتا توهان جي انتظار ۾ ويٺي آهي.

(رام ٻيهه جو ٽڪر ڪٽي وات ۾ وجهي ٿو. پارو ۽ ٺاڪر ٻه
ٺڻ شروع ڪن ٿا.)

... ...

رام محل ويندڙ گهٽيءَ جو منهن - مين روڊ.

(رات جا ساڍا ڏهه ڪن ٿيا آهن. هڪ ڪار اچي اتي بيهي
ي. ڪار ۾ رام، پارو ۽ ٺاڪر ويٺا آهن. سنگيت جو آواز اچي
هيو آهي.)

ام : گهر ۾ اڃا چؤنڪي هلي رهي آهي.
(واچ ڏانهن نهاري) ساڍا ڏهه ٿي چڪا آهن. پٽ، نڪتا
هيون ته اڳويوءَ باندرا اوپن ٿيٽر ۾ ٻه هلون ...

ارو : دادا ...

ام : (ڪيس وچ ۾ روڪي) ڄاڻان ٿو، تون جيڪو چوڻ ٿي
ماهين. پر باقي هِنن ويچارن کي ڇو نراس ڪريون؟ ٺاڪر پٽ،
لاءِ ڪار کي .... باندرا اوپن ٿيٽر!

... ...

باندرا اوپن ٿيٽر.

(اسٽيج تي سازن وارا ساز وڄائي ڪائي ڌن پيش ڪري
هيا آهن. رام ۽ پارو اسٽيج تي اچن ٿا. ماڻهو تاڙيون وڄائن ٿا.)

ام : واهه ڙي سنڌي! رات جا ٻارهن لڳا آهن اڃا ٻه هائوس
ل ڪري ويٺا آهيو. سائين سگهه ڏيندو، اُتساهه ۽ اُمنگ ڏيندو.
ئين ٿي سدائين سنڌيت جا ميلا مچائيندا رهجو.

(ماڻهو تاڙيون وڄائن ٿا)

ام : (پاروءَ ڏانهن منهن ڪري) پارو، اڳيئو ماڻهن کي اڃا
سان جي ضرورت آهي. اڃا ماڻهو اسان کي چاهين ٿا. هيتري
ڌير تائين انتظار ۾ ويٺا آهن!

ارو : دادا جلدي هلجو هتان.

ٻارو : ٢- توهه ٽمهنجي سان ٽار مان ٽارين
ٻيو - ساگر مان پار اُٽارين
رکي ونءِ رکپال، گهڙي اڄ گهر ۾!

ٻئي : ڪلنگي ...

رام : ٣- هلنديءَ پنهنجيءَ شال هلائين،
ممتا جي ڪنهنجي ڪين ڪيائين،
ننگ رکج ننگپال، گهڙي اڄ گهر ۾!

ٻئي : ڪلنگي ....

ٻئي : ٤- گلن ڦلن جي ٻيٽ ٽريان مان،
ٻجهڙا ڳايان، جوليون جڳايان،
گهوريان موليون ٽال، گهڙي اڄ گهر ۾!
ڪلنگي ...

(ماڻهو تاڙيون وڄائن ٿا. رام ۽ ٻارو اسٽيج تان هيٺ لهن ٿا ۽ رستي ڏانهن وڃن ٿا. وچ ۾ ئي هڪ ماڻهو کين روڪي ٿو)

مڪومل : (رام کي هڪ باڪس ڏيندي) سائين منهنجو نالو آهي مڪومل. هن باڪس ۾ ڪجهه پڪوڙا، پتاشي ٽڪيون، ڊبل روٽي ۽ ٻيهه جا ٽڪرا اٿوَ. ڪجهه خاص نه ڪونهي پر ....

رام : (باڪس وٺندي) پيارا، سڪ جو ڪو ملهه ڪونهي. چڱو پيارا، سدائين خوش هجين، باغ بهار هجين.

(رام، ٺاڪر ۽ ٻارو اڳتي وڌن ٿا. ڪئميرا ڪار ٽي. ٽيڪسي ڪار ۾ وهن ٿا. رام ۽ ٻارو پٺيان وهن ٿا. ٺاڪر ڪار اسٽارٽ ڪرڻ چاهي ٿو)

ٻارو : ترسو. ڪجهه پرساد کائي وٺون.

ٺاڪر : ٺيڪ آهي. (انجڻ بند ڪري ٿو)

ٻارو : دادا، توهان کي به بک لڳي هوندي. ڇا ٿا کائو؟

رام : پٽ، ڪجهه کائڻو نه ڪونهي پر اڄ سڀ کائيندس.

پارو : دادا، توهان کي ڪر-مائو سکه ۽ سهوليت ڏيئي اسان ته اُمر ٿي ويندا سين.

رڪشا : دادا، سٺڌي سٺڌي آهن.

ناڪر : هر ڪم ۾ پنهنجو فائدو ڏسڻ وارا.

(رام ڪان سواءِ سڀ کلن ٿا)

رام : (گنڀيرتا سان) نه پٽ، ائين نه چئو. ڌاريا توهان جي مذاق ڪري به گنڀيرتا سان ڪڍن ٿا ۽ توهان کي بدنام ڪن ٿا. سنڌي سنڌي آهن ڇو ته اُهي هر ڳالهه ۾ ٻئي جو فائدو ۽ پلو ڀريون سوچيندا آهن.

(ڪجهه دير ماحول گنڀير رهي ٿو)

پارو : چڱو دادا ...

رام : هائو پٽ، هاڻي وڃو. جوڙي جيئندي رهي. سدائين موج ۽ مستيءَ ۾ رهو، باغ بهار رهو.

(پارو ۽ ناڪر چاولا وڃن ٿا.)

رڪشا : دادا، ڪجهه کپيوَ ؟

رام : نه پٽ، تون به وڃي آرامي ٿيءُ.

(رڪشا در بيڪڙ ڪندي وڃي ٿي. رام لائيٽ وسائي ٿو ۽ بستري تي ليٽي اکيون ڪڍي ٿو پوري.)

... ...

(ڪئميرا ڪجهه دير زيرو بلب تي رهي ٿي. پٽ کي ڪوَر ڪندي رام کي ڪوَر ڪري ٿي. رام سمهيو پيو آهي. بدن تي سنهڙي چادر پيئي اٿس. اوچتو ٻاهران ڪتن جي اوناڻڻ جو هولناڪ آواز اچي ٿو. رات جي سناٽي ۾ اهو آواز دل ڏڪائي رهيو آهي. اوچتو رام پاسو ٿو ورائي ۽ اکيون کلي ٿيون وڃنس. ڪتن جي اوناڻڻ جو آواز اڃا چالو آهي. رام جي بدن تي ڪجهه پسيني جون بوندون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. رام

رام: هائو پٽ، هاڻي جلدي ٺي هلندس. مهيندر ۽ رڪشا ب
انتظار ۾ هوندا.

... ...

رام جي فليٽ.

(ڪمري ۾ مهيندر ۽ رڪشا ويٺا آهن. رڪشا پورن ڏينهن
سان آهي. چؤنڪي پوري ٿي چڪي آهي. رات جا ٻارهن
لڳا آهن.)

رڪشا: اڃا دادا ڪونه آيا آهن. ٻارهن به ٿي ويا آهن.

مهيندر: رڪشا، تون وڃي آرام ڪر. اڄ اڌ رات تائين جاڳڻ
تو لاءِ سٺو ناهي. پوُ ٺيڪ ريسٽ.

رڪشا: ٺيڪ آهي پر مون کي ائين ننڊ به ته ڪونه ايندي نه.

مهيندر: ڊئڊيءَ کي نه پنهنجيءَ صحت جو به خيال ڪونه
آهي. مون کي ته ... خير، مان ڊئڊيءَ کي ڇا ٿو چئي سگهان.

(ڪال بيل جو آواز ٿئي ٿو)

رڪشا: (اٿندي) دادا اچي ويا. مان در کوليان ٿي.

(در کولڻ جو آواز. ڪجهه ئي دير ۾ رام ۽ ٺاڪر اندر اچن
ٿا. رام ڪجهه وڌيڪ ڪمزور ۽ ناچاڪ لڳي رهيو آهي. هنن جي
پٺيان رڪشا ۽ پارو به اندر اچن ٿيون. ٺاڪر رام کي وٺي وڃي
سندس بستري تي ويهاري ٿو.)

رام: پٽ ٺاڪر، هاڻي تون ڀلي ڪنوار سوڌو وڃ. ڏاڍي
تڪليف ٿو ڏيان توهان کي.

ٺاڪر: دادا، تڪليف ڇا جي آهي ...

(ان وقت پارو ۽ رڪشا به ڪمري ۾ اچن ٿيون. مهيند
ٻاهرئين ڪمري ۾ آهي.)

ٺاڪر: ... توهان سڀڻين لاءِ، سڀڻيءَ لاءِ هيترو ڪجهه ڪريو ٿا
ڇا اسان جو فرض ڪونهي ته ان ۾ ڪجهه پنهنجو به يوگدان ڪريون؟

ڪئميرا رام تان ڦيندي، ديوار کي ڪَوَرَ ڪندي، ڏيري ڏيري سامهون واري ديوار تي وڃي ٿي رڪجي. ديوار وري اسڪرين ۾ بدلجي ٿي وڃي ۽ ان تي ڪي نظارا اڀرن ٿا.

بهترين طريقي سان سينگاريل هڪ هال. ان ۾ موجود هر ڪا شيءِ پنهنجو مثال پاڻ آهي. ڪنهن ارب - پتيءَ جي محلات جو هال لڳي رهيو آهي. هڪ ناهوڪو نوجوان هٿ ۾ شراب جو گلاس جهلي بيٺو آهي. هن جي بدن تي مهانگي ۾ مهانگو ٿري - پيس سوٽ پيو آهي. هال ۾ اڪيچار مهمان، مرد ۽ عورتون، پريا پيا آهن. مڌر سنگيت هلي رهيو آهي. سنگيت جي ڌن تي ڪي جوڙا ڊانس ڪري رهيا آهن. وردي پاتل بئرا هيڏانهن هوڏانهن اچ وڃ ڪري رهيا آهن. شراب پاڻيءَ وانگر وهي رهيو آهي. طرحين طرحين جا طعام پيا آهن. ميزبان تمام گهڻو خوش آهي. هر ڪوئي هن جي وڌيڪ ويجهو اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. خوب محفل متي پيئي آهي. وقت جو ڪنهن کي ڪوئي خيال ئي ڪونهي.

ڪئميرا ميزبان جي چهري تي. ڪلوز اپ. هن جو چهرو ٻهڪي رهيو آهي. اوچتو هن جي چهري جو رنگ بدلجي ٿو وڃي. جنهن چهري تي رونقون هيون، هاڻي ان تي زلزلي جا نشان صاف ظاهر آهن.

ڪئميرا هال کي ڪَوَرَ ٿي ڪري. سڄو هال خالي آهي. ميزون اُلٽيون ٿيون پيون آهن. فرش تي ڪاڏو ڪريو پيو آهي. گلاس ۽ بوتلون ٽٽل حالت ۾ پکڙيا پيا آهن. چوطرف هڪ ڀيانڪ خاموشي آهي.

نظارو بدلجي ٿو. اسٽيج تي رام جهمر پائي رهيو آهي. سندس چوگرد وڏا وڏا ماڻهو نچي رهيا آهن. رام جي چهري جي چمڪ لاثاني آهي. هال ۾ تر ڇڻڻ جي جاءِ ڪونهي. ماڻهو

اکيون بند ڪري ليٽي ٿو پوي. ڪٽن جي اوزائڻ جو آواز بند ٿي چڪو آهي. ڪمري ۾ تمام ڏيمي روشني آهي.

رام اڌ - ننڊ، اڌ - جاڳ جي حالت ۾ آهي. اوچتو سامهون واري ديوار وڏي پردي ۾ بدلجي ٿي وڃي ۽ ان تي ڪيئين نظارا ظاهر ٿين ٿا.

اونداهي رات آهي. ڀيانڪ سنگيت دل ۾ ڏپ پيدا ڪري رهيو آهي. درخت ڀوتن وانگر لڳي رهيا آهن. هوا ۾ لڏندڙ ٽاريون پريتن جي ٻانهن وانگر آهن ۽ پتا ڄڻ پاڻ ڏانهن اچڻ جا ڀيانڪ اشارا ڪري رهيا آهن. ڀيانڪ ندي وهي رهي آهي جنهن ۾ ڪيئين ڪوڙيون ۽ ڪٽيل انگ تري رهيا آهن. چيخن جا آواز. دور هڪ اڪيلو محلات نظر اچي رهيو آهي. ان جي درين مان ليٽا پائيندڙ روشني آنت کان وڌيڪ ڏپ پيدا ڪري رهي آهي. عجيب وڙ - وڪڙ پاڇا اچ - وڃ ڪري رهيا آهن. محلات مان ڪنهن عورت جي رودن جو آواز اچي رهيو آهي. هڪ ڪليءَ ۾ مردانو اوور ڪوٽ لٽڪيو پيو آهي، جيڪو پاڻ بنا چهري جي آهي پر ان جو پاڇو عجيب عجيب خوفناڪ صورتون ۽ نقش ٺاهي رهيو آهي. دريءَ مان روشنيءَ جي لڪير ٻاهر اچي رهي آهي.)

... ...

(ڪئميرا رام تي. رام جو سڄو بدن پسيني سان ٻڏو پيو آهي. ساهه ٽڪڙا ٽڪڙا کڄي رهيا آهن. اوچتو رام جون اکيون کلن ٿيون ۽ هڪدم بستري تي اٿي ٿو وهي. بٽڻ دٻائي روشني ڪري ٿو، جڳ مان ڀري پاڻيءَ جو گلاس پيئي ٿو. سامهون ديوار ڏانهن نهاري ٿو. ديوار عام ديوارين جهڙي آهي. چپن ۾ ڀڻ ڀڻ ڪري، سئچ آف ڪري سمهي ٿو پوي ۽ ڪٽي ٿو اکيون بند ڪري.

نظارو بدلجي ٿو. اجمير جي درگاهه. ڪئميرا مزار تان ٿيندي اندرئين حجري تي وڃي ٿي رڪجي. ساڳي رقاصا. مٿي تي ڪاري پوتي ۽ بدن تي نيرو لباس. وار اڇا. اکين ۾ چمڪ ۽ منهن ۾ مهڪ. لهڪاريل ۽ پرتل، پر چهري تي نور. هوءِ ڳائي رهي آهي.)

رقاصا : توبهه توبهه!

حقون بہ رکہ، ناحقون بہ رکہ!
دنيا ڪوڙي، سائين سچو!
سچو! ڙي دنيا کان سچو.

(نظارو بدلجي ٿو. ڪئميرا اٿاهه ساگر تي. لهرون لڏي ڪڏي رهيون آهن. سامهون کان هڪ مانجهي ڳائيندو ٿو وڃي.)

مانجهي : پنڌ رهيو "دلگير" نہ باقي ٿيو ٿي پنڌ اڇهاڳ،
پنهنجي ماڳ ڏي هلندو هل تون، توڏي ايندي ماڳ،
هلندو هل تون - چاهه سان چل تون،
دور نہ تنهنجو گهاٽ! مسافر...

(مانجهي دور ٿيندو ٿو وڃي. سمنڊ ڪارسرو ٿيندو ٿو وڃي.
فيڊ آئوٽ.)

... ...

(فيڊ ان. پردي تي لکيل آهي :)

٣١ مارچ ١٩٨٧
منگل

(رام جو فليٽ. ڊرائنگ روم. صبح جو وقت. رام ڪوچ تي اڪيلو ويٺو آهي. ڪنڊ کان ٽيليفون پيو آهي. ٻئي ڪمري مان مهيندر ٻاهر اچي ٿو. هو بلڪل سنجيدل آهي. هٿن جي پنيان پنيان رکشا بہ اچي ٿي ۽ مهيندر کي بريف ڪيس ڏئي ٿي.)

مهيندر : ڊئيڊي، هاڻي طبيعت ڪيئن آهي؟

خوب ناڙيون وڄائن ٿا. اوچتو رام جي ارد گرد ناچ ڪندڙ ماڻهو غائب ٿي ٿا وڃن. رام عجب مان هال طرف نهاري ٿو. هال بہ بلڪل خالي آهي - ڪنهن پريت جي ڪليل محل وانگر ڀيانڪ! دور دور تائين خالي خالي ڪرسيون پيون آهن. رام اچي ٿو اسٽيج جي ديوار جو سهارو وٺي بيهي ٿو رهي.)

....

(ڪئميرا رام تي. رام ننڊ ۾ آهي. بدن تي اڃا پسينو اٿس. گهرا ساهہ کڻي رهيو آهي. ڪئميرا وري ديوار تي. ديوار تي ڪجهہ ٻيا نظارا نمودار ٿين ٿا.

سنڌ ۾ ڪنهن مسلمان وڏيري جي محفل. ڪن تي فراسون وڇيل ۽ طول وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي ڪي وڏيرا ويٺا آهن. ٻيا ماڻهو آس پاس دائرو ڏيو بيٺا آهن. محفل ۾ دارونءَ جو دور چالو آهي. هڪ ڪاري پرڪشش نازنين رقص ڪري رهي آهي. تماشبينن جي بيقراري ڏسڻ جهڙي آهي.)

رقاصا : اصل مان ڪين هيس اهڙي،
مگر پٽيئين ڪيو ڪارو،
توهان جي عشق جي سهڻا،
اِها مون وٽ نشاني آ!

(اوچتو محفل بدلجي ٿي وڃي. تماشبين بدلجي ٿا وڃن، پر رقاصا ساڳي آهي.)

رقاصا : ڏينهن ٿيا توکي ڏٺي، توکي ڏسڻ آئي آهيان،
خير ڏهنجي حسن جو، توکان گهرڻ آئي آهيان.

(نظارو بدلجي ٿو. رقاصا ڏوهارين واري ڪٺهري ۾ بيٺي آهي. جج فيصلو ٻڌائي ٿو.)

جج : تو خون ڪيو آهي. عدالت توکي ڦاسيءَ جي سزا ٿي ڏئي ...

ڊولي : چڱو، هاڻي مان وڃان ٿي.

(ڊولي وڃي ٿي. هن جي عمر سٺ کان ٻه مٿي آهي. سنهڙي، قد جي ننڍي. سانوري پر آتم وشواس سان ڀرپور.)

... ...

(ڊولي، رام جي فليٽ جو ڪال بيل وڄائي رهي آهي. رڪشا در کولي ٿي. ٻئي ڊرائنگ روم پار ڪري رام جي بيڊ روم ۾ وڃن ٿيون. رام گهريءَ ننڊ ۾ آهي ۽ کونگهرا هڻي رهيو آهي.)

ڊولي : چار ته ٿي ويا آهن پر پڪيءَ ننڊ مان اُٿارڻ ٺيڪ نه ڪونهي.

(رڪشا چپ آهي.)

ڊولي : چڱو، مان وري اچان ٿي. ڪجهه ڪم نه رهيل آهن، پورا ڪري اچان.

(ٻئي ٻاهرين ڪمري ۾ اچن ٿيون. ڊولي وڃي ٿي. رڪشا اُتي ئي ويٺي آهي. ڪجهه ئي دير ۾ ڪوچ کي ٺيڪ ڏيئي ڪٽي ٿي اکيون بند ڪري. اوچتو رام جي ڪمري مان ڪرڪڻ جو آواز ٿو اچي. رڪشا هڪدم اُٿي رام جي ڪمري ڏانهن وڃي ٿي. رام ڇاتيءَ تي هٿ رکي سور دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سندس سڄو بدن پگهر سان ڀريو پيو آهي.)

رام : (ڏڪيءَ ۽ ٽٽل آواز ۾) سُور - زبردست سُور - هتي، هتي جهل.

(رڪشا رام جي ڇاتيءَ تي هٿ رکي ٿي.)

رام : ڏڪي - او او او - سُور - سهڻ کان ٻاهر آهي ... واهگرو - واهگرو -

(رام جي حالت رڪشا جا حوصلا خطا ٿي ڪري ڇڏي. رڪشا رڙ ٿي ڪري ڇوي.)

رام : پر طبيعت جو مزاج اڄ ڪلهه سمجهه ۾ ئي ڪونه ٿو اچي. پل ۾ تولو پل ۾ ماسو.

مهيندر : اڄ ته ڪوئي آئوٽ فائيو پروگرام ڪونه اٿوَ نه ؟

رام : اڄ جسلوڪ وينديس بلڊ ٽيسٽ لاءِ.

رڪشا : اڪيلا ؟ ڪير هلندوَ ساڻ ؟

رام : ڊوُلي هلندي. اپريل جي ٻارهين تاريخ ڊ ٻئيءِ وينديس. دل ته ڪانهي پر...

مهيندر : "نہ" نٿا ڪري سگهو ائين ؟

رام : دلوارن جي دل رکڻي پوندي آهي. ڊ ٻئيءِ وارا سڀڻ منهنجو ٧٥ - هون جنم - دن اتي ملهائڻ ٿا چاهين. ڏاڍيون تياريون ڪيون اٿائون. وري به جيڪا مالڪ جي مرضي.

مهيندر : چڱو ڊئڊي.

(مهيندر ٻاهر ڏانهن وڃي ٿو. پٺيان پٺيان رڪشا به وڃي ٿي. ڪئميرا گهڙيال تي. اٺ لڳا آهن. گهڙيال ڏنڊلو ٿي ٿو وڃي. هاڻي ان ۾ ڏيڍ لڳو آهي. ڪئميرا ديوار تان ٿيندي ڪوچ تي ويٺل رڪشا کي ڪوَر ٿي ڪري. رڪشا پاڻي پي رهي آهي. ڪال بيل وڄي ٿو. رڪشا گلاس ٽپائيءَ تي رکي ٻاهر وڃي ٿي. ڪئميرا رڪشا سان گڏ ئي پٺن ٿي ڪري. رڪشا در کولي ٿي. رام ۽ ڊوُلي اندر اچن ٿا. ٽيئي اندر ڊرائنگ روم ۾ اچن ٿا. رام ڪوچ تي وهي ٿو.)

رڪشا : ڇا چيائون ؟

ڊوُلي : آرام. آرام جي سخت ضرورت اٿس. هڪ بلڊ ورتائون. ٻي وري روٽي کائڻ کان پوءِ ٽيسٽ لاءِ ڪيندا.

رام : (رڪشا کي) پٽ، هاڻي مان ڪجهه کائي آرام ڪندس.

(ڊوُليءَ ڏانهن منهن ڪري) مون کي چئين ٻجي اُٿارجانءِ. جسلوڪ هلنداسين.

۾ پاڻي اچي ٿو وچيس ۽ ڪٽي ٿي منهن هٿن ۾ لڪائي. ڊاڪٽر لڪاڻي خاموش آهي. رام جي مرتڪ شرير تي ڪئميرا. چهري جو ڪلوز- اپ.)

....

شانتا ڪروز. شمشان ڀومي.

(چڪيا ٺهي پيئي آهي. چوطرف مڪمل خاموشي آهي. رام جو سپتر مهيندر چڪيا کي اگني ڏئي ٿو. باه جون جيڀون مٿي اونچيون اڀرن ٿيون. ان پرڪاش ۾ اتي بيٺل ماڻهن جا چهرا ڪجهه عجيب لڳي رهيا آهن. ان وقت سوتردار جو آواز اچي ٿو، جيتوڻيڪ هن جو چهرو پردي تي ڪونه ٿو اچي. پردي تي جلندڙ چڪيا نظر اچي ٿي.)

سوتردار : ڀڳوان شري ستيه سائين بابا جا امولڪ وچن آهن ته : ”هي جڳت هڪ وشال رنگ منچ آهي. جنهن تي اسان جو جيون ناٽڪ ٿيندو رهي ٿو. اسان مان هرڪو ڪلاڪار آهي. چوڌاري مايا جو تال هلي رهيو آهي. ان مايا جي تال تي جيون جهومي رهيو آهي.“

۽ جهومندي جهومندي، نچندي نچندي، ڳائيندي ڳائيندي، اسان جو مها پراڻ رام وڃي ٻرهم ۾ لين ٿيو، تد روپ ٿيو. جل جل ۾ ملي ويو. اگني اگنيءَ سان ملي وئي. وايو وايوءَ سان ملي ويو. آڪاش آڪاش سان ملي ويو ۽ پرٿوي پرٿويءَ سان ملي وئي. باقي رهجي ويو :

اوم شانتي شانتي.

(چڪيا جي اگني هڪ جوت جو روپ ڌارڻ ٿي ڪري. چئني پاسي اندڪار آهي. جوت اننت ياترا ڪري رهي آهي. تارا، گره، پنڊ سڀ پوئتي ڇڏجندا ٿا وڃن. جوت جي اننت ياترا جاري آهي. واڀو منڊل ۾ ”اوم اوم اوم“ جي گمڀير ڌوني گونجي رهي آهي.)

رڪشا : ڇوڪري، جاڻو، دؤلي، رتنا اؤر ڊاڪٽر ڪملا لکاڻي ڪو بلائو- جلدي ڪرو ...

ڇوڪري : اَيي آئي.

(ڪم واري ڇوڪري تڪڙو تڪڙو ٻاهر وڃي ٿي. رام جو سُور ڪان وهلور وڃڻ جاري آهي. رڪشا هڪ گوري ۽ پاڻيءَ جو گلاس رام کي ڏئي ٿي، پر رام نه ٿو وٺي.)

رام : (سُور ڪان پريشان ٿي) واهگرو- واهگرو- ستنام- سُور- ڏاڍو سُور-

(رام کي تمام گهڻو پسينو اچي رهيو آهي. ان وقت ڊاڪٽر ڪملا لکاڻي، دؤلي ۽ رتنا اندر اچن ٿيون. ڊاڪٽر لکاڻي هڪدم رام جو بلڊپريشر چيڪ ٿي ڪري.)

ڊاڪٽر لکاڻي : (بلڊپريشر ڏسي) ڪافي لو ٿي ويو آهي- ڪافي لو -

رام : (سُور ڪان سهڪندي) ستنام- ستنام- واهگرو- واهگرو- بابا، مان وڃانءَ ٿو- مان وڃانءَ ٿو- ستنام- واهگرو ....

(ڪنهن کي ڪجهه سمجهه ۾ ڪو نه ٿو اچي ته ڇا ڪري. رام جي حالت خراب ٿيندي ٿي وڃي.)

ڊاڪٽر لکاڻي : هن حالت ۾ ڪجهه ڪري به نه ٿو سگهجي. طبيعت ڪجهه ...

رام جي بگڙجندڙ حالت ڪوئي ڏسي نه ٿو سگهي. دؤلي، رتنا چاهي رڪشا جون اکيون آليون ٿي ٿيون وڃن. ڊاڪٽر ڪملا لکاڻي پاڻ کي سنڀالي بيٺي آهي.)

رام : واهگرو- واهگرو- ستنام- ستنام- واهگرو ... مان- مان وڃان ٿو ....

(رام پورگي ٿو وڃي. دؤلي ۽ رتنا "پاپڙا" چئي رام جي مٿان ڪري ٿيون پون. رڪشا ڪان سڏڪو نڪري ٿو وڃي. اکين

پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان






پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان







پدم شري پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان







پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هنڌن سان





پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان






پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان





پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان





پروفيسر رام پنجواڻي الڳ الڳ هستين سان





انتم يادگار : چيٽي چنڊ جو ميلو



ڪار جمخانا ۾ - رام پنجواڻي ٢٧ مارچ ١٩٨٧



رنگ ڀون ۾ رام پنجواڻي ٣٠ مارچ ١٩٨٧